# سوشلزم
# 50 سوال ۽ انهن جا جواب

WWW.MARXIST.COM

WWW.MARXIST.PK



## سوشلزم 50 سوال ۽ انهن جا جواب

“سيئي حق ۽ واسطا پبلشر وٽ محفوظ آهن”

سنڌيڪار : ايڊووڪيٽ مزمل عمر

ڇاپي جو انگ : 500

ڇاپي جي تاريخ : مارچ 2025ع

ڇپائيندڙ : لال سلام پبليڪيشن، خورشيد بلڊنگ، 110 ايبٽ روڊ، لاهور

فون نمبر : 021-36311122

پرنٽر : ياسر عمير

قيمت :

Email: editor@marxist.pk

MARXIST.PK

MARXIST.COM

## سوال

1- ڪميونزم ڇا آهي؟

2 - پرولتاريہ ڇا آهي؟

3 - ڇا پرولتاريہ (پورهيت طبقو) هميشہ موجود هو؟

4 - پرولتاريہ ڪيئن پيدا ٿيو؟

5- ڪهڙين حالتن هيٺ پرولتاريہ (پورهيت) پنهنجي محنت جي سگهہ بورجوازي طبقي وٽ وڪڻڻ لاءِ مجبور ٿي پوندو آهي ؟

6- صنعتي انقلاب کان اڳ پورهيت طبقي جي شڪل ڪهڙي هئي؟

7- ڪهڙن بنيادن تي پرولتاريہ (پورهيت) غلامن کان مختلف آهي؟

8 - ڪهڙن بنيادن سبب پرولتاريہ (پورهيت) هارين کان مختلف هوندو آهي؟

9 - ڪهڙيون حالتون پرولتاريہ کي هنرمندن کان الڳ ڪنديون آهن؟

10- ڪهڙن بنيادن سبب پرولتاريہ (پورهيت) گهريلو ڪاريگر يا ننڍي پئماني جي صنعت جي پورهيتن کان مختلف هوندو آهي؟

11- صنعتي انقلاب جي نتيجي ۾ ڪهڙيون طاقتون پيدا ٿيون جنهن ڪري سماج بورجوا ۽ پرولتاريہ (پورهيت) طبقن ۾ ورهائجي ويو؟

12- صنعتي انقلاب جا ٻيا ڪهڙا اثر ظاهر ٿيا؟

13 - هر ڀيري ايندڙ واپاري بحرانن مان ڪهڙا نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا؟

14- هي نئون سماجي نظام ڪهڙي قسم جو هوندو؟

15- ڇا خانگي ملڪيت جو خاتمو اڳ ۾ ناممڪن هو؟



16- ڇا پرامن طريقي سان نجي ملڪيت جو خاتمو ممڪن آهي؟

17- ان انقلاب جو طريقو يا رستو ڪهڙو هوندو؟

18- ڇا اهو ممڪن آهي تہ اهو انقلاب صرف هڪ ملڪ ۾ ڪامياب ٿي سگهي؟

19- خانگي ملڪيت جي خاتمي جا ڪهڙا نتيجا نڪرندا ؟

20- ڪميونسٽ نظام جا خاندان تي ڪهڙا اثر پوندا؟

21- قومن يا قوميتن بابت ڪميونزم جو رويو ڪهڙو هوندو؟

22- مارڪسزم ڇا آهي؟

23- مارڪسزم، لينن ازم ۽ ٽراٽسڪي ازم ڇا آهن؟

24- جمهوريت ۽ سوشلزم هڪ ئي وقت ڪيئن گڏ ٿي سگهن ٿا؟

25- سوشلزم تحت پيداوار کي سماجي ڪيئن بڻايو ويندو ۽ ناڻي کي ڪيئن ورهايو ويندو؟

26- ويڳاڻپ ڇا آهي؟

27- ڪنهن دور جا غالب نظريا ڪهڙا هوندا آهن؟

28- تاريخ ۾ فرد جو ڪردار ڪهڙو آهي؟

29- سماج جا مادي بنياد ڪهڙا آهن؟

30- سماجي ارتقا جا ڪهڙا قانون آهن؟

31- سرمائيداريءَ جو تاريخي رجحان ڇا آهي؟

32 - گلوبلائيزيشن ڇا آهي؟

33- غربت ۽ اڻبرابري ڏينهون ڏينهن ڇو وڌي رهي آهي؟

34- گهڻ قومي (ملٽي نيشنل) ڪمپنيون ايتريون طاقتور ڇو آهن؟

35- ڇا سرمائيداريءَ خلاف وڙهڻ بنا عالمي مالياتي فنڊ ۽ ورلڊ بئنڪ خلاف وڙهي سگهجي ٿو؟

36- سياٽل، پراگ ۽ وينس وغيره ۾ ٿيل مظاهرن پويان ڪهڙا ڪارڻ هئا ؟

37- ڇا هڪ مختلف قسم جي سماج جو نهڻ ممڪن آهي؟

38- ماڻهو جڏهن چون ٿا ته هو سوشلسٽ آهن ان جو مطلب ڇا آهي؟

39- ڇا اهو ممڪن آهي ته سرمائيداري نظام سان وڙهڻ بنا ڪنهن هڪ اداري يا فرد خلاف وڙهجي؟

40- انقلاب ڇا آهي؟

41- انقلابي پارٽي ڇا هوندي آهي؟

42- انقلابي پارٽي ڇو ضروري هوندي آهي؟

43- ڪميونسٽ پڌرنامي سياسي جدوجهد جي طريقن بابت بنيادي مارڪسي اصول پيش ڪيا هئا؟

44- سوشلزم جي اڻٽر هئڻ بابت مارڪس جي راءِ ڪهڙي هئي؟

45- تاريخ جو مادي تصور ڇا آهي؟ (لينن جي وضاحت)

46- مارڪسزم جو فلسفو (جدلياتي ماديت) ڇا آهي؟



47- طبقاتي جدوجهد ڇا آهي؟

48- ٽراٽسڪيءَ جو مطالعي بابت ڪهڙو خيال هو؟

49- مسلسل (لڳاتار) انقلاب ڇا آهي؟

50 - ڇا سوويت يونين جو ٽٽڻ سوشلزم جي ناڪاميءَ ڪي ثابت نٿو ڪري؟

## سوال -1: ڪميونزم ڇا آهي؟

جواب : هڪ غير استحصالي ۽ غير طبقاتي سماج لاءِ پرولتاريہ (مزدور طبقي) جي جدوجهد ۽ مارڪسي انقلابي نظريي جي بنياد تي ٺاهيل نظام کي ڪميونزم چئبو آهي. ان نظام ۾، ڪنهن بہ فرد وٽ اها ملڪيت ناهي هوندي جيڪا ٻين جو استحصال ڪري، يعني ذاتي ملڪيت. پيداوار جا وسيلا پورهيت طبقي جي گڏيل ملڪيت هوندا آهن. هن نظام ۾ هر ڪنهن کان ان جي قابليت موجب ڪم ورتو ويندو آهي ۽ هن کي سندس ضرورت مطابق اجورو ڏنو ويندو آهي. ذهني ۽ جسماني محنت جي وچ واري ورڇ ختم ٿي ويندي آهي. سماج جي هر فرد جي گهرج يعني کاڌو، ڪپڙا، رهائش، تعليم، صحت وغيره سڀ هڪ ئي بنياد تي ڏنا ويندا آهن. هن نظام ۾ ماڻهو بيروزگاريءَ ۽ بيڪاريءَ جي لفظن کان اڻواقف هوندا آهن. بيماري، بک، جهالت، غربت ۽ ٻيون سموريون سماجي برائيون، جيڪي سرمائيداراڻي نظام جون ڏنل هونديون آهن، ختم ٿي وينديون آهن. هڪ آزاد خوشحال ۽ حقيقي انساني سماج اصل ۾ هن نظام ۾ آهي.

## سوال -2: پرولتاريہ ڇا آهي؟

جواب : پرولتاريہ سماج جو اهو طبقو آهي جنهن وٽ پنهنجي بقا لاءِ پيداوار جي وسيلن جي مالڪي نہ هجي ۽ هو زندگيءَ جي ضرورتن جي حاصلات لاءِ محنت وڪڻڻ تي مجبور هوندو آهي. سرمائيداراڻي نظام ۾ هو پنهنجي پيدا ڪيل ڪنهن بہ سرمائي تي نفعي جو پورو حقدار ناهي. سندس خوشي ۽ غم، زندگي ۽ موت، جنهن تي ان جي بقا جو دارومدار آهي، محنت جي طلب، سني يا خراب ڪاروبار ۽ بي لغام ڇٽا پيٽيءَ تي ٻڌل هوندي آهي. مطلب تہ پرولتاري طبقي مان مراد پورهيت عوام آهي جيڪو صنعتن ۾ وڃي پنهنجي محنت جي طاقت سرمائيدارن کي وڪرو ڪري ٿو. اهو اصطلاح 19 صدي عيسويءِ ۾ آيو.



## سوال -3: ڇا پرولتاريہ (پورهيت طبقو) هميشہ موجود هو؟

جواب : ان جو جواب نہ آهي، غريب ۽ پورهيت ماڻهو هميشہ موجود رهيا آهن ۽ پورهيت ماڻهو هميشہ غريب رهيا آهن. پيداواري عمل دوران پيداواري ذريعن ۽ پيداواري اوزارن تي چند ماڻهن جي مالڪيءَ سبب غريب ۽ پورهيت طبقو اڀري آيو.جيڪو صنعتي دور ۾ وجود ۾ آيو پر سندس اها حالت ابدي نہ هئي. چو تہ آزاد ۽ غير منظم مقابلو هميشہ موجود نہ هو.

## سوال -4: پرولتاريہ ڪيئن پيدا ٿيو؟

جواب : پرولتاريہ صنعتي انقلاب ۾ پيدا ٿيو جيڪو 18 صدي جي وچ ڌاري انگلينڊ ۾ آيو ۽ بعد ۾ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ بہ پکڙجي ويو. ٻاڦ واري انجڻ، اسپننگ مشين، پاور لوم ۽ ٻين ٽيڪنالاجي ڊوائيسز ۽ مشينن جي ايجاد صنعتي انقلاب جي پرپا ٿيڻ جو ڪارڻ بڻيون. هڪ طرف، ايجاد ڪيل مشينون مهانگيون هيون ۽ ان وقت وڏا سرمائيدار ئي نهرائي ۽ خريد ڪري سگهن پيا. هنن مشينن جي پيداوار ۽ پيداوار جي عمل جي قديم ذريعن جي جاءِ والاري. جيئن ئي اسپننگ مشين ۽ پاور لوم، چرخن ۽ آڏاڻن کان وڌيڪ پيداوار ڏني، تيئن تيئن پراڻو نظام آهستي آهستي ختم ٿيندو ويو. جيتوڻيڪ نئين نظام جي ڪري جدت ۽ پيداوار ۾ واڌارو ٿيو، پر انهن مشينن تي بورجوا (سرمائيدار طبقي جي قبضي سبب سڄي صنعت سرمائيدارن جي هٿن ۾ هلي وئي ۽ مزدورن وٽ معمولي ملڪيت آاڏاٽا ۽ اوزار، وغيره) بيڪار ٿي پئي. ان کان پوءِ سڀ شيون ۽ صنعتي عمل سرمائيدارن جي قبضي ۾ اچي ويا ۽ مزدورن کي پيداوار جي سڀني ذريعن ۽ وسيلن کان محروم ڪيو ويو.اهڙيءَ ريت آڏاڻن تي نهنڊڙ ڪپڙن واري نظام جي جاءِ ٽيڪسٽائل انڊسٽريءَ ورتي ۽ اهڙيءَ طرح صنعتي نظام شروع ٿيو.

صنعتڪاريءَ جي اچڻ سان ڪپڙن جي پيداوار ۾ ٻين شعبن ۾ به تيزيءَ سان تبديلي آئي ۽ اهي به صنعتي نظام جو حصو بڻجي ويا. انهن ۾ فوري طور جهڙوڪ ڪتابن جي ڇپائي، ٽانون جي ناهڻ ۽ ڌاتوءَ جو تياريءَ جا پيداواري ڪارخانا شامل هئا. پورهئي جي وڏ ڪان وڏ پورهيتن اندر ورڇ ڪئي وئي. پهرين هڪ مهارت رکندڙ پورهيت، جنهن کي ڪنهن به شيءِ جي پوري ناهڻ جو هنر هو، هاڻي ان شيءِ جو فقط هڪ حصو پيدا ڪري پيو. جنهن سان هن انفرادي ڪم ڪندڙ جي سرگرمي تمام سادي ۽ بار بار مشيني چُرپُر تائين محدود ٿي پئي جنهن کي مشين آزاديءَ سان ۽ وڏيڪ اثرائتي طريقي سان انجام ڏئي سگهي ٿي. پورهيتن جي ورڇ سبب شين جي پيداوار ۾ پهچ تيز ٿي وئي ۽ اها گهٽ سرمائي لڳڻ سبب سستي به ٿي پئي. جنهن هٿرادو ۽ انفرادي طور تي پيدا ٿيندڙ سامان جي جاءِ والاري ورتي. پيداوار جي هن طريقي سان ، ٽيڪنيڪل ۽ فني صلاحيتون ۽ عمل آساني سان ۽ سولائيءَ ساڻ ورجائڻ لڳيون. جنهن جي ڪري پيداوار ۾ تمام گهڻو اضافو ٿيو ۽ مشينن جي ڪري سامان جو معيار به بهتر ٿيو. اهڙيءَ ريت پيداوار جو سمورو عمل صنعتي نظام جي تابع ٿي ويو ۽ ڪتڻ ۽ اونجڻ جو عمل ٻاڦ واري مشينن جو مقروض ٿي پيو. جيتوڻيڪ اهي سڀ وڏيون صنعتون وڏن سرمائيدارن جي هٿ ۾ هليون ويون ۽ پورهيتن جي بچيل آزادي يا خودمختياري ختم ٿي وئي. اهڙيءَ طرح ماهر ڪاريگر ۽ مينيفيڪچر صنعتي نظام سان مطابقت پيدا ڪري ننڍن مالڪن مان وڏا سرمائيدار بڻجي ويا. هنن وڏين صنعتن ۽ ورڪشاپس ذريعي ناٽو ناهڻ شروع ڪيو.اهڙيءَ ريت پورهيتن جي ورڇ جو هڪ نئون نظام وجود ۾ آيو.

انهيءَ عمل جي نتيجي ۾ نسبتاً ترقي يافته ملڪن ۾ سڀ مزدور پنهنجي محنت وڪڻڻ تي مجبور ٿيا ۽ دستڪاريءَ ۽ پيداوار جا سڀ شعبا وڏي ويجهي هڪ وڏي صنعت بڻجي وئي. ان سڄي عمل هڪ خال پيدا ڪيو ۽ اڱوٽي وچولي طبقي يا مدل ڪلاس کي ڇيپاڻي ڇڏيو.



جنهن پورهيتن جي رهڻي ڪهڻيءَ جو پراڻو رويو تبديل ڪري ڇڏيو ۽ اهڙيءَ ريت سماج ٻن طبقن ۾ ورهائجي ويو. به نوان طبقا پيدا ٿيا. جنهن آهستي آهستي سماج جي ٻين فردن کي پنهنجي طبقي يا صفن ۾ شامل ڪيو. اهي طبقا هن ريت هئا.

1- بورجوا (سرمائيدار) طبقو:

جن سيني ترقي يافته ملڪن جي پيداوار جي وسيلن ۽ انهي ڪچي مال ۽ سامان (مشين، ڪارخانن) تي قبضو ڪيو جيڪي پيداواري عمل لاءِ لازمي هئا. هي طبقو بورجوا (سرمائيدار) آهي.

2- پرولتاريه (پورهيت) طبقو:

هن طبقي جي ڪا به ملڪيت نه هئي. انهن کي مجبور ڪيو ويو ته هو پنهنجي محنت جي طاقت کي سرمائيدار طبقي وٽ وڪرو ڪن. جنهن جي بدلي ۾ انهن کي زندگيءَ جي لازم گهربل شيون ملي سگهن. ان طبقي کي پرولتاريه (مزدور طبقو) سڏيو ويندو آهي.

**سوال -5: ڪهڙين حالتن هيٺ پرولتاريه (پورهيت) پنهنجي محنت جي سگهه بورجوازي طبقي وٽ وڪڻڻ لاءِ مجبور ٿي پوندو آهي ؟**

جواب : سرمائيداراڻي نظام ۾ پورهيت جي حيثيت صرف هڪ شيءِ مثل هوندي آهي، ان جومُلھ رڳو انهن قانونن ذريعي طئي ڪيو ويندو آهي جيڪي ٻين شين تي لاڳو ٿيندا آهن. وڏي پيماني تي، صنعتي دور يا آزاد مقابلي جي دور ۾، انساني محنت ۽ جنس هڪ شيءِ وانگر آهن. ڪنهن به نسل جي قيمت جو تعين ان جي پيداوار جي قيمت ۽ روزيءَ لاءِ گهربل ضروري شين جي مقدار تي مشتمل هوندو آهي، ته جيئن پورهيت ڪم ڪندا رهن ۽ ختم نه ٿين ۽ ان جي جاءِ تي پورهيت طبقن کي صرف ايترو ئي ادا ڪيو وڃي جيئن اهي زنده رهي سگهن.

هن نظام ۾ ضروري آهي تہ پورهيت طبقي کي زنده رکيو وڃي تہ جيئن هو صنعت کي هلائيندو رهي ۽ سرمائيدار منافعو حاصل ڪري سگهن. اهي پورهيتن کي سندس خدمتن لاءِ وڌيڪ معاوضو ناهن ڏيندا. پورهيتن کي ڪم جي بدلي ۾ اجرت يا پگهار ايتري گهٽ ڏني ويندي آهي جو سندن حياتيءَ جو سڳو برقرار هجي ۽ هو پنهنجي محنت کي استعمال ڪري سگهن. جيتوڻيڪ، ڪاروبار ڪڏهن سٺو ٿيندو آهي تہ ڪڏهن وري خراب. پورهيت کي ڪڏهن گهٽ اجورو ملي ٿو تہ ڪڏهن وڌيڪ ساڳيءَ ريت پورهيت کي بہ گهٽ ۾ گهٽ اجرت ملي ٿي ۽ نہ وري وڌيڪ. جهڙي نموني ڪارخاني جو مالڪ پنهنجي ڪمائيءَ جي پيداوار جي ملهہ کان گهٽ ۽ نہ وڌيڪ حاصل ڪري ٿو، سٺي ۽ خراب ڪاروبار جي اوسط جي بنياد تي، اهڙيءَ طرح پورهيت کي گهٽ ۾ گهٽ اجرت کان وڌيڪ يا گهٽ پگهار نہ ملندي. جيتري وڌيڪ وڏي پيماني تي صنعت وڌيڪ پيداواري شعبن تي غالب ٿيندي، اوتري وڌيڪ مضبوطيءَ سان اجرت جو هي معاشي قانون لاڳو ٿيندو. سرمائيدار وٽ پيداوار جا وسيلا ۽ پيداوار جا اوزار هوندا آهن. جڏهن تہ پورهيت طبقي وٽ پنهنجي محنت جي قوت وڪڻڻ کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ناهي. ۽ هن کي پنهنجي محنت جي طاقت نہ چاهيندي بہ سرمائيدار کي وڪڻڻي پوندي آهي تہ جيئن هو زنده رهي ۽ پنهنجي خاندان کي پالي سگهي.

## سوال -6: صنعتي انقلاب کان اڳ پورهيت طبقي جي شڪل ڪهڙي هئي؟

جواب : سماجي ترقيءَ جي مختلف مرحلن تي پورهيت طبقو مختلف حالتن ۾ رهندو هو ۽ انهن جي مالڪن يا حڪمران طبقن سان لاڳاپن جي نوعيت بہ مختلف هئي. قديم زماني ۾ پورهيت ماڻهو پنهنجن آقائن جا غلام هوندا هئا، بلڪل اهڙيءَ ريت جيئن اڄ بہ ڪيترن ئي پٺتي پيل ملڪن ۾ ماڻهو ماڻهن جا غلام آهن. وچين دور ۾، پورهيتن جي شڪل هارين واري هئي، جيڪي زميندار اشرافيہ ۽ جاگيردارن جي قبضي ۾ هئا، ۽ اڄ بہ ٽين دنيا جي اڪثر ملڪن ۾ ساڳي حالت آهي. جيستائين



صنعتي انقلاب مڪمل طور تي ظهور ۾ نہ آيو، اهي ڪرائي تي رکيل نوڪر هئا جيڪي ڳوٺن ۾ پيٽي بورجوازيءَ لاءِ ڪم ڪندا هئا. پوءِ آهستي آهستي پيداواري صنعت ترقي ڪئي، جنهن ڪري هنر مند ماهرن جنم ورتو ۽ بعد ۾ صنعتي دور ۾ اهي وڏن سرمائيدارن جي ور چڙهي ويا. اهڙيءَ ريت هنن صنعتي ڪارڪن يا پرولتاريہ جو روپ اختيار ڪيو.

## سوال -7: ڪهڙن بنيادن تي پرولتاريہ (پورهيت) غلامن کان مختلف آهي؟

جواب : غلام هڪ ڀيرو ۽ سڄي ڄمار لاءِ وڪرو ڪيو ويندو هو. جڏهن تہ پرولتاريہ (پورهيت) بہ پاڻ کي وڪڻي ٿو، پر ڏينهن يا ڪلاڪن جي حساب سان. غلام پنهنجي مالڪ جي ملڪيت هوندو آهي. جيڪو هن سان سڄي عمر رهي ٿو، ان جي حالت ڪيتري بہ خراب ڇو نہ هجي، ان جي بقا يقيني هوندي آهي، ڇاڪاڻ تہ هن جي مالڪ جي دلچسپي ۽ مفاد ان ۾ هوندو آهي. پرولتاريہ کي پنهنجي زندگي ۽ بقا جو ڪو بہ تحفظ حاصل نہ هوندو آهي. روزگار سان گڏ ڪاڌو، تعليم ۽ صحت بہ محفوظ نہ هوندي اٿس. سرمائيدار جڏهن چاهي ڪيس روزگار کان برطرف ڪري سگهي ٿو ۽ ڏڪار جو وقت هن جي گهر اچي سگهي ٿو. بقا جي ضمانت صرف پورهيت طبقي کي ملي ٿي. غلام هميشہ مقابلي کان ٻاهر هوندو آهي. جڏهن تہ پرولتاريہ مقابلي جي ڊوڙ ۾ ٻُريءَ طرح ڦاٿل هوندو آهي ۽ ان سان لاڳاپيل هر ذلت برداشت ڪندو آهي. غلاميءَ جو روپ سماج ۾ انسان وانگر نہ بلڪ هڪ شيءِ وانگر هوندو آهي، جڏهن تہ پرولتاريہ هڪ مڃيل ۽ قبوليل سماجي فرد هوندو آهي ۽ سماج جو ميمبر پڻ هوندو آهي. غلام کي پرولتاريہ جي ڀيٽ ۾ بقا جي بهتر ضمانت حاصل هوندي آهي. ڇاڪاڻ تہ هن جو مالڪ هن جي زندگيءَ جي بنيادي ضرورتن جو ذميوار هوندو آهي. جڏهن تہ پورهيت سماجي ترقيءَ جي هڪ اعليٰ مرحلي سان تعلق رکڻ جي باوجود، روزاني جي بنيادي ضرورتن جي عدم تحفظ جو شڪار هوندو آهي. غلام پاڻ کي تڏهن ئي

آزاد ڪري سگهي ٿو جڏهن ذاتي ملڪيت ۾ غلاميءَ جو رشتو ختم ڪيو وڃي. جڏهن هو پورهيت جو روپ ڌاري وٺي ٿو. جڏهن تہ پورهيت پنهنجو پاڻ کي تڏهن ئي آزاد ڪرائيندو آهي جڏهن هو پيداوار جي وسيلن جي ذاتي ملڪيت کي مڪمل طور تي ختم ڪندو آهي.

## سوال -8: **ڪهڙن بنيادن سبب پرولتاريہ (پورهيت) هارين کان مختلف هوندو آهي؟**

جواب : جاگيرداري نظام ۾ مزدور کي هاري چيو ويندو آهي. هڪ هاريءَ وٽ زمين جو هڪ ٽڪرو هوندو آهي. جنهن کي هو پيداواري مقصدن لاءِ استعمال ڪندو آهي. جيتوڻيڪ، هو پابند هوندو آهي تہ پيداوار يا محنت جو وڏو حصو پنهنجي مالڪ يعني زميندار کي ڏئي. پرولتاريہ پيداوار جي جديد اوزارن جو مالڪ ناهي هوندو جن سان هو ڪم ڪندو آهي، پر پنهنجي پيداوار لاءِ اجرت وصوليندو آهي. هاري ڪجهہ ڏئي ٿو جڏهن تہ پرولتاريہ حاصل ڪري ٿو. هارين جي بقا يقيني هوندي آهي جڏهن تہ پرولتاريہ جي بقا يقيني ناهي هوندي. پرولتاريہ وٽ ڪو متبادل ناهي هوندو. هاري آزاد مقابلي جي ڊوڙ کان ٻاهر هوندو آهي. جڏهن تہ پرولتاريہ مقابلي جي دنگل جو حصو بڻجيو وڃي. هڪ هاري پنهنجو پاڻ کي تڏهن ئي آزاد ڪري سگهي ٿو جڏهن هو ڪنهن ڳوٺ يا شهر ڏانهن ڀڄي وڃي ۽ صنعتي نظام جو حصو بڻجي وڃي. ۽ اتي هُو هڪ ماهر يا ڪاريگر جو روپ وٺي يا وري هُو پنهنجي مالڪ يعني زميندار کي پيداوار يا نقد رقم ڏئي تہ پوءِ هو هڪ آزاد هاري بڻجي پوندو. هن جي آزادي تڏهن بہ ٿيندي آهي جڏهن هو زميندار کي ماري ڇڏي ۽ پاڻ زمين جو مالڪ بڻجي پئي. مختصر اهو تہ، هُو ٻي صورت ۾ مالڪن جي طبقي ۽ ڊوڙ ۾ شامل ٿئي. پرولتاريہ، ان جي ابتڙ، پاڻ کي صرف ان صورت ۾ آزاد ڪري سگهي ٿو جڏهن هو مقابلي جي ڊوڙ، نجي ملڪيت ۽ طبقاتي ورڇ جي هر قسم کي ختم ڪري ڇڏي.



## سوال -9: **ڪهڙيون حالتون پرولتاريہ کي هنرمندن کان الڳ ڪنديون آهن؟**

جواب : 18 صدي عيسويءَ تائين ڌرتيءَ تي هر هنڌ ڪاريگر هئا. اڄ بہ هُو دنيا جي مختلف علائقن ۾ ملي ٿو. هُو جزوي يا عارضي طور پرولتاريہ آهي پر هن جو مقصد ناڻو حاصل ڪرڻ هوندو آهي تہ جيئن هو ان حساب سان ٻين پورهيتن جو استحصال ڪري ناڻي کي وڌائي سگهي. گهڻو ڪري، هُو هن مقصد کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو. جتي اڃا تائين ڪاٽيج انڊسٽري يا گهريلو صنعت موجود آهي يا جتي انفرادي پيداوار کي ايتري آزادي نہ ڏني وئي آهي جو دستڪاريءَ جي عمل يا انتظام کي سماجي صنعت ۾ تبديل ڪيو ويو آهي ۽ اڃا تائين سخت مقابلي جي صورت ۾ ترقي نہ ٿي آهي اتي ڪاريگر موجود آهن. پر جيئن ئي هنرمند جي نظام جي جاءِ تي صنعتي نظام وڌيو تہ مقابلي جو رجحان پيدا ٿي پيو. تڏهن هنرمند يا تہ ماڊل ڪلاس ۾ تبديل ٿي يا سرمائيدار بڻجي پاڻ کي آزاد ڪرائي ورتو. يا وري مقابلي جي ڊوڙ (صنعتي عمل) ۾ شامل ٿي پرولتاريہ جو روپ اختيار ڪيائون. هاڻي هو پاڻ کي پرولتاريہ جي منظم تحريڪ سان ڳنڍجڻ سان ئي استحصال جي نظام کان آزاد ٿي سگهي ٿو. جيڪو آخري تجزيي ۾ ڪميونسٽ يا مزدور تحريڪ ۾ گهٽ وڌ شعوري بنيادن تي شامل ٿيڻ جي نتيجي ۾ ئي ممڪن آهي.

## سوال -10: **ڪهڙن بنيادن سبب پرولتاريہ (پورهيت) گهريلو ڪاريگر يا ننڍي پئماني جي صنعت جي پورهيتن کان مختلف هوندو آهي؟**

جواب : گهريلو ڪاريگر 16هين صدي عيسوي کان 18 صدي عيسوي تائين پيداوار جي اوزارن جو مالڪ رهيو آهي. هن وٽ آڏاڻا ، چرخا ۽ ٻين اوزارن سميت زمين جا ننڍا ننڍا پلاٽ پڻ هئا، جتي هو واندڪائيءَ

جي وقت ۾ زراعت ڪندو هو. پر پرولتاريہ وٽ پيداوار جي وسيلن سميت ڪجهہ بہ نہ هوندو آهي. گهريلو ڪاريگر سدائين پنهنجي سردار يا سربراهہ سان جڙيل هوندو آهي. هو پنهنجي مالڪ يا ملازم سان پيداواري تعلق پيدا ڪري ٿو. ان جي ابتڙ پرولتاريہ وڏن ڳوٺن يا شهرن ۾ جتي صنعتي ادارا هوندا آهن اتي رهندو آهي. هن جو تعلق هن جي آجر ساڻ نقد رقم جي بنياد تي هوندو آهي. گهريلو ڪاريگر وڏي پئماني تي وڌندڙ صنعت جي تابع ٿي پنهنجي ملڪيت وڃائي ويهي ٿو ۽ پرولتاريہ جو روپ اختيار ڪري ٿو.

## سوال -11: صنعتي انقلاب جي نتيجي ۾ ڪهڙيون طاقتون پيدا ٿيون جنهن ڪري سماج بورجوا ۽ پرولتاريہ (پورهيت) طبقن ۾ ورهائجي ويو؟

جواب : جڏهن صنعت ۾ پيداواري عمل جي جاءِ تي مشينون آيون تہ شين جا اگهہ گهٽجڻ شروع ٿيا. جنهن سبب ڪاريگرن يا هٿ سان ٺهيل شين جو نظام تباهہ ٿي ويو. اهڙيءَ طرح نيم بربري ملڪ، جيڪي تاريخي ارتقا کان ڏور هئا ۽ جن جي معاشي توجہ ان وقت پيداواري صنعت تي هئي، تن کي اڪيلائيءَ مان ٻاهر ڪڍيو ويو. انهن انگريزن جي ٺاهيل سامان کي مارڪيٽ ۾ اچڻ جي اجازت ڏني، جيڪي نسبتاً سستا هئا ۽ پنهنجي هنرمندن کي تباهہ ڪيائون. اهي ملڪ جن ۾ هزارين سالن تائين ڪا بہ ترقي نہ ٿي هئي، اهي نئين انقلاب ۽ تبديليءَ جي عمل جي اثر هيٺ اچي ويا. اهي تبديليون هندستان ۽ چين ۾ بہ ٿيون. انگلينڊ ۾ ٺاهيل هڪ اڪيلي مشين لکين ڪاريگرن ۽ هنرمندن جي جاءِ والاري ۽ انهن جي مارڪيٽ کسي ورتي. صنعت جي وسيع پکيڙ سبب زمين تي رهندڙ سڀ ماڻهو هڪ ٻئي سان ڳنڍجي ويا ۽ آهستي آهستي سموريون ننڍيون وڏيون مارڪيٽون بين الاقوامي مارڪيٽ ۾ تبديل ٿي ويون. صنعتي انقلاب جي مهربانيءَ سان ترقيءَ ۽ تهذيب جا نوان در کلي پيا. گهٽيون شيون ترقي يافتہ ۽ ڪنهن حد تائين اعليٰ تهذيب يافتہ ملڪن مان گهٽ ترقي يافتہ ۽ پٺتي پيل مهذب ملڪن ڏانهن منتقل ٿيون. انهي ڳالهہ ثابت ڪيو تہ ترقي يافتہ ملڪن ۾ جيڪو ڪجهہ ٿيندو ان جا اثر سڀني ملڪن تي پوندا. اهو ئي سبب آهي جو اڄ جيڪڏهن انگلينڊ يا فرانس جا پورهيت انقلاب ڪن ٿا تہ ان جا اثر دنيا جي ٻين ملڪن تي بہ پوندا ۽ جلد يا دير سان اتي انقلاب جنم وٺندا. جنهن جي نتيجي ۾ پورهيتن جي حقيقي معنيٰ ۾ آزاديءَ ۽ ترقيءَ جو عمل شوع ٿيندو.

ٻئي پاسي صنعتي نظام صنعتڪاري پيداوار جي جاءِ والاري تہ صنعتي انقلاب بورجوا (سرمائيدار) جنم ورتو ۽ پنهنجي دولت ۽ طاقت کي انتها تي پهچايو. ايستائين جو ان کي ملڪ جي پهرين مراعات يافتہ طبقي ۾ تبديل ڪري ڇڏيو. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو سرمائيدار طبقي سياسي اقتدار ۽ اختيار پنهنجي هٿن ۾ وٺي، اشرافيہ ۽ جاگيردارن کي حڪمرانيءَ کان محروم ڪري ڇڏيو ۽ سندن سموري طاقت ۽ ادارن کي تباهہ ڪري ڇڏيو. انهن کان زمينن سميت ٻيون مراعتون بہ کسي ورتيون ۽ انهن جي جڳهہ تي وڏي پئماني تي، هڪ وسيع صنعتي نظام کي استعمال ڪندي، آزاد مقابلي جي فضا کي هٿي ڏني. اها صورتحال اهڙي هئي جو سماج جي هر فرد کي ڪنهن نہ ڪنهن طريقي سان هن نظام يا صنعتي عمل جو حصو بڻجڻو پيو ۽ اهڙن عنصرن کي جيڪي سرمائي جي نئين نظام جي راهہ ۾ رنڊڪ بڻيل هئا، تباهہ ڪيا ويا. آزاد مقابلي جي رجحان ۾، عام طور تي اهو اعلان ڪيو ويو تہ سماج جا سڀ فرد برابر نہ آهن ڇو تہ انهن وٽ هڪ جيترو ناڻو يا سرمايو ڪونهي ۽ اهڙيءَ ريت جيڪي وڏيڪ سرمائي وارا آهن اهي بورجوازي ۽ سماج جي مٿين طبقي جا فرد بڻجي پيا. سرمائيداراڻي نظام ۾، صنعت جي وسيع پئماني تي توسيع ۽ مقابلي جو رجحان اڻٽر آهي، ڇاڪاڻ تہ اها اڪيلي سماجي ڪيفيت يا حالت آهي، جنهن ۾ صنعتڪاريءَ جو وسيع عمل پنهنجي جاءِ وٺي ٿو. گلڊ ماسٽر ۽ وڏيرن جي سماجي طاقت ۽ حيثيت کي تباهہ ڪرڻ کان پوءِ،

بورجوازيءَ سندن سياسي طاقت کي ختم ڪري ڇڏيو. سماج ۾ پهريون نمبر حاصل ڪرڻ بعد سياست ۾ بہ اعليٰ مقام حاصل ڪيائين. ان صنعت ۽ آزاد مقابلي جي شڪل کي قانوني بڻايو ۽ پوءِ سيني ملڪن ۽ رياستن جي آئين جو لازمي حصو بڻايو. سياسي عمل ۾ چوندن ۽ نمائندگيءَ جو نظام متعارف ڪرايو ويو. جنهن جو بنياد بورجوا برابريءَ تي هو. يورپ ۾، هن آئيني بادشاهت جي صورت اختيار ڪئي، جنهن ۾ صرف انهن کي ووٽ ڏيڻ جو حق هو، جن وٽ ناڻو هو. مطلب تہ رڳو سرمائيدار ئي ووٽ ڏيڻ ۽ چوندن ۾ حصو وٺڻ جا اهل هئا. اهي بورجوا اڳواڻن جي چوندٻ ڪندي قانون سازي ۽ ٽيڪسيشن جي عمل کي ناهيندي هڪ بورجوا حڪومت قائم ڪندا هئا.

ٿيون تہ هر جڳهہ تي برپا ٿيندڙ صنعتي انقلاب ساڳيءَ طرح پرولتاريہ کي پيدا ڪيو. بلڪل ائين جيئن ان ترقيءَ ۽ ترقيءَ جي ارتقائي عمل دوران بورجوازيءَ جي پرورش ڪئي. پرولتاريہ بہ پنهنجي تعداد جي لحاظ کان ائين ئي وڌندو رهيو، چو تہ رڳو سيڙپڪاري ئي پرولتاريہ جو تعداد وڌائي سگهي پئي. ان ڪري جيئن جيئن سرمائيداري ۽ صنعتڪاري وڌندي وئي، تيئن تيئن پرولتاريہ جو انگ بہ وڌندو ويو. اهڙيءَ طرح بورجوازي ۽ پرولتاريہ وڏن شهرن ڏانهن اچڻ لڳا جتي صنعتون وڌيڪ نفعو ڏين ٿيون ۽ اهڙيءَ ريت ماڻهن جو وڏو تعداد هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ منتقل ٿئي ٿو. اهڙيءَ ريت پرولتاريہ هڪ صنعت ۾ هڪ جاءِ تي رهڻ سان پنهنجي اجتماعي طاقت جو چڱيءَ طرح اندازو لڳائي ٿو. وڌيڪ اهو تہ، جتي اهو طريقو وڌيڪ ترقي يافتہ ٿيندو آهي، اتي دستڪارن جي بدران مشينن کان ڪم وٺڻ جو عمل تيز ٿيندو ويندو آهي. صنعتي توسيع وڏي پيماني تي ٿيندي آهي، پر پرولتاريہ جي اجرت گهٽ کان گهٽ ٿيندي ويندي آهي. انهن جون سختيون ۽ بيروزگاري ڏينهون ڏينهن وڌندي ويندي آهي ۽ حالتون ان سطح تي پهچنديون آهن جو پرولتاريہ لاءِ ناقابل برداشت ٿي پونديون آهن. پوءِ هڪ پاسي پرولتاريہ جو عدم اطمينان ۽ ٻئي طرف هن جي وڌندڙ طاقت ان کي



مجبور ۽ قائل ڪري ٿي تہ هو پنهنجون حالتون بدلائي ۽ انقلاب لاءِ اٿي کڙو ٿئي. پوءِ اهو صنعتي انقلاب پرولتاري سماجي انقلاب بڻجي پوي ٿو.

## سوال -12: صنعتي انقلاب جا ٻيا ڪهڙا اثر ظاهر ٿيا؟

جواب : ٻاڦ واري انجڻ ۽ ٻين مشينن جي ايجاد جي ڪري وڏي پيماني تي صنعتي نظام جو جنم ٿيو ۽ محدود وقت ۾ گهٽ قيمت تي صنعتي پيداوار ۾ بيشمار اضافو ٿيو ۽ ان پيداوار جي نتيجي ۾ وڏي پئماني تي صنعتي نظام ۽ آزاد مقابلي جي سوچ پنهنجي انتهائي حد تائين پهتي. صنعتڪاريءَ جي عمل ۾ سرمائيدارن جو وڏو انگ شامل ٿيو. پيداواري عمل تيز ٿيڻ سبب ضرورت کان وڌيڪ شيون مارڪيٽ ۾ اچي ويون، جنهن جي نتيجي ۾ تيار ٿيل شيون مارڪيٽ ۾ وڪرو نہ ٿي سگهيون. هڪ نالي ماتر واپاري بحران ظاهر ٿيو. جنهن سبب ڪارخانا بند ٿي ويا، انهن جي مالڪن جو ڏيوالو نڪري ويو ۽ پورهيت روزيءَ کان محروم ٿي پيا. هر پاسي معاشي بحران ۽ بدحالي پکڙجي وئي.

ڪجهہ وقت کان پوءِ اضافي پيداوار وڪرو ٿيڻ لڳي. ڪارخانا وري هلڻ لڳا. اجرت وڌندي وئي ۽ پوءِ آهستي آهستي ڪاروبار اڳي کان بهتر ٿيندو ويو. بهرحال اها صورتحال گهڻو وقت نہ هلي سگهي ۽ وري سامان اضافي پيداوار جي صورت ۾ مارڪيٽ ۾ آيو ۽ اڳ وانگر وري هڪ نئون بحران شروع ٿي ويو. اڻويهين صديءَ جي شروعات کان وٺي اڄ تائين، سرمائيداري پنهنجي عروج ۽ زوال مان گذري رهي آهي ۽ لڳ ڀڳ هر پنجن ستن سالن کان پوءِ لڳاتار اهي بحران پيدا ٿيندا رهيا، جنهن سبب پورهيتن جي زندگي اجڙي وئي. ان صورتحال ۾ سڄي نظام جي بقا کي انقلابن جي عام رجحانن کان خطرو رهي ٿو.

## سوال -13: هر پيري ايندڙ واپاري بحرانن مان ڪهڙا نتيجا ڪڍي سگهجن ٿا؟

جواب : پهرين تہ، وڏي پيماني تي صنعتڪاريءَ جي عمل آزاد واپاري مقابلي جي رجحان کي جنم ڏنو ۽ هاڻي سرمائيداري آزاد مقابلي جي حدن کي اورانگهي چڪي آهي. صنعتي پيداوار ۾ وڏي پيماني تي، مقابلي ۽ صنعتي پيداوار جي انفرادي تنظيم لازمي طور تي جمود جو شڪار ٿيڻ بعد ختم ٿي ويندي آهي. جيستائين وڏي پئماني جي صنعت پنهنجي موجوده حالت ۾ جاري رهندي آهي، ۽ تڏهن ئي زندھ رهي سگهي ٿي جڏهن اها وقفي وقفي سان لڳاتار بحرانن کي برداشت ڪندي رهي. پر بحران نہ رڳو سماج جي تمدن ۽ ثقافت جي تباهيءَ جو ڪارڻ بڻجندو آهي، پر سرمائيدار طبقي کي، جنهن ۾ پرولتاريہ جي زندگيءَ جي غير مطابقت رکندڙ حالتن سميت پورجوا طبقي جو بہ ڏيوالو ڪڍي ڇڏيندو آهي، جيتوڻيڪ انهن بحرانن کان بچڻ لاءِ يا تہ صنعتڪاريءَ جي ان سڄي عمل کي ڇڏي ڏجي، جيڪو هاڻي ناممڪن آهي. ٻي صورت ۾ اهو لازم ٿي پئي ٿو تہ هڪ مڪمل طور تي نئين سماجي تنظيم، سماجي نظام کي ٻيهر هلائي، جنهن ۾ صنعتي پيداوار پنهنجي مالڪن جي وچ ۾ آزاد مقابلي جي بنياد تي نہ پر سڄي سماج جي مجموعي ضرورتن جي بنياد تي هلي ۽ هن پيداواري عمل کي هر فرد جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي جاري رکڻ گهرجي.

ٻيو، وڏي پيماني تي صنعتڪاري ۽ پيداوار جي لامحدود واڌ ويجھ سبب ، اهو ممڪن آهي تہ هڪ سماجي نظام قائم ڪيو وڃي، جنهن ۾ زندگيءَ جي ضرورتن لاء پيداوار ايتري مقدار ۾ حاصل ڪري سگهجي ٿي جو سماج جو هر فرد پنهنجي سڀني صلاحيتن کي استعمال ڪري سگهي جيڪو مڪمل طور تي آزاد ماحول ۾ ڪم ڪرڻ جي قابل بہ هجي. جڻ تہ وڏي پئماني تي صنعتڪاري ۽ پيداواري صلاحيت جي باوجود سماجي اٿل پٿل ۽ تجارتي بحران جو بنيادي سبب نئين سماجي جوڙجڪ ۽ نئون نظام نہ هجڻ آهي. جيڪڏهن پراڻي نظام کي متائي



نئون نظام آندو وڃي ۽ صنعتن کي هلائڻ لاءِ هڪ نئين سماجي تنظيم کي وجود ۾ آندو وڃي تہ تمام خراب صورتحال ختم ٿي ويندي ۽ مارڪيٽ جا سڀ بحران ۽ سماجي اٿل پٿل غائب ٿي ويندا.

ان ڪري اهو واضح ٿئي ٿو تہ:

-1 سموريون سماجي برائيون (بک، غربت، جهالت، پسماندگي، بيماري، بيروزگاري وغيره) ان سماجي نظام جي ڪري آهن، جيڪو موجوده حالتن سان نهڪندڙ ناهي.

-2 هڪ نئين سماجي نظام ذريعي سڀني سماجي برائين جي خاتمي لاءِ سموري پيداواري عمل تي قبضي ڪرڻ جي ضرورت آهي اهڙا موقعا ۽ حالتون پوريءَ ريت تيار آهن جو سڀني سماجي براين کي ختم ڪري هڪ نئون سماجي نظام جوڙي سگهجي

## سوال -14: هي نئون سماجي نظام ڪهڙي قسم جو هوندو؟

جواب: هن نظام تحت، سڀ کان پهريون سڄي صنعتن ۽ پيداوار جي ٻين سڀني شعبن تي انفرادي يا سرمائيدارن جي قبضي کي ختم ڪرڻو پوندو. هن نئين نظام تحت، سڀ ڪارخانا سڄي سماج کي گڏجي ڪميونل بنيادن تي هلايا ويندا، جنهن جو بنياد گڏيل منصوبابندي ۽ سماج جي هر فرد جي شموليت بنا ڪنهن فرق ۽ تخصيص جي هوندو. ٻين لفظن ۾، اهو نظام مقابلي جي رجحان کي ختم ڪري ڇڏيندو ۽ ان کي جڙت سان تبديل ڪندو. سرمائيداراڻي نظام ۾، صنعتن جي نجي مالڪي فرد يا سرمائيدارن جي پهچ جي ڪري فرد جي هٿ ۾ آئي آهي، جنهن جو نتيجو لازمي طور تي نفعي ۽ تباهيءَ جي صورت ۾ نڪرندو آهي. مقابلي جي رجحان جي ڪري، سڄي صنعت صرف ڪجھ ماڻهن ڏانهن وڃي ٿي، جنهن جو مطلب آهي تہ نجي مقابلي ۽ صنعت جي انفرادي انتظام کي الڳ نہ ٿو ڪري سگهجي. تنهن ڪري، نجي ملڪيت جي هر شڪل کي تباھ ڪيو وڃي ۽ پيداوار جي عمل ۾

تعاون جي بنياد تي سماجي تنظيمن کي تبديل ڪيو ويندو ۽ سموري پيداوار کي باهمي معاهدي تحت استعمال ڪجي، يعني مال گڏيل ملڪيت هجڻ گهرجي. مختصر لفظن ۾، مال جي نام نهاد مالڪيءَ جو خاتمو دراصل نجي ملڪيت جي خاتمي سان ئي ممڪن آهي، ۽ اهو ئي اڪيلو اٽتر ۽ عمل جوڳو طريقو آهي، جنهن سان سڄو معاشرتي نظام بدلجي وڃي ٿو، ۽ جنهن کي صنعت جي ترقيءَ ضروري بڻائي ڇڏيو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو ڪميونسٽ هميشہ اهو چوندا آهن جو نجي ملڪيت جي خاتمي ڪانسواءِ، نئون سماجي نظام ۽ ترقي ممڪن ڪونهي.

## سوال -15: ڇا خانگي ملڪيت جو خاتمو اڳ ۾ ناممڪن هو؟

جواب: ها، سماجي نظام ۾ هر تبديلي، ملڪيت جي لاڳاپن ۾ هر انقلاب جي ضرورت آهي تہ نئين پيداواري قوتن کي هٿي ڏني وڃي، جيڪو پراڻي پيداواري نظام ۽ ملڪيت جي لاڳاپن ۾ ممڪن ناهي هوندو. اهڙيءَ ريت ئي ذاتي ملڪيت پاڻ پيدا ٿي هئي. ذاتي ملڪيت هميشہ کان نہ هئي. جڏهن اسان وچين دور جي پڇاڙيءَ تي نظر وجهون ٿا تہ اسان کي پيداوار جا نوان طريقا پيداوار جي صورت ۾ سامهون ايندي نظر اچن ٿا. جيڪي ان زماني ۾ زميندارن يا هارين جي مالڪيءَ جي تابع نہ ٿي سگهيا پئي. اهڙيءَ طرح پراڻن ملڪيتن جي لاڳاپن مان پيداوار پيدا ٿي ۽ اهڙيءَ طرح ملڪيت جي هڪ نئين شڪل کي جنم ڏنو، جيڪا ذاتي ملڪيت جي صورت ۾ ظاهر ٿي.

پيداواري ۽ وسيع صنعتي ترقيءَ جي پهرئين مرحلي ۾، ذاتي ملڪيت ئي ملڪيت جي واحد ممڪن صورت هئي ۽ ان تي منحصر سماجي نظام ئي واحد ممڪن سماجي نظام هو. جيستائين سيني لاءِ ڪافي پيداوار حاصل ڪرڻ ممڪن نہ هو، تيستائين سماجي سرمائي کي وڌائڻ ۽ ڪجهہ اضافي پيداوار ذريعي پيداواري قوتن کي ترقي ڏيڻ لاءِ هڪ غالب حڪمران طبقي جي ضرورت هئي. بورجوا طبقي جنهن جي



جاءِ والاري. ان جي ابتڙ ، پيداواري اوزارن کي هلندڙ رکڻ لاءِ پيداواري قوتن کان ٻاهر سماج ۾ ٻين ماڻهن جي ضرورت هئي، جنهن کي هڪ غريب ۽ استحصالي طبقو هئڻ گهرجي پيو ۽ اهڙيءَ ريت هڪ رستو طئي ڪيو ويو. جنهن تحت اهي طبقا هڪٻئي جي پيداواري رشتي ۾ اچي گڏ ٿيا. طبقي جي جوڙجڪ جو دارومدار ان ڳالهہ ۾ هوندو آهي تہ پيداوار ڪهڙي مرحلي تي آهي. وچين دور ۾ پيداوار جو دارومدار زراعت تي هوندو هو ۽ انهيءَ عمل دوران جاگيردار ۽ هاري طبقا پيدا ٿيا، ان دور جي آخري دور ۾ اسان کي مختلف ڳوٺن ۽ شهرن ۾ گلڊ ماسٽرز ۽ ڏهاڙيدار مزدور بہ نظر اچن ٿا. 17 صدي عيسويءَ ۾ ڪوٽيج انڊسٽريز ۽ ڪوٽيج ڪرافٽ نظر اچن ٿا. جڏهن تہ 19هين صديءَ ۾ پيداواري قوتن جي توسيع غير معمولي سطح تي ٿي هئي ۽ اج بہ تمام ٿوري وقت ۾ انهن کي اڳتي وڌائڻ جا وسيلا موجود آهن. ٻيو، جڏهن اهي پيداواري قوتون چند بورجوا هٿن ۾ مرڪوز ٿي ويون آهن ۽ ماڻهن جو هڪ وڏو تعداد پرولتاريہ ۾ تبديل ٿي ويو آهي، تڏهن سرمائيدارن جي دولت بيحد وڏي وئي آهي ۽ ماڻهن جي حالت انتهائي خراب ۽ ناقابل برداشت ٿي وئي آهي. ٽيون، هي زبردست ۽ آسان طريقي سان وڌندڙ پيداواري قوتون ذاتي ملڪيت ۽ بورجوازيءَ جي حدن کان ايترو اڳتي وڌي چڪيون آهن جو ڪنهن بہ وقت سماجي نظام ۾ وڏي تباهي آڻي سگهي ٿيون. هاڻي حالتون اهڙي موڙ تي پهچي چڪيون آهن جو نہ رڳو نجي مالڪي جي خاتمي جو امڪان پيدا ٿي ويو آهي پر اهو عمل هر حال ۾ هر صورت ۾ لازمي ٿي پيو آهي.

## سوال16 : ڇا پرامن طريقي سان نجي ملڪيت جو خاتمو ممڪن آهي؟

جواب: جيڪڏهن اهو پرامن بنيادن تي ممڪن هجي ها تہ اهو ضرور ڳهربل هجي ها ۽ ڪميونسٽ ان جي مخالفت ڪندڙن جي صفن جي تابع نہ هجن ها. ڪميونسٽ ڄاڻن ٿا تہ سموريون سازشون نہ رڳو بي مقصد آهن پر نقصانڪار بہ آهن. هو چڱيءَ ريت ڄاڻن ٿا تہ انقلاب نہ

خواهشمند سوچ آهن، نہ خواهشن سان انقلاب آڻي سگھجن ٿا ۽ نہ ئي انقلاب مصنوعي طريقي سان آڻي سگھجن ٿا. بلڪ هر هنڌ ۽ هر وقت اهڙا اٽٽر سبب ۽ ضروري حالتون هونديون آهن، جيڪي انقلاب جو ڪارڻ بڻجن ٿيون. اهي حالتون ۽ خواهشون انفرادي ڪوشش ۽ طبقن کان بالاتر هونديون آهن. پر اهو شايد عام آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ سڀني مهذب ملڪن ۾ پرولتاريہ جي ارتقا کي طاقت جي زور تي دٻايو ويو آهي. اهڙيءَ طرح ڪميونسٽن جا مخالف بہ پنهنجي پوري توانائيءَ سان انقلاب جي راهہ هموار ڪندا آهن. جيڪڏهن استحصالي پرولتاريہ کي انقلابي عمل ۾ حصو وٺڻ تي مجبور ڪيو وڃي تہ ڪميونسٽن لاءِ اهو ضروري ٿي پوي ٿو تہ هو عمل جي دنيا ۾ پرولتاريہ جي مقصدن جو اهڙيءَ ريت دفاع ڪن، جيئن اڳ ۾ انهن جو دفاع خيالن يا لفظن ذريعي ڪندا رهيا آهن.

سوشلسٽ انقلاب ۾ پرامن طريقي سان نجي ملڪيت جو خاتمو ڪرڻ ممڪن آهي، پر حڪمران پاڻ پنهنجي ختم ٿيندڙ نظام کي بچائڻ لاءِ وحشيانہ تشدد جو رستو اختيار ڪن ٿا. اهو ئي سندن رياست جو مقصد آهي پر حڪمران ميڊيا ۽ غالب سماجي رجحان ان سڄي تشدد کي هڪ الزام بڻائي ان کي پرولتاريہ ۽ انقلاب تي مڙهيندا آهن.

## سوال17 : ان انقلاب جو طريقو يا رستو ڪهڙو هوندو؟

جواب: پرولتاري انقلاب ۾، سڀ کان پهرين، پرولتاريہ جي سياسي حڪمراني قائم ڪئي ويندي، سڌي يا اڻ سڌي طرح، مالي سرمائي جي آمريت کي ختم ڪري ۽ حقيقي جمهوري آئين کي لاڳو ڪيو ويندو. ڪجھہ سڌريل ملڪن ۾ عوام جي اڪثريت پرولتاريہ ۾ تبديل ٿي وئي آهي، جڏهن تہ ڪجھہ ملڪن ۾ عوام جي اڪثريت نہ رڳو پرولتاريہ پر هاري ۽ پيٽي بورجوازي بہ انهن ۾ شامل آهن، جيڪي بہ پرولتاريہ بڻجي رهيا آهن. اهڙيءَ ريت انهن جا مفاد بہ پرولتاريہ جي مفادن سان جڙيل هوندا آهن ۽ سي بہ پنهنجي سياسي مفادن لاءِ پرولتاريہ جي



جدوجهد تي ڀاڙين ٿا. ان ڪري پرولتاريہ جي مطالبن کي اپنائڻ انهن لاءِ لازمي ناهي هوندو. اهڙي جمهوريت پرولتاريہ لاءِ مڪمل طور تي بي معنيٰ هوندي جيڪڏهن اها فوري طور تي نجي ملڪيت جي خاتمي ۽ پرولتاريہ جي زندگي جي معيار کي بلند ڪرڻ جي ضمانت نہ ڏئي. موجوده لاڳاپن جي لازمي نتيجي لاءِ جيڪي قدم کنيا ويندا سي هيٺ ڏنل آهن.

1- ٽيڪس وڌائڻ ذريعي خانگي ملڪيت کي محدود ڪرڻ. موروثي ملڪيت جو خاتمو. بين الاقوامي مالياتي ادارن جي قرضن جي ادائيگيءَ کان انڪار ۽ ٻيا قدم.

2- سڀني ڳرين صنعتن ۽ غالب صنعتن، زراعت ۽ مالياتي ادارن تي قبضو ڪرڻ. زمينن، ڪارخانن، ريل گاڏين، بئنڪن ۽ جهازن جي مالڪن کي بي دخل ڪرڻ.

3- عوام يعني پرولتاريہ جي مخالفن ۽ ملڪ ڇڏي ڀڄي ويندڙ باغين جي ملڪيتن تي مڪمل قبضو.

4- زمينن، ڪارخانن ۽ ڪم جي سڀني جڳهن کي پورهيتن جي جمهوري ڪنٽرول ۾ ڏيڻ، صنعتن ۾ مزدورن جي وچ ۾ مقابلي جي رجحان کي ختم ڪرڻ.

5- صنعتي عمل کي تيز ڪرڻ لاءِ جهنرمند ڪاريگرن جي فوج تيار ڪرڻ ۽ خاص طور تي زراعت جي شعبي ۾ جديد سائنسي تقاضن کي ڪتب آڻيندي وڌيڪ پيداوار ماڻڻ.

6- مالياتي نظام کي مرڪز جي تابع بنائڻ ۽ سمورا معاملا رياست جي نگرانيءَ ۾ هلائڻ. رياستي سرمائي سان هڪ نيشنل بئنڪ جو قيام جيڪا مالياتي معاملن کي مڪمل طور سنڀالي، ڳڏوڳڏ خانگي بئنڪن جو مڪمل خاتمو.

7- قومي صنعتن ۾ ترقي، ورڪشاپس، ريل گاڏين ۽ بحري جهازن ۾ بهتري ۽ ترقي. زمين جي نئين پلاٽن تي پوک لاءِ تياري ڪرڻ ۽ اڳ ۾ پوکيل ايراضيءَ کي وڌيڪ بهتر بنائڻ.

8- تعليم جي طبقاتي نظام جو مڪمل خاتمو، هڪجهڙو نصاب ۽ معياري تعليم متعارف ڪرائڻ. سڀني ٻارن کي تعليم ڏيڻ، انهن جي تعليم جي شروعات جلد کان جلد ڪرڻ جيئن ئي اُهي پنهنجي مائرن جي سنڀال يا ضرورت کان آزاد ٿين. قومي سطح تي تعليم ۽ پيداوار جي عمل کي جڙيل طريقي سان هلائڻ جو وڏي پئماني تي انتظام.

9- صنعت ۽ زراعت سان لاڳاپيل ماڻهن لاءِ قومي زمين تي جديد گڏيل رهائش گاهن جي تعمير ۽ شهري ۽ ٻهراڙيءَ جي زندگيءَ جي ڪارآمد پهلوئن کي سنڌن طرزِ زندگي سان جوڙڻ ته جيئن هڪ طرفي ڇڪتاڻ ختم ٿئي ۽ خرابيون ختم ڪري سگهجن.

10- صحت، تعليم ۽ ٻين بنيادي ضرورتن جي مفت فراهمي ڇو ته اهي مراعتون نه پر ڪنهن به مهذب سماج ۾ بنيادي انساني حق آهن.
ٽرانسپورٽ جا سڀ وسيلا قومي تحويل ۾ وٺڻ.

هن عمل ۾ هڪ قدم کڻڻ سان، ٻيو سنڌس پيروي ڪندو. انهيءَ عمل ۾ سڀ کان پهريون نجي ملڪيتن تي ڀرپور حملو لازم هوندو آهي، پوءِ پرولتاريه اڳتي وڌڻ تي مجبور ٿيندو، ۽ پوءِ هُو سڄي سرمائي، رياست، زراعت، صنعت، ٽرانسپورٽ، واپار ۽ ٻين شعبن کي رياست جي ڪنٽرول هيٺ آڻڻ تي سوچيندو، جيڪا مزدورن جي جمهوري ڪنٽرول هيٺ هوندي. انهن عنصرن جي مرڪزيت سبب ترقيءَ جي عمل تي سنا اثر پون ٿا ۽ جهڙيءَ ريت پرولتاريه جي ڏينهن رات محنت سبب پيداواري قوتون ترقي ڪن ٿيون، تيئن اهي سڀ شعبا به ترقي ڪن ٿا. آخرڪار، جڏهن سمورو سرمايو، سموري پيداوار ۽ ٻيو سمورو ڪاروبار عوام جي گڏيل هٿن ۾ منتقل ٿي وڃي ٿو، تڏهن نجي ملڪيت تباهه ٿي وڃي ٿي. روپيو پئسو بي معنيٰ ٿي پوي ٿو ۽ جڏهن



پيداوار جو مقصد نفعي جي لالچ کان بدلجي زندگيءَ جي ضرورتن جي فراهميءَ ۾ تبديل ٿي ويندو ته پيداوار ايتري وڌي ويندي جو انساني حالت بلڪل بدلجي ويندي. انساني حالتن بدلجڻ سان سماجي رشتن جي آخري پراڻي شڪل به تبديل ٿي پوندي.

## سوال18 : ڇا اهو ممڪن آهي ته اهو انقلاب صرف هڪ ملڪ ۾ ڪامياب ٿي سگهي؟

جواب : ان جو جواب نه ۾ آهي، بين الاقوامي منڊيءَ جي پيدائش ۽ وڏي پيماني تي صنعتي ترقيءَ سبب، ڌرتيءَ تي رهندڙ سڀ ماڻهو هڪ ٻئي سان جڙيل آهن، خاص ڪري ترقي يافته ملڪن ۾، سماجي ترقيءَ جي لاڳاپن سماج کي ان طرف آندو آهي. جتي عوام ٻن واضح ۽ فيصلائتن طبقن ۾ ورهايل آهي، بورجوازي ۽ پرولتاريه. ۽ انهن ٻنهي جي وچ ۾ هلندڙ ويڙهه ۽ جدوجهد ئي دراصل اڄوڪي دور يا هن دور جي جدوجهد آهي، تنهنڪري ڪميونسٽ انقلاب کي صرف هڪ ملڪ يا قوم تائين محدود ڪري ختم نٿو ڪري سگهجي. ان جي نوعيت جو دارومدار سرمائي جي تيزيءَ سان ترقي ۽ ڪنهن به ملڪ جي صنعت سازيءَ جي عمل ۾ تيزيءَ ۽ ٻين عنصرن تي ٻڌل هوندي آهي. مثال طور، جيڪڏهن اهو هڪ نسبتاً گهٽ ترقي يافته ملڪ ۾ مشڪل سان برپا ٿيندو ته، اهو هڪ ترقي يافته ملڪ ۾ جلدي برپا ٿي پوندو. جنهن جا اثر تمام تيزيءَ سان ٻين ملڪن تي پوري قوت ۽ توانائيءَ سان پوندا. اهو انقلاب سنڌن ترقيءَ جي عمل کي تيز ڪري ڇڏيندو. هي عالمگير انقلاب آهي ۽ ان جي فطرت ۽ نوعيت به اهو عالمي آهي ۽ ان جو دائرو به عالمي آهي.

اهو سچ آهي ته عالمي انقلاب سڄي دنيا ۾ هڪ ئي وقت نه ايندو. لازمي طور تي، اهوڪنهن هڪ قومي رياست ۾ برپا ٿيندو. پر ان ۾ گهڻي وقت تائين رهي نٿو سگهي. ان ڪري، ان کي ڦهلائڻو پوندو، نه ته ٻي صورت ۾ ملڪ ۾ ان جو زوال لازمي ٿي پوندو. پر ڪنهن به سماج مان اسرندڙ انقلاب، عالمي انقلاب جو انتظار نٿو ڪري سگهي،

پر اهو هڪ ملڪ ۾ برپا ٿي ڪري ۽ ٻين ملڪن ۾ پکڙجڻ ۽ انهن ۾ انقلابي عمل کي تيز ۽ مضبوط ڪرڻ جو سبب بڻجندو.

اصل ۾، ڪنهن به ملڪ ۾ ڪامياب انقلاب جي شروعات ٻين ملڪن ۽ باقي دنيا تي فيصلائتا اثر ڇڏيندي. اڄوڪي دنيا ماضيءَ جي مقابلي ۾ هڪ ٻئي سان وڌيڪ ڳنڍيل آهي، آسان لفظن ۾ اها وڌيڪ گلوبلائيز آهي.

## سوال19 : خانگي ملڪيت جي خاتمي جا ڪهڙا نتيجا نڪرندا ؟

جواب: پورهيت ماڻهو پنهنجي گڏيل ملڪيت ۾ سموري پيداواري قوتن، واپار جي وسيلن ۽ شين جي ورڇ ۽ مٽا سٽا جا سمورا معاملا انفرادي هٿن ۾ وٺندا ۽ سڄي سماج جي ضرورتن ۽ دستيابين کي نظر ۾ رکندي منصوبي بنديءَ ذريعي بندوبست ڪندا. ان سلسلي ۾ سڀ کان اهم ترقي موجوده ۽ وسيع صنعت جو مڪمل خاتمو هوندو، جيڪا انفرادي ملڪيت هئڻ سبب ناڪاري نتيجا ڏئي رهي آهي ۽ پوءِ بحران پيدا نه ٿيندا. اضافي پيداوار ۽ جيڪا موجوده نظام ۾ اضافي پيداوار سمجهي وڃي ٿي جنهن سبب معاشي بدحالي ۽ بحران پيدا ٿئي ٿو. اها اضافي پيداوار بي معنيٰ نه رهندي پر ان کي اڳتي وڌايو ويندو. اضافي پيداوار، بحران ۽ بدحالي پيدا ڪرڻ بدران سماج جي هر فرد جي ضرورتن کي پورو پورو تحفظ فراهم ڪندي ۽ پيداوار جا نوان ذريعا به پيدا ڪندي، جنهن جي نتيجي ۾ ترقيءَ جا نوان دور بغير ڪنهن تبديليءَ جي شروع ٿيندا ۽ جاري به رهندا. پر اهو سمورو عمل موجوده (سرمائيدار) سماجي نظام کي ڊاهڻ سان ئي ممڪن ٿيندو.

وڏي پيماني تي صنعتڪاري ملڪيت جي دٻاءُ کان آزاد ٿي ويندي، جديد صنعت ۾ گهريلو دستڪاري جي مقابلي ۾ وڏي پيماني تي وسيع ٿيندي. صنعت ۾ ان قسم جي ترقيءَ سان سماج جي هر فرد جون



ضرورتون آسانيءَ ساڻ پوريون ٿي وينديون. اهڙيءَ ريت زراعت، جيڪا ذاتي ملڪيت ۽ زمين جي ٽڪرا ٽڪرا ٿيڻ سبب تمام گهٽي منافعي واري نه رهي آهي، ان دٻاءَ مان آزاد ٿي پوندي. سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ تي ٻڌل سڌارا يقيني بڻائيندا ته ماڻهن جون ضرورتون پوريون ٿينديون. اهڙيءَ ريت سامان ايتري ڪثرت سان پيدا ٿيندو جو سماج جي هر فرد جون ضرورتون پوريون ٿي وينديون. طبقن جو وجود غائب ٿي ويندو. اها دشمنيءَ واري صورتحال غير ضروري هوندي ۽ نئين سماجي نظام ۾ ان جي ڪا به جاءِ نه هوندي.

محنت جي ورهاڱي جي نتيجي ۾ طبقا پيدا ٿيا. ڏيهاڙيءَ جي ورڇ جيڪا هن وقت موجود آهي، مڪمل طور تي ختم ڪئي ويندي. صنعتي ۽ زرعي پيداوار کي ان سطح تائين وڌائڻ لاءِ رڳو سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ سان ڪيميائي ۽ مشيني سامان تيار ڪرڻ ڪافي نه آهي، جنهن جو اسان ذڪر ڪيو آهي. بلڪ، اهي سامان پيداوار کي پوريءَ ريت ڪتب آڻڻ لاءِ ماڻهن جي صلاحيت ۾ وڌيڪ اضافو ٿيندو. جيئن صنعتي انقلاب جي ڪري ارڙهين صديءَ جي هارين، ڪاريگرن ۽ هنرمندن جي حالت بلڪل بدلجي وئي، اهڙي طرح سماج ۾ اشتراڪي پيداوار جو طريقو به هڪ بلڪل مختلف انسان کي جنم ڏيندو. موجوده طبقن جو خاتمو ٿي ويندو. غير طبقاتي معاشرو پيدا ٿيندو ۽ سماج ۾ گڏيل پيداواري عمل ترقيءَ ۾ اضافي جو سبب بڻبو. پيداوار جي عمل ۾ جدت جي نون عنصرن ۽ وسيلن جي ضرورت پوندي. مجموعي پيداوار صرف چند فردن تائين محدود نه رهندي جيئن اڄ جي بورجوا نظام ۾ آهي. جتي اڄ هر فرد انفرادي طور پيداوار جي هڪ شعبي تائين محدود آهي. ان کي هڪ محدود عمل تائين محدود ڪري ان جو استحصال ڪيو وڃي ٿو، جنهن سبب هُو پوري پيداواري عمل ۾ پنهنجي صرف هڪ صلاحيت کي ترقي ڏيڻ تي مجبور هوندو آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن پيداواري شعبي جي صرف هڪ حصي تائين محدود ٿي

پوي ٿو. مطلب تہ صنعتي عمل سرمائيداراڻي نظام ۾ هڪ فرد کي گهٽ کان گهٽ ڪارائتو بڻائي ٿو.

ڪميونل (گڏيل) صنعت ۽ معيشت سڄي سماج جي گڏيل تعاون سان هلندي آهي جيڪا انساني نسل جي هر فرد جي سڀني صلاحيتن کي استعمال ڪري ٿي ۽ انهن مان ڀرپور فائدو ماڻي ٿي ۽ پيداواري عمل کي ترقي ڏيارڻ جي صلاحيت ۽ گنجائش کي استعمال ڪري ٿي. محنت جو ورهاڱو (سرمائيداري نظام ۾) هڪ شخص کي هاري ۽ ٻئي کي موچي بڻائي ٿو. ٽئين کي صنعت جو ميمبر تہ چوٿين کي اسٽاڪ مارڪيٽ آپريٽر بڻائي ٿي ۽ اهي سڀئي ماڻهو مشين جي تابع هوندا آهن. اها ورچ مڪمل طور تي ختم ٿي ويندي. هن نظام تحت فراهم ڪيل تعليم جلد ئي نوجوانن کي پيداوار جي سمورن عملن ۾ مهارت حاصل ڪرڻ جي قابل بڻائيندي ۽ هڪ شعبي ۾ مهارت حاصل ڪرڻ کان پوءِ اُهي ٻين شعبن ۾ بہ مهارت حاصل ڪري سماج ۽ انسانن جي خدمت ڪري سگهندا ۽ اهڙيءَ طرح هو وڌ کان وڌ فائدو حاصل ڪري سگهندا ۽ سڄي ڄمار بور ڪندڙ نوڪري يا ڌنڌي مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهندا جيڪو اصل ۾ محنت جي ورهاڱي جي رائج نظام سبب آهي جنهن هر ڪنهن کي غلام بڻائي ڇڏيو آهي. ڪميونزم تي ٻڌل سماج هر فرد کي مختلف شعبن ۾ پنهنجي سموري صلاحيتن کي استعمال ڪرڻ جا برابر موقعا فراهم ڪندو. جڏهن اهو عمل شروع ٿيندو، طبقن جو وجود لازمي طور تي غائب ٿي ويندو. اهڙيءَ طرح ڪميونزم جي بنياد تي ٺهيل سماج طبقن جي باهمي ٽڪراءَ ۽ مقابلي کان آزاد ٿي ويندو، اهڙيءَ طرح شهرن ۽ ڳوٺن جو فرق بہ ختم ٿي ويندو.

زراعت ۽ صنعت کي شهرن يا ڳوٺن ۾ رهندڙ ماڻهو بنا ڪنهن ڏکيائيءَ جي هلائڻ جا ماهر ٿيندا. انهن جي وچ ۾ فاصلو اشتراڪي بنيادن تي رابطي سان ختم ٿي ويندو. ڪميونسٽ اصولن تي ٻڌل سماج هڪ طرف طبقن جي وجود کي برداشت نہ ٿو ڪري سگهي تہ



ٻئي طرف اهڙو سماج طبقاتي ورهاڱي کي ختم ڪرڻ جا وسيلا بہ فراهم ڪري ٿو جيڪي طبقن جي ورڇ کي ختم ڪري سگهن. زرعي آباديءَ کي رڳو زمينن سان جوڙڻ ۽ صنعتي آباديءَ کي رڳو صنعتن تائين محدود ڪرڻ هڪ اهڙي ڪيفيت آهي جنهن سان زراعت ۽ صنعت ٻنهي جي ترقيءَ جو عمل کي رڪجي وڃي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح اهو عمل سڄي سماج جي ترقيءَ ۾ رنڊڪ يا رڪاوٽ بڻجي پئي ٿو.

عوام جي گڏيل تعاون جي عمل جي نتيجي ۾ سڀني ماڻهن جو تعاون يا مدد، پيداواري عمل گڏيل منصوبہ بنديءَ هيٺ شموليت ئي پيداوار ۾ واڌ جو سبب بڻجندو، جنهن ۾ هر فرد جون ضرورتون چڱيءَ ريت پوريون ٿينديون. غير يقيني ۽ پريشانيءَ جي صورتحال جو خاتمو ڪيو ويندو. انتشار جو خاتمو ڪيو ويندو ۽ موجوده نظام جنهن ۾ ماڻهن جي اڪثريت جو چند ماڻهن جون ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ڳلو دٻايو وڃي ٿو، کي ختم ڪيو ويندو. طبقا پنهنجن تضادن سميت غائب ٿي ويندا. محنت جي موجوده ورهاڱي واري نظام جي خاتمي ۽ ٻين ڪمن ذريعي پيداوار جي عالمي ذريعن ۾ عالمگير بنيادن تي شراڪت ۽ فائدو، ڳوٺن ۽ ملڪن جي رنڊڪن ۽ سرحدن کان آزاد ٿي ڪري نجي ملڪيت جي خاتمي جا ٻيا بہ ڪوڙ نتيجا نڪرندا.

## سوال20 : ڪميونسٽ نظام جا خاندان تي ڪهڙا اثر پوندا؟

جواب: هن نظام ۾ فردن جي وچ ۾ پيدا ٿيندڙ رشتا حسد، لالچ ۽ منافقت کان آزاد ٿي حقيقي معنيٰ ۾ انساني قدرن تي ٻڌل هوندا. پر اهو صرف نجي ملڪيت جي خاتمي سان ئي ممڪن ٿيندو. ٻارن کي اشتراڪي بنيادن تي تعليم ڏني ويندي. شادي، جيڪا سماجي معاهدي جو هڪ روپ آهي، ان سان زال جو پنهنجي مڙس تي دارومدار يا، ٻارن جي خرچن جو بار سندن والدين تي ۽ انهن جو سندن جي والدين تي پاڙڻ ختم ٿي ويندو، جيڪو نجي ملڪيت جي مهربانيءَ سبب آهي. اسان ڪميونسٽ سماج ۾ عورتن جي گڏيل مالڪيءَ بابت جاهل بورجوا

دانشورن جي تبليغي فرياد جو جواب اهو ڏيون ٿا تہ عورتن جي گڏيل ملڪيت هڪ اهڙي شرط آهي جنهن جو تعلق بورجوازي  سماج سان آهي. جنهن ۾ عورتن جي حيثيت صرف هڪ شيءِ مثل آهي. جنهن کي فحاشيءَ جي اڏن، بازارِ حسن، چڪلن ۽ طوائفيت جهڙن گدلن ڪمن ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويندو آهي. فحاشي اصل ۾ نجي ملڪيت تي ٻڌل آهي. ذاتي ملڪيت ختم ٿيڻ ڪانپوءِ ڪابہ عورت پنهنجي عزت نيلام ڪرڻ تي مجبور نہ ٿيندي. سرمائيداراڻي نظام جي ٽٽڻ ڪان پوءِ عورتن کي غلاميءَ جي جبر ڪان آزاد ڪيو ويندو ۽ جنس جي بنياد تي امتيازي سلوڪ نہ ڪيو ويندو. هوءَ هڪ واقعي خوش ۽ باوقار زندگي گذاريندي. ڪميونل سماج اصل ۾ عورت کي گڏيل ملڪيت بڻائڻ بدران، ان جي ابتڙ ان تعصب کي ختم ڪري ٿو.

سوشلسٽ سماج ۾ خاندان ختم نہ ٿيندو آهي، پر ان جي حيثيت ۽ بنياد تبديل ٿيندا آهن. جتي رشتن مان مفاد پرستي، جذبن مان خود غرضي ۽ لاڳاپن مان مجبوري ۽ محتاجيءَ جو هڪدم خاتمو ٿي پوي ٿو.

## سوال21 : قومن يا قوميتن بابت ڪميونزم جو رويو ڪهڙو هوندو؟

جواب : قومون اتحاد جي تابع ٿينديون، ماڻهو هن نظام ۾ هڪ ٿي پوندا، اُهي هڪ ٻئي سان اهڙيءَ طرح رلي ملي ويندا، جو مذهب، رنگ، نسل، علائقي يا وطن جي بنياد تي سڀ تعصب ۽ نفرتون ختم ٿي وينديون. قومي غيرت ۽ ثقافت جي نالي تي ذلت ۽ رسوائين سميت ماضيءَ جون سڀ ظالماڻيون رسمون ختم ٿينديون. سڀني ثقافتن جي خوبصورت حصن کي وڌايو ويندو. سڀني ٻولين جي ترقي ۽ ترويج لاءِ وسيلا ميسر هوندا. قومي جبر ۽ استحصال جو خاتمو ٿيندو. سڀني قومن جو هڪ سوشلسٽ فيڊريشن ۾ شامل ٿيڻ مڪمل طور تي رضاڪارانہ هوندو، جتي سرمائي ۽ ملڪيت جي حوس جو جبر نہ هوندو. ان سان سوشلسٽ سماج مختلف رنگن، نسلن، ٻولين ۽ ثقافتن جو هڪ



خوبصورت گلدستو بڻجي پوندو، جنهن ۾ تعصب ۽ نفرت ڪان پاڪ سماج، خوبصورت جذبن ۽ احساسن کي جنم ڏيندو. جتي هي سماج انسانيت کي سڀ ڪان وڏي اتحاد.... انسانيت جي هڪ اعلي ۽ وڏيڪ خوشحاليءَ جي پيماني تي پهچڻ لاءِ ممڪن بڻائيندو. هن نظام ۾ هڪ وقت اهڙو بہ اچي ٿو جتي طبقاتي ورڇ سميت هر قسم جي ٻي ورهاست مڪمل طور تي ختم ٿي پوي ٿي، ماڻهو گڏجي رهن ٿا. پر اهي سموريون حاصلاتون حاصلات ذاتي ملڪيت جي خاتمي سان ئي ممڪن آهن.

## سوال22 : مارڪسزم ڇا آهي؟

جواب: ڪارل مارڪس (1818-1883) جي خيالن جو مجموعو مارڪسزم سڏجي ٿو. مارڪس اڻويهين صديءَ جي ٽن وڏن نظرياتي رجحانن کي پنهنجي عروج تي پهچايو. ڪلاسيڪل جرمن فلسفو، برطانوي سياسي معيشت ۽ تاريخي ماديت. جيتوڻيڪ سندس مخالف بہ اهو مڃڻ تي مجبور آهن تہ مارڪس جا سڀ ڪان وڏيڪ مربوط ۽ جامع نظريا سڄي جدلياتي ماديت ۽ سائنسي سوشلزم کي ٺاهين ٿا ۽ سڄي دنيا جي ملڪن ۾ مزدورن جي تحريڪن جا نظريا ۽ پروگرام جوڙين ٿا. اهي ئي آهن سوشلسٽ انقلاب جو بنياد آهن ۽ ڪميونل سماج جي حاصلات لاءِ بڻ بنياد جي حيثيت رکن ٿا.

## سوال23 : مارڪسزم، لينن ازم ۽ ٽراٽسڪي ازم ڇا آهن؟

جواب: اهو اصطلاح عام طور تي انقلابي مارڪسسٽن لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي (اهڙا ماڻهو جيڪي اهو سمجهن ٿا تہ موجوده نظام کي بدلائي نئون نظام جوڙجي)، جڏهن تہ اصلاح پسندن جو خيال آهي تہ سرمائيداري نظام کي رحمدل بڻائي سگهجي ٿو، جيڪو ظاهري طور تي ناممڪن آهي. لينن ازم حقيقت ۾ مارڪس جي خيالن کي سامراجي غلاميءَ (يعني مالي سرمائيداريءَ ۽ اجارادارين جي تسلط جي دور ۾ نو-

ڊيموگرافڪ دنيا تي وڏين طاقتن جي مڪمل تسلط جو دور) ڪان وڌيڪ ڪجھ بہ نہ آهي.

پر مارڪسزم يا لينن ازم بابت اجا بہ مونجھارو موجود آهي. ڪجھ ماڻھو اسٽالن ۽ مائو جا جڏهن تہ ٻيا ٽراٽسڪيءَ جا پيروڪار آهن. اسٽالن ۽ مائو مارڪسسٽ نہ هئا حقيقت ۾، اهي مارڪسزم جي نظرين جي بگڙيل ۽ چيپاٽيل رجحانن جي نمائندگي ڪندا هئا چاڪاڻ تہ سندن نظام ۾ رياست جو بنياد مزدورن جي جمهوري ڪنٽرول بدران بيوروڪريٽن جي آمراڻي غلبي جي بنيادن تي قائم هو. جيڪي پورهيتن جي رياست جي جسم تي جُونئن وانگر چنبڙيل هئا.

ٽراٽسڪي ازم (جنهن 1924ع ۾ لينن جي وفات ڪان پوءِ، اسٽالن جي رجعت پسند پاليسين سان اختلاف رکندڙن جي اڳواڻي ڪئي) دراصل مارڪسزم ۽ لينن ازم جو تسلسل ئي آهي پر ڪيترائي ماڻھو پنهنجو پاڻ کي اسٽالنسٽن ڪان ڌار ڪرڻ لاءِ ٽراٽسڪي ازم جو اصطلاح استعمال ڪندا آهن. جيتوڻيڪ ڪيترائي مارڪسسٽ ٽرانسڪي ازم کي مارڪسزم ۽ لينن ازم جو تسلسل سمجھڻ باوجود پاڻ کي مارڪسسٽ اسٽالن اسٽ سڏائڻ تي راضي آهن، چاڪاڻ تہ ان جي ڪيترن ئي پيروڪارن اهڙيون انتها پسند ۽ الٽرا ليفٽ واريون پاليسيون اختيار ڪيون آهن، جن جي ڪري ٽراٽسڪي ازم جو نالو بدنام ٿي ويو آهي. مارڪسي نظريي لاءِ ٽراٽسڪيءَ جيڪي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن، تن ۾ ٻہ اهم آهن. پهريون، اسٽالنزم جي نوعيت جو سائنسي تجزيو ۽ ٻيو، لڳاتار انقلاب جو نظريو، جيڪو نيو ڊيموگرافڪ دنيا جي حوالي سان خاص اهميت رکي ٿو.

## سوال24 : جمهوريت ۽ سوشلزم هڪ ئي وقت ڪيئن گڏ ٿي سگهن ٿا؟



جواب: پهريون تہ اهو خيال ئي غلط آهي تہ مارڪسزم ۽ جمهوريت هڪ ٻئي سان ٽڪراءَ ۾ آهن. حقيقت اها آهي تہ سرمائيداريءَ جي مالياتي آمريت (جنهن کي عام طور تي جمهوريت چيو وڃي ٿو) جي هوندي قائم نٿو ڪري سگھجي. ها، ڪجھ سالن ڪان پوءِ اوهان صدارتي ۽ پارلياماني چونڊن ۾ ووٽ ضرور ڏئي سگھو ٿا. پر غور ڪجي تہ انهن چونڊن ۾ ڪير حصو وٺندو آهي. اُهي ماڻھو جن وٽ ان ڪم لاءِ تمام گھڻو مال موجود آهي. ڪير انهن جي چونڊ مهم ۾ پئسو لڳائي ٿو؟ وڏيون ڪمپنيون ۽ سرمائيدار. تنهن ڪري اوهان وٽ ڪوبہ حقيقي متبادل ڪونهي. دراصل هيءَ جمهوريت صرف امير ۽ طاقتور ماڻھن يعني بورجوازي لاءِ آهي، يعني بورجوا جمهوريت.

ان ڪان وڌيڪ اهم ڳالھ اها آهي تہ چونڊيل حڪومت وٽ پاليسين کي لاڳو ڪرڻ جي حوالي سان حقيقت ۾ ڪا وڌيڪ گنجائش نہ هوندي آهي. جيڪڏهن آمريڪا ۾ ٽن امير ترين ماڻھن وٽ 11.5 ملين عام آمريڪي شهرين جي ڪُل ملڪيت يا دولت جي برابر دولت هوندي تہ حقيقت ۾ اُهي ئي ملڪ بہ هلائيندا. اُهي ئي معاشي فيصلن ذريعي، لکين ڪروڙين انسانن جي زندگين جا فيصلو ڪن ٿا يعني روزگار جا موقعا، طبي سهولتون ۽ تعليم وغيره. جڏهن انهن وڏن ادارن جي مفادن کي خطرو هوندو آهي تہ انهن جو تحفظ ڪرڻ حڪومت جو ڪم هوندو آهي مثال طور، 1973 ۾، چليءَ ۾ سلواڊور آياندي جي جمهوري طور چونڊيل حڪومت ٽامي جي ڪاٽن ۽ ٽيليڪميونيڪيشن (جيڪي آمريڪي ڪمپنين جي ملڪيت هئي) کي قومي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، تڏهن سوين ملين ڊالر خرچ ڪيا ويا، ۽ پوءِ سي آئي اي چليءَ ۾ هڪ فوجي بغاوت ۾ آياندي کي قتل ڪرائي، جمهوري طور تي چونڊيل حڪومت جي جاءِ تي پنوشي جي وحشياڻي فوجي آمريت قائم ڪري ڇڏي. 2004ع جي آمريڪي صدارتي چونڊن ۾، 4 وڏين ڪمپنين بُش جي چونڊ مهم ۾ 10.3 ملين ڊالر جي سيڙپڪاري ڪئي، بُش جي صدر ٿيڻ ڪانپوءِ ٽن مهينن ۾، انهن کي 5 بلين ڊالر ٽيڪس بريڪس مليا. اهو

هڪڙو مثال ڏيکاري ٿو ته سرمائيداراڻي جمهوريت ڪيڏو نه منافعي بخش ۽ مجرماڻو ڪاروبار آهي. هاڻي سوال اهو ٿو پيدا ٿئي ته انهن مختلف سرمائيداراڻي اجارادارين ۾ اها صلاحيت ڪهڙيءَ ريت پيدا ٿئي ٿي؟ چاڪاڻ ته انهن ٻنهي ريپبلڪن ۽ ڊيموڪريٽڪ پارٽين ۾ ڪروڙين ڊالرن جي سيڙپڪاري ڪئي آهي. آخري تجزيي ۾، حڪومت ۽ سياسي پارٽيون وڏن سرمائيدارن جا اوزار آهن ۽ اهي فيصلو ڪن ٿيون ته ڪهڙين پاليسين کي لاڳو ڪيو ويندو. اهي پارٽيون ڪنهن خلا ۾ موجود نه هونديون آهن پر سڌيءَ طرح سرمائيدارن ۽ ڪارپوريشنن جي انهن ۾ اربين ڊالرن  جي سيڙپڪاري ٿيل هوندي آهي ان ڪري اهي سڀ انهن جي تابع رهنديون آهن. تنهن ڪري اهي قانون اصل ۾ سچائي ۽ انصاف لاءِ نه پر سرمائيدارن جي مفادن لاءِ ڪم ڪن ٿا، جيڪي انهن جي پنهنجي وات ۾ گِرهه وجهن ٿا.

ان جي ابتڙ، سوشلسٽ انقلاب کان پوءِ، دنيا جا معاشي وسيلا پرائيويٽ مالڪيءَ ۾ نه، پر اڪثريتي آباديءَ جي هٿن ۾ هوندا، جيڪي انهن کي جمهوري طريقي سان سنڀاليندا ۽ هلائيندا. اها هڪ حقيقي جمهوريت هوندي جنهن ۾ ماڻهن کي پنهنجي زندگين تي حقيقي ڪنٽرول هوندو. اُهي جمهوري طريقي سان حڪومت ڪرڻ لاءِ پنهنجا پنهنجا نمائندا چونڊيندا ۽ ساڳئي وقت اُهي نمائندا معيشت تي حقيقي طاقت رکندا ۽ حقيقت ۾ تبديلي آڻي سگهندا. جيڪڏهن اهي عملدار ڪم بهتر نموني سرانجام نه ڏئي سگهندا جن لاءِ انهن کي چونڊيو ويو هو ته پوءِ انهن کي فوري طور واپس گهرايو ويندو. آفيسرن کي ماهر مزدور جي اجرت کان وڌيڪ پگهار نه ملندي. اڄ جي ابتڙ، جو چونڊيل آفيسرن جون مراعتون سندن جي پگهارن کان وڌيڪ آهن. مختلف ڪمن لاءِ اهڙا ماڻهو ايندا جيڪي واقعي ڪم ڪرڻ چاهيندا هوندا نه وري ان لاءِ جو اُنهن کي اضافي فائدا ۽ مراعتون حاصل هونديون. اهي آفيسر سماج جي سڀني ميمبرن مان چونڊيا ويندا. جيئن لينن چيو هو ته هڪ



بورچي به ان قابل هوندو جو وزيراعظم بڻجي سگهندو. اها واقعي عوامي جمهوريت هوندي.

هن مسئلي ۾ هڪ ٻي پيچيدگي اها آهي ته ماڻهو عام طور تي مارڪسزم کي سوويت يونين ۾ قائم ڪيل نظام سان ملائي ڇڏين ٿا. جيئن ته اوهان کي خبر آهي ته اُتي جمهوريت نالي ڪا به شيءِ نه هئي. اسان چئون ٿا ته اهو سوشلزم نه هو. اهو اسٽالنزم هو، اهڙو نظام جنهن ۾ معيشت رياست جي هٿن ۾ هئي ۽ ان کي هلائڻ ۾ شهرين جو ڪو به حصو نه هو. بيوروڪريسي رياستي مشينري تي قبضو ڪري ان کي پنهنجي مفادن لاءِ استعمال ڪندي هئي. ان جو سوشلزم سان ڪو به واسطو نه هو ۽ حقيقت اها آهي ته اقتدار ۾ اچڻ لاءِ اسٽالن کي لکين سوشلسٽن ۽ ڪميونسٽن جو رت وهائڻو پيو، جن ۾ بالشويڪ پارٽيءَ جي سينٽرل ڪميٽيءَ جا ڪيترائي ميمبر به شامل هئا، جن 1917ع جي انقلاب جي اڳواڻي ڪئي هئي. مختصر ڪهاڻي اها آهي ته حقيقي سوشلزم، مارڪسزم جو بنياد آخري جمهوريت آهي، يعني پورهيتن جي جمهوريت. اها جمهوريت جيڪا عوام جي اڪثريت ذريعي عوام جي اڪثريت لاءِ هوندي آهي. ٽراٽسڪيءَ چيو هو ته سوشلزم جي لاءِ پورهيت جمهوريت ايتري ئي اهم ۽ ضروري آهي جيتري ضروري انساني جسم لاءِ آڪسيجن آهي.

### سوال25 : سوشلزم تحت پيداوار کي سماجي ڪيئن بڻايو ويندو ۽ ناڻي کي ڪيئن ورهايو ويندو؟

جواب: جديد پيداوار جي فطرت اڳ ۾ ئي سماجي آهي. مثال طور: ڪو به اڪيلو ماڻهو پوري ڪار يا سڄو ڪمپيوٽر ٺاهي نٿو سگهي. جديد معيشت ايتري پيچيده آهي جو ڪمپيوٽر جهڙي شيءِ ٺاهڻ لاءِ به دنيا جي لکين ماڻهن جي ڪوشش جي ضرورت آهي، ڪچي مال جي سپلائرز کان وٺي هارڊويئر ڊيزائنرز تائين ان کي اسمبل ڪرڻ وارڻ کان وٺي ان کي توهان جي دروازي تائين پهچائڻ وارن تائين. اهو هڪ اجتماعي

عمل آهي. تنهن هوندي بہ انهن سيني پورهيتن جي پيدا ڪيل دولت برابر ورهائي ناهي ويندي. ارب پتي سرمائيدار ۽ وڏيون ڪارپوريشنون ان جو هڪ وڏو حصو پاڻ ڪائي وڃن ٿيون. اهو جديد پورهيت طبقو ئي آهي جيڪو روزانو ڪارخانا ۽ ڪاروبار هلائي ٿو.

اهي پورهيت ئي آهن جيڪي اجتماعي طور سماج جي دولت ڪي ناهين ٿا. جيتوڻيڪ ، انهن ڪي سندن ڪوشش جو حقيقي انعام نہ ملندو آهي. اهو صحيح آهي تہ انهن ڪي اجرت ۾ واڌ ۽ بونس جي صورت ۾ ڪجهہ ٿُڪر ملي پون ٿا، پر اهو بونس جي مقابلي ۾ ڪجهہ بہ ناهي جيڪو سرمائيدار پاڻ ڪائيندا آهن. (مثال طور، امير صنعتي ملڪن ۾ اهو عام آهي تہ وڏن ڪارپوريشنن جي عملدارن لاءِ ڪرسمس جي تحفن طور ڪيترائي لک ڊالر وصول ڪرڻ معمولي ڳالهہ آهي). ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اها دولت انهن ماڻهن ۾ ورهائي وڃي جيڪي اصل ۾ اها دولت پيدا ڪن ٿا.

## سوال26 : ويڳاڻپ ڇا آهي؟

جواب: سرمائيداراڻي نظام جي اجنبيت يا ويڳاڻپ جو بنيادي سبب پورهيت ۽ ان جي محنت مان پيدا ٿيندڙ پيداوار جي وچ ۾ لاتعلقي ۽ سرمائيداراڻي استحصال تي پيل پردو آهي، جيڪو پورهيت جي ڏهاڙيءَ ۽ سرمائي جي وچ ۾ حقيقي تعلق کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پورهيت جيڪا پيداوار ۽ ان جي قدر تخليق ڪرڻ ۾ پنهنجي محنت خرچ ڪري ٿو، ان جو اجورو ڪيس ناهي ملندو. ايستائين جو هُو پنهنجي هٿن سان ناهيل ڪيترين ئي شين ڪان بہ محروم رهي ٿو. جنهن سبب محنت ۽ پيداوار جي وچ ۾ ويڳاڻپ پيدا ٿئي ٿي. جنهن جو شڪار پورهيت طبقو ۽ پورو سماج ٿئي ٿو. ان لڪيل استحصال جي ڪري شين ڪان اجنبيت جي بيماريءَ جنم وٺي ٿي، جنهن جي ڪري شيون جاندارن جون خاصيتون وٺي وڃن ٿيون ۽ انسانن ۾ بي قدري پيدا ٿي پوي ٿي ۽ انسان شين جي سطح تي اچي وڃن ٿا. اِهي ڇيپاٽيل ۽



پراسرار رشتا انساني شعور جي گهرائين ۾ لهي وڃن ٿا ۽ پوءِ قدرتي ۽ لازمي سمجهيا وڃن ٿا. اهڙيءَ ريت انگريزيءَ ۾ ڪم ڪندڙن کي هٿ چيو ويندو آهي ۽ اسان اڪثر ٻڌندا آهيون تہ فلاڻي ماڻهوءَ جي قيمت اربين ڊالر آهي. پر اها اجنبيت يا ويڳاڻپ پيداواري لاڳاپن يا، قانوني اصطلاحن ۾، ملڪيت جي لاڳاپن تي ٻڌل آهي.

## سوال27 : ڪنهن دور جا غالب نظريا ڪهڙا هوندا آهن؟

جواب: هر دور جا غالب نظريا حڪمرانن جا نظريا هوندا آهن، يعني اهو طبقو جيڪو سماج جي حڪمران مادي قوت آهي، اها حڪمران دانشوري قوت بہ آهي. اهو طبقو جنهن وٽ مادي پيداوار جا وسيلا هوندا آهن، ان وٽ ذهني پيداوار جا وسيلا بہ هوندا آهن. تنهنڪري عام طور تي چئي سگهجي ٿو تہ ذهني طور ذاتي پيداوار جي وسيلن ڪان محروم ماڻهن جا خيال ان جي تابع هوندا آهن. حڪمران خيال غالب مادي لاڳاپن جي دانشورانہ اظهار ڪان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهن. مادي لاڳاپا جن کي خيالي طور سمجهيو وڃي ٿو، اهي اصل ۾ اهي تعلقات آهن، جيڪي ڪنهن طبقي جو حڪمران طبقي طور تعين ڪن ٿا. تنهن ڪري اهي خيال هن جي حڪمرانيءَ جا خيال آهن. حڪمران طبقو انهن ماڻهن تي مشتمل آهي، جيڪي ٻين شين سان گڏ، شعور رکن ٿا. اهڙيءَ ريت اُهي ٻين شين جي وچ ۾ خيالن جا مفڪر ۽ تخليقڪار جي حيثيت سان حڪمراني ڪن ٿا، ۽ پنهنجي دور جي خيالن جي پيداوار ۽ ورڇ کي ڪنٽرول ڪن ٿا. اهڙيءَ ريت سندن خيال ان دور جي حڪمرانن جا خيال هوندا آهن.

## سوال28 : تاريخ ۾ فرد جو ڪردار ڪهڙو آهي؟

جواب: مارڪسزم تاريخ ۾ فرد جي ڪردار جي اهميت ڪان بلڪل بہ انڪار نٿو ڪري، پر رڳو اها وضاحت ڪري ٿو تہ ماڻهن ۽ پارٽين جو ڪردار تاريخي ارتقا جي طئي ٿيل سطح ۽ معروضي ۽ سماجي ماحول

طئي ڪري ٿو، جيڪو آخري تجزيي ۾ پيداوار جي ترقيءَ جو سبب بڻجي ٿو. ان جو مطلب هرگز اهو نه آهي. جيئن مارڪسزم جا مخالف چون ٿا...... ته مرد ۽ عورتون معاشي جبر جي انڌن ڪارگذارين جي هٿن ۾ صرف پيادا آهن. مارڪس ۽ اينگلس وضاحت ڪئي هئي ته انسان پنهنجي تاريخ پاڻ ٺاهيندا آهن، پر هُو مڪمل طور تي آزاد ماڻهن جي حيثيت سان نه ڪندا آهن، بلڪ جنهن سماج ۾ اُهي رهندا آهن ان جي بنيادن تي انهن کي ڪم ڪرڻو پوندو آهي. اهڙي واضح صورتحال ۾ سياسي شخصيتن جون ذاتي خاصيتون يعني نظرياتي تياري، مهارت، همت ۽ استقامت نتيجن تي اثرانداز ٿي سگهن ٿيون. انساني تاريخ ۾ اهڙا فيصلا ڪندڙ لمحا به اچن ٿا، جڏهن قيادت جو معيار اهڙو فيصلو ڪندڙ ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو جيڪو صورتحال جو رخ موڙي ٿو ڇڏي. اهڙا دور عام نه هوندا آهن بلڪ اهي ان وقت پيدا ٿين ٿا، جڏهن اهڙي ڏگهي عرصي دوران لڪيل تضاد آهستي آهستي پخته ٿين ٿا ۽ جدليات جي ٻوليءَ ۾ مقدار معيار ۾ تبديل ٿي وڃن ٿا. جيتوڻيڪ ماڻهو سماج جي ارتقا کي صرف پنهنجي قوت ارادي سان طئي ڪري نٿا سگهن، تنهن هوندي به انساني تاريخ ۾ اندروني عنصر جو ڪردار فيصلائتو هوندو آهي.

## سوال29 :سماج جا مادي بنياد ڪهڙا آهن؟

جواب: جيئن ڊارون نامياتي فطرت جي ارتقا جو قانون ڳولهي ورتو هو. اهڙيءَ طرح مارڪس انساني تاريخ ۾ ارتقا جو قانون ڳولهي ورتو هو. هن ان سادي حقيقت کي ڳولهي ورتو هو ته، جيڪا نظرياتي ملبي هيٺان لڪيل هئي ته سياست، سائنس، مذهب ۽ فن وغيره جي حصول کان اڳ انسان لاءِ کاڌو، پيتو، لباس ۽ رهائش ضروري آهي. انهيءَ ڪري، پنهنجي بقا لاءِ گهربل مادي وسيلن جي پيداوار ۽ ان جي نتيجي ۾ هڪ دور ۾ ڪنهن قوم کي حاصل ٿيندڙ معاشي ترقيءَ جي سطح جو بنياد آهي، جنهن جي بنياد تي رياستي ادارا، قانوني تصور، فن ۽ ايتري قدر جو ان قوم جا مذهبي نظريا به ترقي ڪن ٿا. تنهن ڪري انهن شين کي



ان روشنيءَ ۾ بيان ڪيو وڃي ۽ نه وري ان جي ابتڙ جيڪو هينئر تائين ٿيندو آيو آهي.

## سوال30 : سماجي ارتقا جا ڪهڙا قانون آهن؟

جواب: سماجي پيداوار جي عمل دوران ماڻهو اهڙن مخصوص رشتن ۾ جڪڙجي ويندا آهن جيڪي لازمي هجن ٿا جيڪي انهن جي ارادن جي تابع ناهن هوندا. پيداوار جا اهي رشتا پيداواري قوتن جي ترقيءَ جي مخصوص شڪل سان جڙيل هوندا آهن. سماج جي معاشي جوڙجڪ پيداواري لاڳاپن جي انهيءَ حاصل جمع تي ٻڌل هوندي آهي. اهو ئي اصل بنياد آهي، جنهن تي قانوني ۽ سياسي سُپر اسٽرڪچر ٺهندا آهن ۽ سماجي شعور جا ڪجهه قسم به ان سان ملندڙ جلندڙ هوندا آهن. مادي زندگيءَ جو موجوده طريقو پيداوار جي سماجي، سياسي ۽ روحاني عنصر جي عام ڪردار کي طئي ڪري ٿو. انسان ذات جو شعور انهن جي وجود جو تعين نٿو ڪري، پر ان جي ابتڙ، انهن جو سماجي وجود سندن شعور جو تعين ڪري ٿو. ارتقاء جي هڪ خاص مرحلي تي اهي پيداواري رشتا سماج جي پيداواري قوتن جي ارتقا جي بجاءِ سماج جي پيداواري قوتن جي راهه ۾ رنڊڪ بڻجي پوندا آهن. ان ڪان پوءِ انقلاب جو دور شروع ٿئي ٿو. اقتصادي تبديلي ان ڪان پوءِ سڄي جو سڄو گرانڊ سُپر اسٽرڪچر به عام طور تي تمام تيزيءَ سان تبديل ٿي ويندو آهي.

انهن تبديلين جي حوالي سان جيڪو فرق هميشه ذهن ۾ رکڻ گهرجي اهو آهي معاشي حالتن ۾ ايندڙ مادي تبديليءَ جو اندازو قدرتي سائنس جي بلڪل درستيءَ ۽ نفاست سان ڪري سگهجي ٿو. ٻئي پاسي قانوني، سياسي، مذهبي، جمالياتي، يا فلسفياڻا نظريا اُهي نظرياتي شڪليون آهن جن ذريعي ماڻهو هن تڪرار جي باري ۾ شعور حاصل ڪن ٿا ۽ جدوجهد ڪن ٿا. جهڙيءَ ريت اسان هڪ شخص جي باري ۾ راءِ ان بنياد تي نه ٺاهيندا آهيون ته هُو پنهنجي باري ۾ ڇا ٿو سوچي. ساڳيءَ

ريت اسان تبديليءَ جي ڪنهن بہ دور کي ان جي شعور جي بنياد ناهيون پرکيندا. ان جي ابتڙ، ان شعور جي وضاحت مادي زندگيءَ جي تضادن، پيداوار جي سماجي قوتن ۽ پيداواري لاڳاپن جي وچ ۾ ٽڪراءَ جي حالت ذريعي بيان ڪرڻ گهرجي. ڪو بہ سماجي سرشتو ان وقت تائين ختم نہ ٿيندو آهي، جيستائين سموريون پيداواري قوتون جن لاءِ گنجائش موجود آهي، ترقي نہ ڪري وجن ۽ نوان ۽ اعليٰ پيداواري لاڳاپا ڪڏهن بہ ظاهر ناهن ٿيندا، جيستائين انهن جي وجود جون مادي حالتون پراڻي سماج جي ڪُک ۾ پڪجي تيار نه ٿي وجن.

انسان هميشہ پنهنجي انهن مسئلن ۾ الجهيل هوندو آهي جن کي هو حل ڪري سگهي ٿو ڇو تہ جيڪڏهن اسان معاملي تي غور ڪيون تہ، اهو هميشہ سامهون اچي ٿو تہ مسئلو صرف تڏهن پيدا ٿئي ٿو جڏهن ان جي حل لاء ضروري مادي حالتون اڳ ۾ ئي موجود هونديون آهن يا گهٽ ۾ گهٽ نهڻ جي مرحلي ۾ هونديون آهن. مجموعي طور تي، اسين ايشيائي قديم جاگيرداراڻي ۽ جديد بورجوا پيداواري طريقي کي سماج جي معاشي ڍانچي جي ارتقا جي مختلف دورن جو نالو ڏئي سگهون ٿا. پورجوا پيداواري رشتا، پيداوار جي سماجي عمل جي آخري تضاد واري شڪل آهي، انفرادي تضاد جي معنيٰ ۾ نہ، پر هڪ ئي وقت سماج ۾ رهندڙ فرد جي زندگيءَ جو احاطو ڪرڻ وارين حالتن مان پيدا ٿيندي آهي، جڏهن تہ ساڳئي وقت بورجوا سماج جي ڪُک ۾ پلجندڙ پيداواري ان تضاد کي حل ڪرڻ لاءِ گهربل مادي حالتون ناهيندیون آهن. تنهن ڪري، اهو انساني سماج جي پراگيتاني دور جو آخري باب آهن.

### سوال31 : سرمائيداريءَ جي ترقيءَ جو تاريخي رجحان ڇا آهي؟

جواب : پيداڪارن جي بي دخلي بي رحم ۽ تباھ ڪندڙ بدمعاشي ذريعي ڪئي ويندي آهي، ۽ اهي جذباتي عمل سڀ کان وڌيڪ بدنام، خراب، حقير ۽ نفرت جوڳي ڪميٽائپ تي ٻڌل هوندا آهن. ڪاٽين ۾ ڪم ڪندڙ



پورهيتن ۽ ڪاريگرن جي ذاتي ملڪيت جو بنياد سندن خودمختياري ۽ انفرادي پورهئي جي حالتن جي ميلاپ تي ٻڌل ڇئي سگهجي ٿي. ان جي بدران، سرمائيدار ڪيترن ئي مزدورن جو استحصال ڪري ٿو. اها بي دخلي خود سرمائيداراڻي پيداوار جي اندروني قانون جي ڪري ٿيندي آهي، هڪ سرمائيدار هميشہ ڪيترن کي ماري ڇڏيندو آهي. ان مرڪزيت يا ڪجهه سرمائيدارن پاران ڪيترن ئي سرمائيدارن جي بي دخليءَ سان گڏوگڏ عملي محنت جي گڏيل امداد تي ٻڌل شڪل، سائنسي شعور، ٽيڪنيڪل استعمال، زمين جي منظم پوک، محنت جي اوزارن جي اهڙين حالتن ۾ تبديلي جيڪي صرف گڏيل طور استعمال ٿي سگهن، سڀني پيداوار جي وسيلن کي سماجي محنت جي هڪ وسيلي طور استعمال ڪري، سڀني قومن کي عالمي مارڪيٽ جي ڄار ۾ ڦاسائڻ ۽ سرمائيداراڻي نظام کي عالمي سطح تي هڪ اهم ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ ڪم بہ پهرين ڏينهن کان وڏي پئماني تي هلي پيو، تبديليءَ جي هن عمل ۾ سمورين مراعتن تي قبضو ڪندڙ وڏن سرمائيدارن جو مسلسل گهٽجڻ سان گڏوگڏ، وڏي پئماني تي تشدد، جبر، غلامي، ذلت ۽ استحصال ۾ اضافو ٿيندو پيو وڃي. پر ساڳئي وقت پورهيت طبقو بہ مسلسل تعداد ۾ وڌي رهيو آهي، اهو سرمائيداراڻي پيداواري عمل جو پنهنجو ميڪنزم آهي. سرمائيداريءَ جي اجاريداري جيڪا هن پيداواري طريقي سان گڏوگڏ ترقي ڪئي هئي، هاڻي ان جي راھ ۾ رنڊڪ بڻجي چڪي آهي. پيداوار جي وسيلن جي مرڪزيت ۽ پورهئي جو سماجي ڪردار آخرڪار هڪ اهڙي موڙ تي پهچندو آهي جتي هو سرمائيداراڻي خول سان مطابقت وڃائي ويهندو آهي ۽ اهو خول ٽٽي پوندو آهي. سرمائيداراڻي ذاتي ملڪيت جي مرڻ جو وقت اچي رسندو آهي. بي دخل ڪندڙ پاڻ بي دخل ٿي ويندا آهن.

### سوال32 : گلوبلائيزيشن ڇا آهي؟

جواب: گلوبلائيزيشن مان مراد، مختلف ملڪن جي وچ ۾ معاشي لاڳاپن جي ڦهلاءَ کي چئجي ٿو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ عالمي معيشت پيدا

تئي ٿي. جنهن هر ملڪي معيشت کي ٻين معيشتن تي منحصر ڪري ڇڏيو آهي. ڪو بہ ملڪ خودمختيار ناهي. سڀني کي ٻين ملڪن سان شين جي مٽاسٽا جي ضرورت پيش اچي ٿي. هڪ مربوط عالمي معيشت بذات خود ڪا منفي شيءِ ناهي ڇو تہ اها هڪ اهڙو بنياد فراهم ڪري ٿي جنهن تي هڪ مربوط عالمي منصوبہ بند معيشت ترقي ڪري سگهي ٿي. هڪ اهڙو معاشي نظام جنهن جو بنياد سماجي انصاف ۽ پيداوار جي وسيلن (فيڪٽرين، ٽيڪنالاجي، سرمائي) جي اجتماعي ملڪيت تي هجي. اهو انسان ذات لاءِ وڏي ترقيءَ جو ڪارڻ بڻجي سگهي ٿو. پر سرمائيداراڻي نظام جو بنياد پيداوار جي وسيلن تي خانگي مالڪي ۽ هر فرد جي سرمائيدار جي وڌ کان وڌ منافعي جي خواهش تي ٻيٽل آهي. جيڪو ترقيءَ کي ناممڪن بڻائي ٿو، هڪ اهڙي صورتحال پيدا ڪري ٿو جنهن ۾ ڪجهہ ماڻهو وڏي دولت گڏ ڪن ٿا، جڏهن زمين تي رهندڙ ماڻهن جي وڏي اڪثريت جي زندگيءَ جو معيار گهٽجي ويندو آهي.

## سوال33 : غربت ۽ اڻبرابري ڏينهون ڏينهن ڇو وڌي رهي آهي؟

جواب: هن وقت ڌرتيءَ تي ڇهہ ارب ماڻهو رهن ٿا، جڏهن تہ ڏهہ ارب ماڻهن لاءِ کاڌو پيدا ڪري سگهجي ٿو. جڏهن تہ ، بک، بدحالي ۽ غربت ڏينهون ڏينهن وڌي رهي آهي. 80 ڪروڙ ماڻهو غذائي کوٽ جو شڪار آهن، جڏهن تہ ٻہ ارب 40 ڪروڙ ماڻهو غربت جي لڪير کان هيٺ زندگي گذاري رهيا آهن. مائڪروسافٽ ڪمپنيءَ جي ٽن اعليٰ عملدارن وٽ ايتري دولت آهي جيڪا آمريڪي حڪومت پاران جاري غربت مخالف پروگرامن لاءِ مختص ڪيل رقم کان وڌيڪ آهي. مختلف معيشتن جي وچ ۾ سامان جي انصاف پرين بنيادن تي مٽاسٽا ناهي ٿيندي. ڪجهہ طاقتور ملٽي نيشنل ڪمپنيون جيڪي بي پناهہ طاقت جون مالڪ آهن وڏي پئماني تي دولت تي ڪنٽرول ڪن ٿيون (زمين جي مجموعي پيداوار جو چاليهہ سيڪڙو ۽ دنيا جي واپار جو ستر سيڪڙو) ۽ پنهنجي



مفادن جي پورائي لاءِ باقي دنيا تي پنهنجي مرضيءَ جا قانون لاڳو ڪن ٿيون.

عالمي معيشت جي ورهاڱي سان سڀني ملڪن کي برابريءَ جو فائدو نہ پهچندو آهي، پر ڇا ٿيندو آهي تہ گهٽ ترقي يافتہ ملڪن کي پنهنجو ڪچو مال (تيل، معدنيات، زرعي پيداوار) ۽ پورهيو (محنت) تمام سستي اگهہ تي ترقي يافتہ ملڪن ۽ عالمي اجاردارين کي فراهم ڪرڻا پوندا آهن. ان عمل سان اڻبرابري گهٽجڻ بدران وڌندي آهي. غريب ملڪ اهڙين پيداواري شين جي مٽاسٽا تي مجبور هوندا آهن جن جي تياريءَ ۾ وڌيڪ محنت لڳندي آهي (ٽيڪنالاجيءَ جي پسماندگي سبب)، جڏهن تہ ان جي بدلي ۾ اُهي وري ترقي يافتہ ملڪن ۽ سامراجي اجاريدارين کان وري اهڙيون شيون خريد ڪندا آهن جيڪي مهانگيون هونديون آهن، جڏهن تہ انهن جي تمام آسان هوندي آهي (پيداوار جي وسيلن جي معياري ۽ مقداري حوالي سان اعليٰ سطحي سبب). ان عمل ۾ ڪير حاصل ڪري ٿو ۽ ڪير وڃائي ٿو اهو تمام واضح آهي. ان کان علاوه، عالمي معيشت مغربي طاقتن ۽ گهڻ قومي (ملٽي نيشنل) ڪمپنين جي تسلط هيٺ آهي ۽ اُهي پنهنجي مرضيءَ جا مُلهہ، واپاري قانون ۽ معاشي پاليسيون باقي دنيا تي لاڳو ڪري سگهن ٿيون. مثال طور، 1960ع ۾، هڪ آمريڪي ٽريڪٽر خريد ڪرڻ لاءِ، تنزانيا کي ڪافيءَ جون ٻہ سؤ ٻوريون ڏيٽيون پونديون هيون. ٽيهن سالن ڪانپوءِ تنزانيا کي 600 کان وڌيڪ ڪافيءَ جون ٻوريون ڏيٽيوڻ پونديون هيون هڪ آمريڪي ٽريڪٽر خريد ڪرڻ لاءِ.

## سوال34 : گهڻ قومي (ملٽي نيشنل) ڪمپنيون ايتريون طاقتور ڇو آهن؟

جواب: دنيا ۾ ڪجهہ گهڻ قومي ڪمپنين جو تسلط سرمائيداريءَ جي ترقيءَ جو فطري نتيجو آهي جيڪو گهٽو ڪري انفرادي منافعي جي لالچ جي بنياد تي قائم آهي. ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ سرمائيدار

مجبور هوندا آهن ته هڪ ٻئي سان مقابلو ڪن، پيداوار وڌائن، وڪرو وڌائن، نيون مارڪيٽون ڳولهين ۽ موجوده مارڪيٽن جي استحصال کي وڌائن ۽ سستي محنت ۽ ڪچو مال کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ نون ملڪن ۾ سيڙپڪاري وغيره ڪن.

نتيجي طور، دولت چند هٿن ۾ قيد ٿي پئي آهي، يعني ترقي يافته سرمائيدار ملڪن ۾ چند وڏين ڪارپوريشنز وٽ، جن دنيا تي پنهنجو قبضو قائم ڪري ڇڏيو آهي. جڏهن انهن لاءِ اهو ممڪن نه رهندو آهي ته اُهي صرف اقتصادي طريقن سان پنهنجون شرطون مجرائي سگهن، تڏهن ملٽي نيشنل ڪمپنيون سامراجي ملڪن جي سياسي ۽ فوجي ادارن (آمريڪا، يورپ ۽ جاپان جهڙين وڏين طاقتن جي حڪومتن، پارليامينٽ، قانونن ۽ فوج وغيره) کي پنهنجي مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪنديون آهن.

گهڻو ڪري اهي انسانيت جي مفادن جي حفاظت جي آڙ ۾ مداخلت ڪنديون آهن. گذريل ڪجهه سالن ۾ اسان يوگوسلاويا، افغانستان ۽ عراق وغيره ۾ اهڙي انساني ڀلائيءَ سان ڪيل بمباريون ڏٺيون آهن. جيڪي وڏين طاقتن پاڻ ٺاهيون هيون ۽ اهي ئي ان تي غالب آهن. (بين الاقوامي مالياتي فنڊ، ورلڊ بئنڪ، اقوام متحده وغيره)

گلوبلائيزيشن هن نظام جي حقيقي نوعيت کي لڪائڻ لاءِ هڪ نقاب طور ڪم ڪري ٿي. موجوده سرمائيداراڻي نظام کي بيان ڪرڻ لاءِ سامراج کان وڌيڪ بهتر ڪو به اصطلاح نه آهي، جنهن ۾ عالمي سطح تي پورهيت طبقي ۽ دنيا جي قومن جو چند طاقتن ۽ ملٽي نيشنل ڪمپنين پاران استحصال ڪيو وڃي ٿو.

## سوال35 : ڇا اهوممڪن آهي ته سرمائيداريءَ سان وڙهڻ بنا عالمي مالياتي فنڊ ۽ ورلڊ بئنڪ جي خلاف وڙهي سگهجي؟



جواب: هي اڻبرابري وارين مٽا سٽا، جنهن غريب ملڪن کي غربت ۽ ڏيوالي جي ڌٻڻ ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي، انهن کي سپر پاور يا انهن جي ٺاهيل مالياتي ادارن (انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ، ورلڊ بئنڪ وغيره) کان به قرض وٺڻ تي مجبور ڪري ٿو، جنهن سان اهي هميشه لاءِ غلام ئي ٿي پون ٿا. انهن قرضن سبب، اُهي قرض ڏيندڙ ادارن پاران مٿن لڳايل معاشي منصوبن ۽ بين الاقوامي لاڳاپن کي قبول ڪرڻ تي مجبور هوندا آهن. اِهي سڀ ادارا جهڙوڪ بين الاقوامي مالياتي فنڊ، ورلڊ بئنڪ ۽ ورلڊ ٽريڊ آرگنائيزيشن سرمائيداري نظام کي منظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. وڏيون طاقتون ۽ ملٽي نيشنل ڪارپوريشنون انهن ادارن کي صرف ان ڪري فنڊ ڏين ٿيون جو اهي انهن ادارن کي ڪنٽرول ڪن ٿا ۽ انهن جون پاليسيون طئي ڪن ٿا. انهن ادارن کي سڌارڻ يا ان کي جمهوري بڻائڻ بلڪل ناممڪن آهي، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن اهي ملٽي نيشنل ڪمپنين لاءِ فائديمند نه رهندا ته اُهي انهن کي فنڊ فراهم ڪرڻ بند ڪري نوان ادارا ٺاهي ڇڏيندا. ملٽي نيشنل ڪمپنين جي طاقت جو بنياد پيداوار جي ذريعن يعني مشينري، ڪارخانن، زمين ۽ سرمائي جي ملڪيت تي سندن قبضو ۽ مالڪي آهي. جيستائين انهن منافعي خورن جو خاتمو نه ڪيو ويندو ۽ انهن جي دولت عوام جي جمهوري ڪنٽرول ۾ ڏني نه ويندي، تيستائين موجوده صورتحال جي اصلاح ڪرڻ ممڪن ڪونهي.

## سوال36 : سياٽل ، پراگ ۽ وينس وغيره ۾ ٿيل مظاهرن پويان ڪهڙا ڪارڻ هئا ؟

جواب: بين الاقوامي مالياتي فنڊ ۽ ورلڊ بئنڪ پاران نام نهاد امداد وصول ڪندڙ ملڪن تي لاڳو ڪيل پاليسيون ساڳيون ئي هونديون آهن جيڪي سڄي دنيا جا سرمائيدار پنهنجو منافعو وڌائڻ لاءِ ڪندا آهن، يعني رياست طرفان فراهم ڪيل تعليم ۽ صحت جي سهولتن تي حملا، اجرت ۾ گهٽتائي، نوڪرين مان نيڪالي، پيشن ۽ ٻين مراعتن ۾ گهٽتائي، مزدورن جي قانونن ۾ سڌارا، سرڪاري شعبي جي ڪمپنين

جي نجڪاري وغيره. غريب ملڪن ۾، اهي پاليسيون اجا به تيز رفتاري سان لاڳو ٿي رهيون آهن، ۽ ساڳئي وقت، گڏوگڏ گهڻ قومي (ملٽي نيشنل) ڪمپنين پاران انهن جي قدرتي وسيلن جي ڦرلٽ به جاري آهي. نتيجي ۾ امير ۽ غريب جي وچ ۾ فرق وڌندو پيو وڃي. غربت وڌي رهي آهي ۽ ماحولياتي تباهي سڄي دنيا ۾ جاري آهي. سياٽل ۾ شروع ٿيندڙ هي مظاهرا هاڻي هر شهر ۾  ٿيندي نظر اچي رهيا آهن جتي عالمي مالياتي فنڊ، ورلڊ بئنڪ يا ٻين عالمي ادارن جا اجلاس ٿي رهيا آهن. اهي مظاهرا اصل ۾ نوجوانن ۽ مزدورن جي وڌندڙ ڏک، ڪاوڙ ۽ مزدور بين الاقواميت کي ظاهر ڪن ٿا.

## سوال37 : ڇا هڪ مختلف قسم جي سماج جو نهڻ ممڪن آهي؟

جواب : عالمي مالياتي فنڊ ۽ دنيا جي ٻين سامراجي ادارن جي خلاف ٿيندڙ احتجاج سندن پاليسين جي عالمي مخالفت جي نشاني آهن. پر جيڪڏهن اسان چاهيون ٿا ته انهن ناانصافين جو مڪمل خاتمو ٿئي، ته ان لاءِ ضروري آهي ته عالمي سطح تي هڪ مستقل ۽ مضبوط جدوجهد کي منظم ڪيو وڃي، جنهن ۾ پورهيتن جي تحريڪ شامل هجي ۽ ان جي ذريعي انقلابي سماج جوڙيو وڃي.

اها ڪوشش ڪنهن ملٽي نيشنل خلاف احتجاج يا ڪنهن اداري کي بند ڪرڻ جي ڪوشش تائين محدود نه ٿي ڪري سگهجي (ڀلي اهو ادارو بين الاقوامي مالياتي فنڊ هجي يا ورلڊ ٽريڊ آرگنائيزيشن). اهو اسان جو بنيادي مقصد هجڻ گهرجي ته سرمائيداري نظام کي ختم ڪيو وڃي. بئنڪن ۽ وڏين مونوپولسٽ ڪمپنين کي قومي تحويل ۾ ورتو وڃي ۽ ملٽي نيشنل ڪمپنين جي جمع ٿيل دولت تي قبضو ڪندي عالمي معيشت کي منصوبه بنديءَ ذريعي ترقي ڏني وڃي. جنهن کي سڀني مظلوم عوام جي شموليت سان جمهوري انداز ۾ هلائڻ گهرجي ته جيئن  چند ماڻهن جي نفعي جي خواهش پوري ڪرڻ بدران اڪثريتي



ماڻهن جون ضرورتون پوريون ڪري سگهجن. هڪ سچو سوشلسٽ سماج (سوويت يونين ۾ ناڪام ٿيندڙ نوڪرشاهاڻو نظام نه) واحد متبادل آهي. اهو نه رڳو ممڪن آهي پر ضروري پڻ آهي.

اها انقلابي تبديلي فقط پورهيت طبقو (سماج جو سڀ کان وڏو ۽ طاقتور طبقو جيڪو پيداوار کي بند ڪري ڏينهون ڏينهن ملٽي نيشنل ڪمپنين جي طاقت کي واضح ڪري سگهي ٿو) جي اڳواڻيءَ ۾ اٿندڙ هڪ اهڙي انقلابي تحريڪ ذريعي ئي ممڪن آهي جنهن ۾ سماج جا اُهي سڀئي طبقا شامل هجن جيڪي سرمائيداراڻي ظلم جو شڪار ٿي رهيا آهن.

## سوال38 :  ماڻهو جڏهن چون ٿا ته هُو سوشلسٽ آهن، ان جو مطلب ڇا آهي؟

جواب : مارڪسسٽ اصطلاحن مطابق، سوشلزم کي سرمائيداريءَ ۽ ڪميونزم جي وچ ۾ هڪ عبوري دور سمجهيو ويندو آهي. هڪ اهڙي نظام ڏانهن منتقلي، جنهن ۾ اسان واقعي "هر هڪ کان ان جي صلاحيتن جي مطابق ۽ هر ڪنهن کي ان جي ضرورتن مطابق" جو رشتو قائم ڪري سگهون. تنهن ڪري، حقيقي مارڪسسٽن کي متبادل طور سوشلسٽ به چئي سگهجي ٿو، جيستائين انهن جو مقصد سرمائيداراڻي نظام جو خاتمو ۽ حقيقي پورهيتن جي ڪنٽرول تي ٻڌل جمهوري سوشلزم جي تعمير هجي.

## سوال39 : ڇا اهو ممڪن آهي ته سرمائيداري نظام سان وڙهڻ بنا ڪنهن هڪ اداري يا فرد خلاف وڙهجي؟

جواب: هي اڻبرابري وارو نظام جنهن غريب پورهيتن کي غربت جي ڏٻڻ ۾ ڦاسائي ڇڏيو آهي ۽ انهن کي وڏين طاقتن يا انهن کي جوڙيندڙ ادارن جو مقروض بڻائي ڇڏيو آهي جنهن انهن کي پوريءَ ريت غلام

ٻٽائي ڇڏيو آهي. انهن جي حالتن سبب، اُهي انهن ادارن پاران انهن تي لاڳو ڪيل منصوبن ۽ ضابطن کي قبول ڪرڻ تي مجبور هوندا آهن. اهي سڀ ادارا سرمائيداراڻي نظام کي طاقتور بڻائڻ جي ڪوشش ڪندا رهندا آهن. انهن ادارن کي سڌارڻ يا انهن کي جمهوري بڻائي قطعي ناممڪن آهي، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن اِهي ادارا منافع بخش نه رهندا ته انهن جي جاءِ تي وري نوان ادارا ٺاهيا ويندا. حڪمرانن جي طاقت جو بنياد پيداوار جي ذريعن تي انهن جو قبضو ۽ مالڪي آهي مطلب مشينري، ڪارخانا، زمين ۽ سرمائي جي مالڪي. جيستائين انهن منافعي خورن کي بي دخل ڪندي انهن جي دولت کي عوام جي جمهوري ڪنٽرول هيٺ نه ڏنو ويندو، تيستائين موجوده صورتحال کي سڌارڻ ممڪن نه ٿو ٿي سگهي.

## سوال40 : انقلاب ڇا آهي؟

جواب: ٻين سيني تاريخن وانگر، انقلاب جي تاريخ کي به پهريان بيان ڪرڻ گهرجي ته ڇا ٿيو ۽ ڪيئن ٿيو. انڪري اها ڳالهه انتهائي ناڪافي آهي. بيان مان ئي اهو واضح ٿيڻ گهرجي ته سڀ ڪجهه هن طريقي سان ڇو ٿيو ۽ ڪنهن ٻئي طريقي سان ڇو نه ٿيو. واقعن کي جرئتمنديءَ جو سلسلو نه ٿو سمجهي سگهجي، ۽ نه ئي انهن کي اڳواٽ مقرر ڪيل پڃاڙي يا سبق جو حصو سمجهي سگهجي ٿو. انهن کي لازمي طور پنهنجي قانون جو مطيع ۽ فرمانبردار هئڻ گهرجي.

تاريخي واقعن ۾ عوام جي سڌيءَ ريت مداخلت انقلاب جي هڪ خاصيت آهي، جنهن ۾ شڪ نه ٿو ڪري سگهجي. عام وقتن ۾، رياست، چاهي خودمختيار هجي يا جمهوري، پاڻ کي قوم کان مٿانهون ڪري ٿي، ۽ تاريخ انهن ماهرن جي ٺاهيل آهي، جن جو اهوئي ڪم آهي. مثال طور، بادشاهن، وزيرن، بيوروڪريٽس ۽ پارليامينٽ جا ميمبر. پر اهڙن فيصلا ڪندڙ لمحن ۾ جڏهن پراڻو نظام عوام لاءِ برداشت جوڳو نه رهندو آهي، تڏهن اُهي سڀ رنڊڪون ٽوڙي انهن ماڻهن کي سياسي



ميدان مان ڪڍي ڇڏيندا آهن. اُهي پنهنجن روايتي نمائندن کي هڪ طرف رکي ۽ پنهنجي سڌي مداخلت ذريعي نئين نظام لاءِ رستو هموار ڪندا آهن. اسان اهو فيصلو اخلاقيات پرستن تي ڇڏي ڏيون ٿا ته اهو سٺوعمل آهي يا خراب. جيستائين اسان جو تعلق آهي ته، اسان حقيقتن کي ائين ڪٽنداسين جيئن ارتقا جو مقصدي رستو اسان کي مهيا ڪري ٿو. اسان جي لاءِ انقلاب جي تاريخ سيني کان مٿانهين آهي، تاريخ جي ميدان ۾ عوام جي مضبوط مداخلت پنهنجي تقدير کي پنهنجي هٿن ۾ وٺڻ جي تاريخ آهي.

## سوال41 : انقلابي پارٽي ڇا هوندي آهي؟

جواب: پارٽي صرف هڪ تنظيم، هڪ نالو، هڪ پرچم، ماڻهن جو مجموعو يا مشينري ناهي هوندي. هڪ مارڪسسٽ لاءِ انقلابي پارٽي پهريون پروگرام هوندي آهي، طريقي ڪار ۽ روايتن جو، ۽ پوءِ ٻئي سطح تي، هڪ تنظيم ۽ مشينري (انهيءَ ۾ شڪ ناهي ته اهي به اهم آهن) ته جيئن انهن خيالن کي پورهيت طبقي تائين پهچائي سگهجي. مارڪسي پارٽيءَ لاءِ ضروري آهي ته اها شروع کان ئي هڪ نظريي ۽ پروگرام جو بنياد رکي، جيڪو پرولتاريه (مزدور طبقي) جي مجموعي تاريخي تجربي جو نچوڙ هجي. ان کان سواء اها ڪجهه به ڪونهي. انقلابي پارٽيءَ جي اڏاوت جو ڪم هميشه ڪيڊر (اڳواڻن) کي گڏ ڪرڻ ۽ ان جي تعليم ۽ تربيت ڪرڻ سان شروع ٿئي ٿو، جيڪي سڄي زندگي پارٽيءَ جي ڪرنگهي جي هڏيءَ جو ڪم ڪن ٿا. ٻيو حصو وڌيڪ پيچيده آهي: پورهيتن جي اڪثريت تائين پنهنجو پروگرام ۽ خيالن کي ڪيئن پهچائجي.

## سوال42 : انقلابي پارٽي ڇو ضروري هوندي آهي؟

جواب: هر مارڪسي تنظيم جو فرض مزدور تحريڪ جي وسيع تجربي کي عام اصولن جي شڪل ڏيندي مزدور طبقي جي اجتماعي يادگيريءَ

جو ڪم ڏيڻ گهرجي. تحريڪ اندر هڪ الڳ رجحان طور اسان جي وجود جو ٻيو ڪوئي جواز نٿو ٿي سگهي. پورهيت طبقو جيڪڏهن سماج کي بدلائڻ ۾ ڪامياب ٿيڻو آهي ته اهڙي پارٽيءَ جي تعمير وقت جي ضرورت آهي. انقلابي موقعا اڻچاٽايل وقت تائين نه رهندا آهن. جيڪڏهن پورهيت طبقو سماج کي تبديل ڪرڻ ۾ ڪامياب نه ٿئي ته حڪمران طبقو لازمي طور تي ان کي پنهنجي نظام جي بچاءَ ۾ ڪچليندو آهي. بدقسمتيءَ سان پورهيت طبقي طرفان اقتدار تي قبضو ڪرڻ جي ڪوشش جي تاريخ اهڙن واقعن سان ڀريل آهي، مثال طور چلي ۾ 1972ع کان 1973ع تائين ڪا انقلابي پارٽي هڪ ئي رات ۾ نهي نه پئي سگهي. اها صورتحال اسان کي پاڪستان ۾ 1968-69ع ۾ نظر اچي ٿي. ان کي شعوري طور تي عالمي مزدور تحريڪ جي جدوجهد ۾ اڳ ۾ موجود تنظيمن، پارٽين ۽ يونينز جي اندر ڪرڻ گهرجي. انقلابي پارٽي ۽ قيادت جي موجودگي طبقاتي جدوجهد جي نتيجن تي اهڙيءَ طرح فيصلائتا اثر ڇڏي ٿي، جهڙيءَ طرح قومن جي جنگين ۾ فوج ۽ جنرل اسٽاف جو معيار فيصلو ڪندڙ ڪردار ادا ڪندو آهي. جهڙيءَ ريت جنرل اسٽاف کي جنگ جي شروعات ۾ فوري طور تي وجود ۾ نه ٿو آڻي سگهجي، ساڳيءَ ريت انقلابي پارٽي به انقلابي وقت تي قائم نٿي ٿي سگهي. ان کي سالن ۽ ڏهاڪن ۾ منظم طريقي سان تعمير ڪبو آهي. سموري تاريخ، خاص ڪري ويهين صديءَ جي تاريخ اسان کي اهو ئي سبق سيکاري ٿي. پورهيت طبقي جي شهيد ۽ عظيم انقلابي روزا لگزمبرگ، هميشه ان ڳالهه تي زور ڏنو ته عوام جي انقلاب لاءِ پهل قدمي ئي انقلاب جي محرڪ قوت آهي، ۽ هوءَ بلڪل صحيح آهي. انقلاب دوران ماڻهو تمام جلدي سکندا آهن. پر انقلابي صورتحال جي نوعيت اهڙي هوندي آهي جو ان کي گهڻو وقت برقرار نٿو رکي سگهجي. سماج کي مسلسل تحريڪ جي حالت ۾ نه ٿو رکي سگهجي ۽ نه ئي پورهيت طبقي کي مسلسل سخت سرگرميءَ جي حالت ۾ رکي سگهجي ٿو. نه تجربن لاءِ وقت هوندو آهي ۽ نه ئي پورهيتن وٽ گهوٻيون هٽي سکڻ جو وقت هوندو آهي. جڏهن زندگي ۽ موت جو



مسئلو درپيش هجي، ته غلطين جي وڏي قيمت ادا ڪرڻي پئجي ويندي آهي. ان ڪري ضروري آهي ته عوام پاڻمرادي تحريڪ کي تنظيم، پروگرام، حڪمت عملي ۽ طريقه ڪار يعني هڪ انقلابي پارٽيءَ ساڻ جوڙيو وڃي جنهن جي اڳواڻي تجربيڪار ڪيڊرز جي هٿ هجي. سرمائيداري نظام پاڻمرادو تباهه نه ٿيندو، ان جو هر بحران اسان لاءِ مسئلا آڻيندو. صرف عالمي سطح تي پورهيتن جي شعوري جدوجهد ۽ انقلابي قيادت جي اڏاوت ئي سرمائيداريءَ جي تابوت ۾ آخري ڪوڪو هڻي سگهي ٿي. ان ڪري ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته پورهيت طبقي يعني سماج جي اڪثريت جي شعوري تحريڪ جي ضرورت آهي. اسان سڀ مختلف آهيون ۽ اها اميد نه رکڻ گهرجي ته اسان سڀ پاڻمرادو ڪنهن هڪ رات جو هڪ ئي نتيجي تي پهچنداسين ۽ صبح جو گڏ ٿي انقلاب شروع ڪنداسين. اسان سڀ مختلف وقتن تي مختلف واقعن مان سکندا آهيون. سماج جي تبديليءَ لاءِ انهن سڀني ماڻهن کي گڏ ڪرڻ لاءِ هڪ انقلابي رجحان جو وجود ضروري آهي.

## سوال43 : ڪميونسٽ پڌرنامي سياسي جدوجهد جي طريقن بابت ڪهڙا بنيادي مارڪسي اصول پيش ڪيا هئا؟

جواب: "ڪميونسٽ پورهيت طبقي جي فوري مفادن لاءِ وڙهندا آهن، پر حال ۾ هلندڙ تحريڪ ۾ اهي مستقبل جي تحريڪ کي ڌيان ۾ رکندا آهن ۽ ان جي نمائندگي به ڪندا آهن"

ڪميونسٽ پورهيت طبقي جي ٻين پارٽين جي مقابلي ۾ ڪا الڳ پارٽي ناهن ٺاهيندا. مجموعي طور تي پورهيت طبقي جي مفاد ڪانسواءِ انهن جو ڪو به مفاد ناهي هوندو. اهي پنهنجا الڳ فرقيوار اصول قائم نٿا ڪن، جيڪي پورهيت تحريڪ کي شڪل ڏين ۽ ڪنهن خاص سانچي ۾ پروئن. ڪميونسٽن ۽ پورهيت طبقي جي ٻين پارٽين ۾ فرق صرف اهو آهي ته (1) مختلف ملڪن جي پورهيتن جي قومي جدوجهد ۾ اهي بغير ڪنهن فرق جي پوري پورهيت طبقي جي گڏيل

مفادن تي زور ڏين ٿا ۽ انهن کي واضح ڪن ٿا. (2) بورجوا طبقي خلاف پورهيت طبقي جي جدوجهد پنهنجي ترقيءَ جي مرحلن مان گذرندي آهي ان ۾ اُهي هميشہ ۽ هر هنڌ مجموعي طور تحريڪ جي مفادن جي نمائندگي ڪندا آهن.

ڪميونسٽن جو فوري مقصد ساڳيو ئي آهي، جيڪو ٻين سڀني پورهيتن جي پارٽين جو آهي، يعني پورهيتن جو هڪ طبقو جڙي پئي، بورجوا طبقي جو تسلط کي ختم ڪيو وڃي ۽ پرولتاريہ سياسي اقتدار تي قبضو ڪري. ڪميونزم جي خاص خصوصيت اها آهي تہ اهو عام ملڪيت کي نہ پر بورجوا ملڪيت کي ختم ڪري ٿو. پورهيتن جو ڪو وطن ناهي هوندو ۽ جيڪو انهن وٽ آهي ئي ڪونہ ان کي ڪير انهن کان کسي سگهي ٿو؟

## سوال44: سوشلزم جي اڻٽر هئڻ بابت مارڪس جي راءِ ڪهڙي هئي؟

جواب: مارڪس سرمائيداراڻي سماج جي سوشلسٽ سماج ۾ تبديليءَ جي لازميت بابت نتيجو ڪڍي ٿو اهو خالص طور تي موجوده سماج جي ارتقا جي معاشي قانون مان نڪتل آهي. مارڪس جو وفات کان پوءِ پنجاهہ سالن ۾ پورهئي يعني محنت جي سماجي روپ تيزيءَ سان ترقي ڪئي آهي ۽ هزارين روپ ڌاري هن پنهنجو پاڻ کي تمام واضح طور تي ظاهر ڪيو آهي. وڏي پئماني تي پيداوار جو اُڀار، سنڊيڪيٽس ۽ ٽرسٽز ۽ گڏوگڏ مالياتي سرمائي جي طاقت ۽ دائري ۾ زبردست اضافو، سوشلزم جي لازمي ظهور لاءِ اهم مادي بنياد مهيا ڪن ٿا. ان تبديليءَ جي ذهني ۽ اخلاقي قوت ۽ ان جي پويان قوتِ محرڪ ۽ ان کي عملي جامو پهرائيندڙ طبقو پرولتاريہ آهي، جنهن جي تربيت سرمائيداريءَ پاڻ ڪئي آهي. سرمائيدار طبقي خلاف پورهيت طبقي جي جدوجهد ڪيترائي روپ اختيار ڪري ٿي، جنهن جي شروعات معاشي جدوجهد سان ٿئي ٿي ۽ آخر ۾ سياسي شڪل اختيار ڪري ٿي. جنهن جو مقصد



سياسي اقتدار تي پرولتاريہ جي فتح جي صورت آهي. پيداوار جي سماجي شڪل اختيار ڪرڻ سان، پيداوار جا سڀ وسيلا لازمي طور تي سماج جي ملڪيت بڻجي پوندا، يعني بي دخل ڪندڙن جي بي دخليءَ جو عمل ٿيندو. ان تبديليءَ جي سڌي نتيجي طور، پورهيتن جي پيداواري صلاحيت تمام گهٽي وڏي ويندي، ڪم ڪرڻ جو دورانيو يا ڪلاڪ گهٽ ٿي ويندا، ۽ ننڍي پيماني جي صنعت جي باقي بچيل پيداوار جي پسماندگيءَ ۽ پکيڙ کي اجتماعي ۽ بهترين محنت سان تبديل ڪيو ويندو. سرمائيداري صنعت ۽ زراعت جي رشتن کي ٽوڙيندي آهي. سوشلزم، جيتوڻيڪ انتهائي ترقي يافتہ هئڻ سبب، انهن رشتن کي ٻيهر تعمير ڪرڻ لاءِ نوان عنصر پيدا ڪندو آهي. صنعت ۽ زراعت جي وچ ۾ اجتماعي محنت کي گڏ ڪندي ۽ سائنس جو شعوري اطلاق ڪندي، اتحاد ناهي ٿو ۽ انساني آباديءَ کي ٻيهر ورهائي ٿو. (اهڙيءَ طرح هو ٻوناڻن جي پسماندگي، علحدگيءَ ۽ بربريت سان گڏوگڏ وڏن شهرن ۾ ماڻهن جي وڏي اڪثريت جي غير فطري گڏجاڻين کي بہ ختم ڪري ٿو.) موجوده سرمائيداراڻي نظام جي اعليٰ ترين شڪلن هڪ نئين قسم جي خاندان، عورت جي حيثيت ۽ نئين نسل جي پرورش جي حوالي سان نيون حالتون پيدا ڪيون آهن. جديد سماج ۾ سرمائيداريءَ جي هٿان عورتن ۽ ٻارن جي پورهئي جو استحصال ۽ خاندان جو ٽٽڻ لازمي طور تي سڀ کان وڌيڪ خوفناڪ، تباهيءَ وارو ۽ مڪروهہ روپ ڌاري ٿو. بهرحال، جديد صنعت پيداوار جي سماجي انداز ۾ منظم عمل ۾ خانداني حلقن مان عورتن، نوجوان ماڻهن ۽ ٻنهي جنسن جي ٻارن کي اهم ڪردار عطا ڪري ٿي جنهن سان جنس جي وچ ۾ لاڳاپا ۽ خاندان جي اعلي شڪل کي يقيني طور تي هڪ نئون معاشي بنياد ملي ٿو. اهو ظاهر آهي تہ خاندان جي ٽيوٽونڪ عيسائي نسب کي حتمي ۽ مڪمل سمجهڻ بلڪل بيڪار آهي، جيئن قديم روم، قديم يونان، يا مشرقي مذهب، جيڪي مجموعي طور تي، تاريخي ارتقاء جي زنجير سان ڳنڍيل آهن. ان کان علاوہ، اهو پڻ واضح آهي تہ حقيقت ۾ اجتماعي محنت ڪندڙن جا گروهہ ٻنهي جنسن ۽ هر عمر جي ماڻهن تي مشتمل

هئڻ سبب مناسب حالتن ۾ لازمي طور تي انساني ترقيءَ جو ذريعو بڻجن ٿا، توڙي جو جسماني ۽ وحشي سرمائيداريءَ جي شڪل ۾ هجي، جتي پورهيت پيداواري عمل لاءِ جيئرو هجي، نه وري پيداواري عمل پورهيت لاءِ هجي ٿو. اها حقيقت بدعنوانيءَ ۽ غلاميءَ جي بيماريءَ جو ذريعو بڻجي ٿي.

## سوال45 : تاريخ جو مادي تصور ڇا آهي؟ (لينن جي وضاحت)

جواب: پراڻي ماديت اڻپوري، متضاد ۽ هڪ طرفي آهي، ان لاءِ ضروري آهي ته سماج جي سائنس کي مادي بنيادن سان ملايو وڃي ۽ پوءِ انهن تي سائنس کي ٻيهر جوڙيو وڃي، ڇاڪاڻ ته ماديت پرستيءَ جي نقطي نظر کان شعور ذات جي اظهار کي چئبو آهي، نه ان جي ابتڙ. ان ڪري، جڏهن اسان ماديت جي نقطي کي انسان ذات جي سماجي زندگيءَ تي لاڳو ڪريون ٿا، تڏهن اها ڳالهه سامهون اچي ٿي ته سماجي شعور، سماجي وجود جو نتيجو يا اظهار آهي. انسان فطرت سان ڪنهن نه ڪنهن طريقي سان مهاڏو اٽڪائيندو اچي ٿو، يعني پيداوار جو اهو عمل جنهن ذريعي هو پنهنجي زندگيءَ کي برقرار رکي ٿو ۽ اهو به ظاهر ڪري ٿو ته سندس سماجي لاڳاپا ڪيئن نهن ٿا ۽ ان جي نتيجي ۾ ڪهڙا خيال جنم وٺن ٿا. انساني سماج ۽ ان جي تاريخ تي ماديت پسند روش جي بنيادي اصولن جو اطلاق تمام مختصر نموني سان هن ريت ڪيو ويو آهي.

“جياپي جي سماجي پيداوار دوران، ماڻهجو هڪ ٻئي سان اهڙن رشتن ۾ جڙي ويندا آهن جيڪي نه رڳو اڻٽر آهن پر انهن جي خواهش جي تابع به نه هوندا آهن. يعني پيداوار جا اُهي لاڳاپا جيڪي مادي پيداواري قوتن جي ترقيءَ جي ان خاص سطح سان مطابقت رکن ٿا”.

سماج جو معاشي ڍانچو انهن پيداواري رشتن جي حاصل جمع تي مشتمل هوندو آهي، جيڪو حقيقي بنياد هوندو آهي، جنهن تي قانوني ۽ سياسي سپر اسٽرڪچر بيٺل هوندو آهي، ۽ سماجي شعور جا



مخصوص ادارا ان سان لاڳاپيل هوندا آهن. مادي زندگيءَ جي پيداوار جو طريقو سماجي، سياسي ۽ عقلي زندگيءَ جي عمل جو تعين ڪري ٿو”.

تاريخ جي مادي تصور جي ڪوجنا سبب يا وڌيڪ واضح طور تي چئجي ته، ماديت (فلسفياڻي ماديت) جي سماجي مظاهري جي دائري ۾ مسلسل ڦهلجڻ سبب، اڳ کان رائج تاريخ جي باري ۾ نظرين يا ٿيوريز ۾ موجود ٻه وڏيون خاميون ختم ٿي ويون. پهريون هي ته اهي گهڻو ڪري رڳو انسانن جي تاريخي سرگرمين جي نظرياتي محرڪن ڳالهائيندا هئا، پر انهن مُحرڪن جي بنيادن جي سلسلي ۾ ڪائي تحقيق نه ڪندا هئا، نه ئي انهن مقصدي قانونن جو تعين ڪيو ويندو هو ته جيڪي سماجي لاڳاپن جي سرشتي جي ارتقا جي ڪهڙي سطح هئي، ٻيو، اهي ابتدائي نظريا عوام جي سرگرمين بابت ڪجھ به نه ڪُڇندا هئا. پهريون ڀيرو، تاريخي ماديت جي ذريعي سماجي حالتن ۽ عوامي زندگي ۾ تبديلين جو هڪ سائنسي طور تي صحيح مطالعو ممڪن ٿي سگهيو.

مارڪسزم کان اڳ سماجيات ۽ تاريخ نگاري، سواءِ ان دور جي ڪچين حقيقتن جي مجموعو ۽ تاريخي عمل جي انفرادي پهلوئن جي تصوير ڪانسواءِ ٻيو ڪجھ به نه هئي. مختلف رجحانن کي مجموعي طور تي جانچڻ کان پوءِ، انهن کي تاريخي عمل جي انفرادي پهلوئن ۾ سرگرم مختلف طبقن جي پيداوار ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جي بلڪل صحيح وصفن ۾ ورتو ويو. انهيءَ خاص غالب تصور جي چونڊ يا ان جي تشريح ڪي جانچڻ کان پوءِ اها حقيقت سامهون اچي ٿي ته سمورا تصور ۽ خيال ۽ مختلف رجحان پيداواري قوتن جي مادي حالتن مان پيدا ٿين ٿا. اهڙيءَ ريت مارڪسزم سماجي ۽ معاشي نظامن جي ظهور، عروج ۽ زوال جي عمل جي جامع مطالعي لاءِ راهه هموار ڪئي. ماڻهو پنهنجي تاريخ پاڻ ٺاهيندا آهن، پر عوام جي اڪثريت جي تحرڪ جو تعين ڪيئن ٿيندو آهي؟ يعني انساني سماجن ۾ هلندڙ انهن سمورن تڪرارن جو نتيجو ڇا نڪرندو آهي؟ مادي زندگيءَ جي پيداوار لاءِ ڪهڙا مقصد ۽ شرط آهن،

جيڪي انسان جي سموري تاريخي سرگرمين جو بنياد آهن؟ انهن حالتن جي ارتقا جو قانون ڪهڙوآهي؟ مارڪس تاريخ جي سائنسي مطالعي جو رستو ڏيکاريندي چيو ته، ان جي تمام تنوع ۽ تضادن جي باوجود، اهو هڪ واحد عمل آهي جيڪو مخصوص ضابطن جي تابع آهي.

## سوال46 : مارڪسزم جو فلسفو (جدلياتي ماديت) ڇا آهي؟

جواب جدلياتي ماديت نه ته افسانو آهي ۽ نه وري تصوف. جيڪڏهن اها زندگي جي عام مسئلن تائين محدود نه رهي ته اها هڪ سائنس آهي جنهن ذريعي پيچيده ۽ ڏکيا عمل سمجهي سگهجن ٿا. جدلياتي ۽ رسمي منطق جو ساڳيو تعلق اعليٰ ۽ هيٺين رياضيات سان آهي.

ارسطو جي عام مقدمي جو منطق هن ريت شروع ٿئي ٿو: الف برابر آهي الف جي. ان مفروضي کي ڪيترن ئي انساني عملن لاءِ قبول ڪيو ويندو آهي. پر حقيقت ۾، الف، الف جي برابر ناهي هوندي. جيڪڏهن انهن ٻنهي اکرن کي محدث شيشي جي هيٺان رکيو وڃي ته مٿيون ڳالهيون آسانيءَ سان ثابت ٿي وينديون. اهي هڪ ٻئي کان مختلف هوندا آهن. پر اهو اعتراض ٿي سگهي ٿو ته صرف برابر مقدار آهن. مثال طور، هڪ پاءُ کنڊ. حقيقت ۾، هڪ پاءُ ناهي هوندي. هڪ وڏيڪ سنو پئمانو فرق کي واضح ڪري ڇڏيندو. اهو پڻ سچ آهي ته سيئي جسم بغير ڪنهن مداخلت جي پنهنجو حجم، وزن ۽ رنگ وغيره تبديل ڪندا آهن. اهي پاڻ ۾ ئي برابر نه هوندا آهن. هڪ سوفستائي چئي سگهي ٿو ته هڪ خاص لمحي ۾ هڪ پاءُ کنڊ هڪ پاءُ وزن برابر هوندي آهي.

جيڪڏهن هن انتهائي مشڪوڪ ڳالهه جي عملي قدر کي نظر انداز ڪيو وڃي، تڏهن به اهو نظرياتي تنقيد کي برداشت نه ڪندو. مثال طور، اسان لفظ ساعت کي ڪيئن سمجهي سگهون ٿا جيڪڏهن اهو هڪ لامحدود دور آهي، ته اها ساعت اهو ٻلڪُ لازمي طور تي تغير جو محتاج هوندو يا وري اها ساعت ڪنهن خاص رياضياتي تجريد آهي؟



يعني وقت جي ٻُڙي. پر هر شيءِ وقت اندر موجود آهي ۽ موجودگي بذات خود پاڻ ۾ مداخلت ڪانسواءِ هڪ عمل آهي. نتيجي طور، اتي هميشه موجودگي جو بنيادي عنصر آهي. انڪري الف برابر الف هئڻ جو مطلب هي آهي ته ڪا شيءِ پنهنجي ئي برابر هوندي آهي جستائين اها تبديل نه ٿئي، پر جيڪڏهن اها تبديل نه ٿيندي ته سا موجود به نه هوندي.

پهرين نظر ۾، اهي پيچيدگيون بيڪار لڳن ٿيون، پر حقيقت ۾ اهي اهم هونديون آهن. هڪ پاسي الف برابر واري سوچ اسان جي سڀني علم کان جدا هجڻ جو نڪتو لڳي ٿو پر ٻئي پاسي اهو نڪتو اسان جي علم جي سڀني غلطين کي به واضح ڪري ڇڏي ٿو. ڪنهن غلطيءَ بنا الف برابر الف جي نظرئي لڪي استعمال ڪري سگهجي ٿو پر ڪجهه حدن اندر رهي ڪري جڏهن زبردست ڪم دوران الف ۾ مقداري تبديليون نه هئڻ برابر هجن ته اسان چئي سگهون ٿا ته الف برابر آهي الف جي. مثال طور، ساڳيءَ ريت هڪ پاءُ کنڊ جي خريدار ۽ وڪرو ڪندڙ جي وچ ۾ ٽرانزيڪشن ٿيندي آهي، سج جو گرمي پد به ان ئي طريقي سان طئي ڪيو ويندو آهي، ايتري تائين جو ڊالر جي قوت خريد به ان ئي طريقي سان طئي ڪئي ويندي هئي. پر مقداري تبديليون ڪجهه حالتن ڪانپوءِ معياري تبديليءَ ۾ بدلجي ٿي وينديون آهن، هڪ پاءُ کنڊ، پاڻيءَ يا گاسليٽ سان ملي ڪري هڪ پاءُ کنڊ ناهي رهندي. جڏهن هڪ ڊالر صدر جي کيسي ۾ هوندو آهي ته اهو هڪ ڊالر ناهي رهندو. ڪهڙي نازڪ وقت تي مقدار معيار ٻڻجي ويندو آهي اهو سائنس جي سڀني شعبن لاءِ انتهائي اهم ۽ مشڪل ڪم آهي.

هر ڪاريگر ڄاڻي ٿو ته هو ڪڏهن به ٻه شيون هڪجهڙيون نٿو ٺاهي سگهي. پتل جي راڊ ۾ ڪجهه تبديليون آٽيندي، ان کي ڪُنڊ ٺاهي ويندي آهي، اها تبديلي هڪ حد کان وڌيڪ نه هجڻ گهرجي. (انهيءَ کي رواداري چئبو آهي) هن رواداري تي غور ڪندي، اهو سمجهيو ويندو آهي ته سڀ ڪندون هڪجهڙيون هجن (يعني الف جي برابر الف). ٻين

لفظن ۾، جڏهن اها برداشت وڌي ويندي تہ مقدار معيار ۾ تبديل ٿي پوندو، ٻين لفظن ۾ ڪنڊ خراب ٿي اڻ مُلهي ٿي پوندي.

اسان جي سائنسي سوچ اسان جي عام عمل جو هڪ حصو هوندي آهي، جنهن ۾ ٽئڪنڪ بہ شامل آهي جتي خيالن جو تعلق آهي، ان ۾ بہ برداشت جي ضرورت آهي، جيڪا الف برابري جي سوچ سبب وجود ۾ نہ ايندي آهي، پر ان سوچ جي جدلياتي منطق مان پيدا ٿيندي آهي هر شيءِ هر وقت تبديل ٿيندي رهندي آهي. عام احساس جي فضيلت هن حقيقت ۾ آهي تہ اهو آهستي آهستي "برداشت" کان اڳتي نڪري ويندو آهي.

سرمائيداري، اخلاقيات، آزادي، مزدو رياست جهڙن نظرين ساڻ ڪجهہ بيهودي قسم جا خيال بہ تجريد وانگر ٻڌل هوندا آهن. يعني سرمائيداري، سرمائيداري جي برابر آهي. اخلاقيات اخلاقيات جي برابر آهي وغيره. پر جدلياتي سوچ شين کي انهن جي مسلسل تبديليءَ جي تناظر ۾ ڏسي ٿي ۽ مادي حالتن ۾ انهن تبديلين جو تعين ڪري ٿي، جنهن جي حدن کان الف برابر الف جي سوچ پري ناهي. هڪ مزدور رياست، رياست ناهي رهندي.

بيوقوف خيال جي بنيادي خامي اها آهي تہ اهو حقيقت کي بي حرڪت سمجهي ٿو، جيتوڻيڪ حقيقت هميشہ حرڪت ۾ رهي ٿي. جدلياتي سوچ خيالن کي جيترو ممڪن ٿي سگهي، وڌيڪ درستگي، جامعيت، لچڪدار ۽ بهتر مواد فراهم ڪري ٿي، پر ان سان گڏ هڪ تازگي پڻ جيڪا خيالن کي عملي زندگيءَ جي ممڪن حد تائين ويجهو آڻي ٿي. عام سرمائيداري نہ، پر سرمائيداري ترقي جي هڪ خاص مرحلي جي، هڪ عام مزدور رياست نہ، پر سامراجيت. ڪنهن پنتي پيل ملڪ ۾ مزدور جي رياست.

جدلياتي سوچ جو اهڙو ئي لاڳاپو آهي، جهڙو هڪ هلندڙ عڪس جو هڪ چٽيل تصوير سان. هلندڙ تصوير چٽيل تصوير جي



مخالفت نہ ڪندي آهي، بلڪ هلندڙ تصويرن کي حرڪت جي اصول تحت هڪڙي ترتيب ۾ پورو ڪندي آهي. جدليات سچ جي انڪاري ناهي، پر ڪيترن ئي سچائين کي اهڙيءَ ريت جوڙي ٿي جو اسان هميشہ لاءِ بدلجندڙ حقيقت کي وڌيڪ ويجهو ڏسي سگهون ٿا. هيگل پنهنجي ڪتاب “منطق” ۾ قانونن جو هڪ سلسلو قائم ڪري ٿو. مثال طور، مقدار جي معيار ۾ تبديلي، تضاد جي ذريعي اڳتي طرف وڌڻ ۽ مواد جو ٽڪراءُ، تسلسل ۾ مداخلت، امڪان جو ناگزيريت يا لازميت ۾ بدلجڻ وغيره. اهو سڀ ڪجهہ نظرياتي سوچ لاءِ ضروري آهي جيترو ان سوچ جي ابتدائي ڪمن لاءِ.

هيگل ڊارون ۽ مارڪس کان اڳ لکيو هو. فرانسيسي انقلاب جي فڪر جي عظيم سوچ کي جيڪا هٿي ملي ان سبب، هيگل سائنس جي ترقيءَ جي اڳڪٿي ڪئي. جيتوڻيڪ اها هڪ عظيم انسان جي اڳڪٿي هئي، پر هيگل ان کي هڪ خيال سمجهو. هن خيال پاڇولن کي آخري حقيقت چئي ڇڏيو. پر مارڪس چيو تہ اهي خيالي پاڇا مادي جسمن جي حرڪت جو عڪس آهن.

اسان پنهنجي جدلياتي ماديت پرست کي چئون ٿا تہ هن جون پاڙون نہ آسمان ۾ آهن ۽ نہ ئي اسان جي “آزاد ارادي” جي اونهائين ۾، بلڪ معروضي حقيقت يعني، فطرت ۾ آهن. شعور، لاشعور مان پيدا ٿئي ٿو، نفسيات جسماني علم مان، نامياتي دنيا غير نامياتي کان، شمسي نظام کان ستارن جي ڪلسٽر يا ڪڪرن مان. ترقيءَ جي ڏاڪڻ جي هر وک تي. مقداري تبديليون، معيار ۾ تبديل ٿينديون آهن. اسان جي سوچ، جدلياتي سوچ سميت، هن نظام ۾ مختلف رنگ ۽ شڪلون آهن. خدا، شيطان، امر روح، قانونن جي ابدي قدرن ۽ اخلاقيات لاءِ ڪابہ جاءِ ناهي. جدلياتي سوچ فطرت جي جدليات مان جنم وٺندي آهي. ان جو ڪردار خالص مادي آهي.

ڊارونزم، جيڪو مختلف نسلن جي مقدار کان معيار جي ڪيفيت ۾ منتقلي جي وضاحت ڪري ٿو، نامياتي مادي جي دنيا ۾ جدليات جي هڪ وڏي ڪاميابي آهي. ٻي وڏي دريافت ڪيميائي عنصرن جي ايٽمي ساخت آهي. ان کان اڳتي جي کوجنا هڪ عنصر جو ٻئي عنصر ۾ تبديل ٿيڻ آهي.

انهن شڪلين سان ويجهڙائي سان لاڳاپيل طبقن جو سوال آهي، جيڪو فطري ۽ سماجي آهي اهو سائنس ۾ پڻ اهم آهي. ارڙهين صديءَ جي سويڊني نباتات جي ماهر ٻوٽن کي انهن جي خارجي خاصيتن جي مطابق بيان ڪيو ۽ انهن جي درجه بندي ڪئي، نباتيءَ جو اهو ٻاراڻو زمانو منطق جي چريائپ مثل هو. چاڪاڻ ته اسان جي سوچ ٻين جاندار شين وانگر ترقي ڪندي آهي. عدم تبديليءَ جي تصور کي ان فيصلي سان ختم ڪري سگهجي ٿو جڏهن ٻوٽن جي ارتقائي تاريخ جو اڀياس ڪيو وڃي ۽ اهڙيءَ طرح هڪ حقيقي سائنسي درجي بندي جو بنياد رکيو وڃي.

مارڪس، جيڪو ڊارون جي ابتڙ، هڪ شعوري جدلياتي ماهر هو، ان انساني سماجن جي سائنسي درجي بندي کي انهن جي پيداواري قوتن جي روشنيءَ ۾ ڳولهيو. هن ملڪيت جي لاڳاپن جي ڍانچي کي پڻ ڳولهي لڌو جيڪو سماج جي آپريشن تي ٻڌل هو. رياست ۽ سماج جي بي معنيٰ درجي بندي کي مارڪسزم سان تبديل ڪيو ويو، جيڪا جدلياتي ماديت جي درجي بندي آهي. مارڪس جي نظرئي کي اپنائڻ کان پوءِ ئي پورهيتن جي رياست جو نظريو ۽ ان جي زوال جو وقت طئي ٿي سگهي ٿو.

جيئن ته اسان ڏسون ٿا، ۽ جيئن ته تقريباً مڪمل ڪوڙ، جهالت ۽ بي خبري تصديق ڪندي، ان بابت ڪٿي به سائنسي يا مابعد الطبعيات واري ڪا عالماڻي ڳالهه ڪانهي. جديد سائنسي فڪر ۾ جدلياتي منطق حرڪت جي قانونن جي تشريح ڪري ٿي. ان جي ابتڙ جدلياتي ماديت



جي خلاف جدوجهد، ماضيءَ جو قصو، بورجوازي جي قدامت پسندي، پنهنجي فريب ۾ مبتلا يونيورسٽين جي پروفيسرن جو روح راڙو ۽ عيد جي ڪنهن زندگيءَ جي اميد رکندڙن جي ماتم جي نمائندگي ڪري ٿي.

## سوال47 : طبقاتي جدوجهد ڇا آهي؟

جواب: "هر ڪو ڄاڻي ٿو ته ڪنهن به سماج ۾ ڪجهه ماڻهن جا مقصد ۽ خواهشون ٻين جي اُميدن ۽ خواهشن سان ٽڪرائجن ٿيون ۽ سماجي زندگي تضادن سان ڀريل آهي ۽ تاريخ سماجن جي اندر ۽ سماج جي وچ ۾ جدوجهد کي ظاهر ڪري ٿي. ان ڪانسواءِ انقلاب ۽ رد انقلاب، جنگ ۽ امن، جمود ۽ تيز رفتار ترقي يا زوال جو دور هڪ ٻئي پٺيان اچي رهيو آهي، ان سلسلي ۾ مارڪسزم طبقاتي جدوجهد جو نظريو پيش ڪري ٿو، نظر ايندڙ انتشار نظر ايندا آهن ان تي لاڳو ٿيندڙ قانونن کي ڳولهيو وڃي ٿو. ڪنهن هڪ يا وڌيڪ سماجن جي ميمبرن جي اجتماعي ڪاوشن جو مطالعو اسان کي انهن نتيجن جي سائنسي تعريف تائين رسائي ٿو ۽ اهي ٽڪرجندڙ ڪاوشون انهن طبقن جي زندگيءَ جي طريقي ڪار ۽ حقيقت ۾ موجود فرق مان جنم وٺن ٿيون جن ۾ هر سماج ورهايل هوندو آهي.

مارڪس ڪميونسٽ مينيفيسٽو ۾ لکيو هو ته "تاريخ ۾ جيڪي به سماج گذريا آهن انهن جي تاريخ غلام طبقاتي جدوجهد ٿي بيٺل آهي. (ان ڪانپوءِ اينگلز ان ۾ وڌاءُ ڪيو ۽ لکيائين ته قديم آشتراڪي سماج ڪانسواءِ) آقا ۽ غلام، زميندار ۽ هاري، سرمائيدار ۽ پورهيت، مختصر اهو ته ظالم ۽ محڪوم مسلسل هڪ ٻئي جي خلاف صف آرا رهيا آهن ۽ مسلسل هڪ اهڙيءَ جنگ ۾ رڌل رهيا آهن، جيڪا ڪڏهن لڪيل ته ڪڏهن واضح رهي آهي ۽ ان جنگ جو نتيجو هر ڀيري يا ته سماج جي مڪمل انقلابي جوڙجڪ جي صورت ۾ نڪرندوهو يا وري جنگ جوٽيندڙ طبقن جي گڏيل تباهي جي صورت ۾. جاگيرداراڻي

سماج جي تباهيءَ مان نڪرندڙ جديد بورجوا سماج بہ طبقاتي دشمنن کي ختم نہ ڪري سگهيو، ان ڪان ايترو ٿيو جو ان نون طبقن کي جنم ڏنو، ظلم جي نون حالتن کي جنم ڏنو ۽ پراڻين شڪلين بدران جدوجهد جي نئين شڪلين کي جنمر ڏنو آهي. اسان جي دور ۾ يعني سرمائيداريءَ جي دور جي خاص خصوصيت اها آهي تہ ان طبقاتي دشمنيءَ کي آسان بڻائي ڇڏيو آهي، اهو سوال مجموعي طور ٻن وڏن گروهن ۾ ورهائجي رهيو آهي. ٻن عظيم طبقن کان پوءِ جيڪي هڪ ٻئي جي سامهون آهن يعني بورجوازي ۽ پرولتاريہ.

هيٺ ڏنل پيراگراف مارڪس جي ڪميونسٽ پڌرنامي مان ورتو ويو آهي جيڪو ظاهر ڪري ٿو تہ مارڪس جديد سماج ۾ هر وچولي طبقي جي پوزيشن جي معروضي تجزيي جي حوالي سان ڪهڙي وضاحت ڪئي هئي.

“اڄ سرمائيدار طبقي کي جن طبقن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو، پرولتاريہ ئي انهن مان حقيقي انقلابي طبقو آهي. باقي طبقا جديد صنعت جي مقابلي ۾ سڙي ڳري ۽ آخرڪار غائب ٿي وڃن ٿا. پرولتاريہ ان جي خاص ۽ لازمي پيداوار آهي. هيٺيون وچولو طبقو، ننڍين صنعتن جا مالڪ، دڪاندار، دستڪار ۽ هاري، سڀ بورجوازيءَ خلاف ان لاءِ وڙهندا آهن جو پاڻ کي وچولي طبقي جي عنصرن کان بچائي سگهن، تنهنڪري اهي انقلابي نہ پر قدامت پسند آهن. بلڪ، اهي رجعت پسند آهن، ڇاڪاڻ تہ اهي تاريخ جي ڦيٿي کي ڦيرائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جيڪڏهن اُهي انقلابي ٿين بہ ٿا تہ اهو صرف پنهنجي پرولتاريہ ۾ بدلجڻ جي خوف جي ڪري تنهنڪري اُهي پنهنجي حال جي نہ پر مستقبل جي مفادن جو دفاع ڪن ٿا. اُهي پنهنجي نظرئي کي ڇڏي ان جي جاءِ تي پرولتاريہ جي نظريي کي اپنائيندا آهن”.

تاريخ سان لاڳاپيل ڪيترين ئي لکڻين ۾ مارڪس مادي نقط نظر کان تاريخ سازيءَ جا تمام شاندار ۽ ڪارائتا مثال ڏنا آهن. هر فرد



طبقي ۽ ڪٿي ڪٿي ڪنهن طبقي اندر طبقن يا گروهن جي حيثيت جو تجزيو ڪندي، اهو واضح ڪيو اٿائين تہ هر طبقاتي جدوجهد سياسي جدوجهد ڇو ۽ ڪيئن هوندي آهي. مٿين لکت هڪ مثال آهي تہ مارڪس جي تاريخي ارتقا جي نتيجي کي طئي ڪرڻ لاءِ هڪ طبقي جي ٻئي طبقي جي تبديليءَ دوران ايندڙ عبوري مرحلن، ماضيءَ کان مستقبل تائين جي سفر ۽ پيچيده سماجي رشتن جي ڄار جو تجزيو ڪندو هو.

مارڪس جو معاشي نظريو هن نظريي جي سڀ کان وڏيڪ جامع، عميق ۽ تفصيلي تصديق ۽ ان جو اطلاق آهي.

سوال48 : ٽراٽسڪيءَ جو مطالعي بابت ڪهڙو خيال هو؟

(29 مئي 1923ع)

جواب : پيارا ڪامريڊو!

توهان شڪايت ڪئي آهي تہ توهان پنهنجي دلچسپيءَ وارا ڏهہ سيڪڙو ڪتاب بہ پڙهي نہ سگهيا آهيو ۽ پڇيو آهي تہ ان لاءِ مناسب شيڊول ڪيئن ترتيب ڏجي. اهو هڪ تمام ڏکيو سوال آهي ڇو تہ اهو آخرڪار هر فرد کي پنهنجي مخصوص ضرورتن ۽ مفادن جي بنياد تي فيصلو ڪرڻو پوندو. بهرحال، مان هتي اهو ذڪر ڪرڻ ضروري سمجهان ٿو تہ ڪو ماڻهو ڪنهن حد تائين موجوده ادب کان واقف ٿي سگهي ٿو، چاهي اهو سائنسي هجي، سياسي هجي يا ٻيو، ان جو دارومدار نہ رڳو وقت جي مناسب ورڇ تي هوندو آهي بلڪ اڳوٽي تربيت تي پڻ منحصرڪري ٿو.

پارٽيءَ جي نوجوانن لاءِ توهان جي خاص حوالي سان، مان صرف ايترو ئي مشورو ڏيندس تہ جلدي نہ ڪريو ۽ پنهنجي پاڻ کي هڪ موضوع کان ٻئي ۽ ٻئي ڪتاب ڏانهن نهارڻ لاءِ ان وقت شروع نہ ڪريو جيستائين توهان پهرين ڪتاب کي پڙهڻ ۽ سوچڻ کان پوءِ چڱيءَ ريت

مهارت حاصل نہ ڪري وٺو. ان بابت مون کي ياد آهي جڏهن مان پاڻ هڪ نوجوان هئس، تڏهن مان بہ محسوس ڪيو تہ مون وٽ ڪافي وقت نہ هو. جڏهن مان جيل ۾ هئس، تڏهن بہ مون محسوس ڪيو هو تہ مان جيڪو ڪجهہ ڏينهن ۾ پڙهندو آهيان، اهو ڪافي نہ هو. جيئن تہ اقتصادي شعبي ۾، نظرياتي شعبي ۾ سڀ کان وڏيڪ ڏکيو ۽ وقت سازي وارو قدم ابتدائي سرمائي جو تسلسل آهي. علم جي ڪجهہ عنصرن، خاص ڪري نثري مهارت (طريقي) جي عنصرن تي مڪمل دسترس حاصل ڪرڻ ۽ انهن کي پنهنجي دانشورانہ سرگرمين جو هڪ لازمي حصو بڻائڻ کان پوءِ ئي، توهان نہ رڳو ان شعبي جي ادب کي سمجهي سگهو ٿا، جنهن سان توهان واقف آهيو، پر علم جي انهن شعبن کي بہ جيڪي ان کان الڳ يا مختلف آهن چاڪاڻ تہ آخري تجزيي ۾ عمل هميشہ ساڳيو هوندو آهي.

اهو بهتر آهي تہ هڪ ڪتاب پڙهجي. اهو بهتر آهي تہ هڪ وقت ۾ هڪ ننڍڙي شيءِ تي ماهر ٿجي، پر ان کي مڪمل طور تي ڪجي. صرف هن طريقي سان سمجهڻ جون ذهني صلاحيتون پاڻ کي قدرتي طور تي ترقي ڪرائي سگهن ٿيون. سوچ پاڻ مرادو آهستي آهستي خود اعتمادي حاصل ڪندي ۽ ترقي ڪندي. ذهن ۾ انهن بنيادي ڳالهين کي رکڻ سان، توهان آساني سان پنهنجي لاءِ هڪ شيڊول ٺاهي سگهندا. ۽ پوءِ هڪ دلچسپيءَ کان ٻئي ڏانهن منتقل ٿيڻ توهان کي هڪ خاص قسم جو لطف ڏيندو.

## سوال49 : مسلسل (لڳاتار) انقلاب ڇا آهي؟

جواب: مسلسل انقلاب جا عملي بنياد ٽن اهم نقطن تي ٻڌل آهن.

پسماندگيءَ ۽ جديديت جي انضمام تي ٻڌل سماجن جا حڪمران پنهنجي تاريخي ۽ معاشي ڪمزوريءَ سبب انهن سماجن کي ترقي يافتہ ۽ جديد بڻائڻ جي قابل نہ رهيا آهن. تاريخي طور تي سرمائيدار صنعتي انقلاب جا فرض، جيڪي بورجوا طبقي کي پورا



ڪرڻا هئا، انهن ۾ هڪ جديد قوم ۽ هڪ قومي رياست جو قيام، جديد صنعتي نظام جي قيام لاءِ گهربل بنيادي ڍانچي (انفراسٽرڪچر) جي تعمير، جاگيرداريءَ جو خاتمو ۽ زرعي انقلاب، پارلياماني جمهوريت جو قيام ۽ مذهب کي رياست کان الڳ ڪرڻ شامل هو. پاڪستان ۽ ٻين نوآبادياتي ملڪن جا حڪمران آزاديءَ کان پوءِ انهن مان ڪو هڪ بہ فرض پورو نہ ڪري سگهيا. ۽ اهي هن نظام ۾ وڏندڙ سامراجي راڄ ۾ رهندي ڪڏهن بہ ائين نہ پئي ڪري سگهيا. تنهن ڪري، انهن فرضن جي پورائي لاءِ گهربل (وڏي صنعت، بينڪ، سرمائي وغيره) کي رياستي قبضي ۾ وٺڻ لازم ٿي پوي ٿو. اهڙيءَ ريت قومي جمهوري انقلاب جا فرض پورا ڪرڻ لاءِ سوشلسٽ قدم کڻڻا پوندا آهن. ان ڪري هن انقلاب جو ڪردار مسلسل يا لڳاتار ٿي پوي ٿو. ان صورتحال ۾ جنهن طبقي کي انقلاب جي اڳواڻي ڪرڻي آهي، اهو تاريخي طور تي انساني سماج جو جديد ترين طبقو آهي، يعني صنعتي مزدور يا پرولتاريہ، ان جي اڳواڻيءَ ۾ غريب هارين ۽ ٻين پٺتي پيل طبقن کي وٺي سرمائيداري جو سوشلسٽ انقلاب ذريعي خاتمو ڪندو، هن انقلابي بغاوت سان هٿياربند سوشلسٽ انقلاب جي قيام سان ڪنهن بہ سماج ۾ سوشلزم نہ ايندو. سوشلزم جو آخري مقصد هڪ طبقن کان پاڪ سماج جو قيام آهي، هڪ اهڙو سماج جتي تمام گهٽي مقدار ۾ استعمال جي شين جي برابر ۽ اجتماعي فراهمي هجي. هڪ ملڪ ۾ خاص طور تي هڪ پٺتي پيل ملڪ جنهن ۾ موجود ثقافتي، صنعتي ۽ فني معيار ان قابل ناهن هوندا جو ان مان سوشلزم جي بنيادي ضرورتن کي حاصل ڪرڻ ممڪن هجي، تنهنڪري جيڪڏهن ڪنهن هڪ ملڪ ۾ سوشلسٽ انقلاب اچي ٿو، تہ سوشلسٽ انقلاب جي عمل کي سڄي خطي ۾ ڦهلائڻ ۽ پوءِ عالمي سطح تي سوشلسٽ انقلابن جي عمل جو ڦهلجڻ لازمي ٿي پوي ٿو.

## سوال50 : ڇا سوويت يونين جو ٽٽڻ سوشلزم جي ناڪاميءَ کي ظاهر نٿو ڪري؟

جواب: اڄ کان 88 سال اڳ (پراڻي روسي ڪئلينڊر مطابق 26 آڪٽوبر ۽ جديد ڪئلينڊر مطابق 7 نومبر) تاريخ ۾ پهريون ڀيرو جيڪو انقلاب برپا ٿيو، جڏهن پورهيت طبقي جي اڪثريت لينن ۽ ٽراٽسڪيءَ جي اڳواڻيءَ هيٺ، اقتدار تي قبضو ڪري، هڪ مزدور رياست جوڙي. ان انقلاب جي تياريءَ ۽ قيام ۾ بالشويڪ پارٽيءَ (B) (RSDLP) فيصلو ڪندڙ ڪردار ادا ڪيو. پورهيت طبقي جي هڪ وڏي اڪثريت، پنچائتن (سوويٽن) جي نظام ۾ منظم ٿي، اجتماعي طور تي انقلاب ڪندي اقتدار تي قبضو ڪيو. تقريباً پنجن يا ڇهن سالن تائين اهو انقلاب انهن ڪلاسيڪي بنيادن تي قائم رهيو جنهن جو بنياد سندس باني رکيو. پر 1923-24ع کان پوءِ ان جو زوال شروع ٿيو. سوويت يونين جي ٽٽڻ جي اڳڪٿي پڻ هن انقلاب جي اڳواڻن لينن ۽ ٽراٽسڪيءَ ڪئي هئي. پر اڄ سامراجي پروپيگنڊا جي حملن ۾ جن ٻن حقيقتن کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، اهي هيٺ ڏجن ٿيون.

1- هن انقلاب جي مهرباني سان (زوال جي باوجود) 50 کان 60 سالن جي مختصر عرصي ۾ روس هڪ پٺتي پيل غلام ملڪ مان ڪيئنءَ بدلجي ڪري دنيا جي ٻي وڏي معيشت بڻجي ويو؟

2 - روس ۽ ٻين اسٽالنسٽ رياستن جو بحران سوويت يونين جي ٽٽڻ کان پوءِ ۽ انساني سماج جي حالت اڳي کان بهتر يا بدتر آهي.

1917ع ۾ آڪٽوبر انقلاب هڪ غريب پٺتي پيل روس ۾ زار جي جبر هيٺ جيڪا بنيادي تبديلي برپا ڪئي هئي جا مارڪيٽ تي ٻڌل معيشت (جتي پيداوار جو مقصد سرمائيدار جي منافعي جي شرح حاصل ڪرڻ هوندو آهي) کان منصوبابند (سوشلسٽ) معيشت ۾ تبديلي هئي (جتي پيداوار جو مقصد انساني ضرورتن کي پورو ڪرڻ هو). مقصد پيداوار ۾ بنيادي تبديلي اڳوڻي سوويت يونين ۾ ترقيءَ جي رفتار ۽ شدت کي جنم ڏنو، ان جو مثال دنيا جي ڪنهن ٻه خطي ۾ نه ٿو ملي. 1990ع تائين، سوويت يونين 30 اهم ۽ بنيادي صنعتن ۾ دنيا ۾ سڀ کان



وڌيڪ پيدا ڪندڙ خطو هو، جن ۾ اسٽيل، مشينري اوزار، ٽريڪٽر، ٽرڪ، سيمينٽ، ڪوئلي، گئس، تيل، ريلوي ۽ بجلي شامل آهن. ٻي عالمي جنگ کانپوءِ 25 سالن ۾ روس 1975ع تائين مغربي ملڪن جي ڀيٽ ۾ ٻيڻي ترقي ڪئي. ان عرصي دوران في فرد آمدنيءَ ۾ 160 سيڪڙو اضافو ٿيو. سماجي خرچن ۾ 400 سيڪڙو کان وڌيڪ اضافو ٿيو. 5 ڪروڙ 60 لک فليٽ ٺاهيا ويا. پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم سڄي آبادي لاءِ لازمي هئي. تعليم جي شرح 99 سيڪڙو تائين پهچي وئي. دنيا ۾ سڀ کان وڌيڪ ڊاڪٽر، انجنيئر، سائنسدان، ۽ ماهر روس ۾ پيدا ٿيا. ڪيترن ئي شعبن ۾، جهڙوڪ خلائي ٽيڪنالاجيءَ ۾ سوويت يونين آمريڪا کي ٻه پوئتي ڪري ڇڏيو هو. گهر ۽ ٽرانسپورٽ جا خرچ ۽ ڪرايا دنيا ۾ سڀ کان گهٽ هئا. ڪاڌي پيتي جي شين جا اگهه ايترا ته گهٽ ٿي ويا جو 50 سيڪڙو کان وڌيڪ پگهار مزدورن کي سڀ خرچ ڪڍڻ کانپوءِ ٻه بچي پوندي هئي. تعليم، علاج ۽ ٻيون بهتر سماجي سهولتون مفت هيون. ڪجهه سالن ۾ سالياني واڌ ۽ پيداواري واڌ جي شرح 28 کان 30 سيڪڙو رهي. ڪنهن ٻه ملڪ جي سرمائيداراڻي معيشت ان جي ويجهو ٻه نه اچي سگهي هئي. سوويت يونين جي ٽٽڻ تائين بيروزگاري هڪ ڏوهه هو ۽ روزگار ۽ بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ رياست جي ذميواري هئي. مٿين انگن اکرن ۽ تاريخي حقيقتن کي سڄي دنيا تازي تاريخ ۾ ڏسي چڪي آهي. اهو سڀ ڪجهه صرف پيداوار جي وسيلن جي مالڪيءَ جي لاڳاپن جي تبديلي، زميني ۽ ڳري صنعت جي معيشت ۽ تقسيم جي جوڙجڪ، رابطي جي وسيلن جي قوميت، اقتصادي متاستا ۽ پرڏيهي واپار تي مڪمل رياستي اجاريداريءَ جي بنياد تي ئي ممڪن ٿيو. انساني تاريخ ۾ ايتري تيز رفتار ترقي ڪنهن ٻئي دور يا نظام ۾ نه ڏٺي وئي آهي.

اڄ سڄي پروپيگنڊا ۾ ماڻهن کي انهن حقيقتن کان بلڪل بي خبر رکيو پيو وڃي. پر ٻئي طرف جيڪي ماڻهو ان ترقيءَ جي فقط هڪ پاسي کان متاثر ٿيا ۽ روسي ۽ چيني بيوروڪريسيءَ جا پيروڪار

ٻڌجي ويا، سي سوويت يونين جي ٽٽڻ ۽ موجوده نظام جي تباهي جا سبب بيان ڪرڻ کان قاصر آهن.

سوويت يونين ۾ بالشويڪ انقلاب جو زوال 1924ع کان پوءِ شروع ٿيو. ان جي بنياد انقلاب سان گڏ ئي جنم وٺڻ شروع ڪيو. روس جيئن تہ 1917ع ۾ صنعتي، معاشي، سماجي ۽ ثقافتي لحاظ کان پٺتي پيل ملڪ هو، ان ڪري پهرين عالمي جنگ جي تباهيءَ ان جي بدحاليءَ کي وڌيڪ تيز ڪري ڇڏيو. جنگ دوران ۽ ان کان پوءِ انقلابي ڪوشش ۽ ڪاميابيءَ جي خوف سبب 21 ملڪن روس تي حملو ڪيو. جيئن تہ روس ۾ بالشويڪ انقلاب سامراجي ملڪن ۾ هڪ اهڙي ئي انقلاب جو خطرو وڌائي ڇڏيو هو، تنهن ڪري هنن ان انقلاب کي وڌڻ ويجهڻ کان پهريون ئي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پر هن انقلاب جي قيادت ۾ اها نظرياتي ۽ تنظيمي صلاحيت هئي جنهن جي ڪري هن سامراجي جارحيت کي شڪست ڏني. هِہ بنيادي طريقا اختيار ڪيا ويا.

1 - انقلابي عمل ذريعي فقط 18 مهينن جي مختصر عرصي ۾ ٽراٽسڪي ڪميسار آف ڊفينس اينڊ وار (وزير) پاران اٽڪل ساڍا ٽي لک جي زوال پذير فوج کي ٽيهہ لک مضبوط ريڊ آرمي ۾ تبديل ڪيو ويو. جنهن سامراجي حملي جي مزاحمت ڪندي سامراجي قوتن ۽ ان جي دلالن کي ڪيترين ئي جنگين ۾ شڪست ڏني ۽ انقلاب جي دفاع ۾ فيصلائتو ڪردار ادا ڪيو.

2 - ٻيو طريقو مزدورن جي بين الاقوامي ايڪتا جي طريقي جو ڪردار آهي. جيئن تہ روس ۾ جنم وٺندڙ انقلاب ڪنهن قوم يا ملڪ جو انقلاب نہ هو ۽ پورهيتن جي هڪ بين الاقوامي تنظيم جي اڳواڻيءَ ۾ طبقاتي بنيادن تي ۽ ٻي عالمي تنظيم جي ڪابي ڌر جي اپوزيشن جي اڳواڻيءَ ۾ پيدا ٿيو هو، تنهن ڪري هن بين الاقوامي تنظيم جي پليٽ فارم تان لينن ۽ ٽراٽسڪيءَ سڄي دنيا جي پورهيتن کي اپيل ڪئي تہ هو پنهنجي طبقي جي هن انقلاب جي بچاءَ لاءِ عالمي جدوجهد ۾ شامل



ٿين. انهيءَ اپيل جي جواب ۾ نہ رڳو آمريڪا، برطانيہ، فرانس ۽ ٻين سامراجي ملڪن جي پورهيتن هڙتالن ذريعي حملي آور فوجن کي رسد بند ڪري ڇڏي، پر ان بالشويڪ تحريڪ جي نتيجي ۾ حملي آور فوجن جي ڪيترن ئي سپاهين بہ حملي ڪرڻ کان انڪار ڪندي بغاوتون ڪري ڇڏيون. ان جو بنيادي سبب اهو هو تہ جنهن نظريي هيٺ بالشويڪن انقلاب برپا ڪيو هو، اهو ڪنهن هڪ ملڪ ۾ سوشلزم نہ هو، پر اهو عالمي انقلاب جي تسلسل ۾ هڪ لڙيءَ وانگر هو.

جولاءِ 1918ع ۾ آمريڪي پورهيتن کي لکيل خط ۾ لينن لکيو تہ "اسان هينئر هڪ محصور قلعي ۾ آهيون (۽ ان وقت تائين رهنداسين) جيستائين بين الاقوامي سوشلسٽ انقلاب جي فوج اسان جي مدد لاءِ نہ ايندي".

لينن ان ئي سال نومبر ۾ لکيو.

"دنيا جي تاريخ ان ڳالهہ جي شاهد آهي تہ اسان روسي انقلاب آڻڻ ۾ ڪا بہ اڳڀرائي نہ ڪئي. بلڪہ اها هڪ اهم ضرورت هئي ڇو تہ ٻيو ڪو رستو نہ هو. جيستائين سوشلسٽ انقلاب سڄي دنيا ۾ فتح نہ ٿيو تہ برطانوي، فرينچ ۽ آمريڪي سامراج روس ۾ پرولتاري انقلاب ۽ آزاديءَ جو ڳلو گُهٽي ڇڏيندا. اسان عالمي انقلاب جي حمايت جي آسري تي سڀ ڪجهہ داءُ تي لڳايو آهي. اسان ٻين ملڪن جي پورهيتن سان گڏجي ڪم ڪرڻ سان ئي منزل تائين پهچي سگهون ٿا".

هن فوجي ۽ عالمي پورهيت طبقي جي مدد ۽ يڪجهتي سان روس ۾ انقلاب تہ آيو، پر جرمنيءَ سميت يورپ جي ٻين ڪيترن ئي ترقي يافتہ مُلڪن، اٽلي، فرانس ۽ برطانيہ جي انقلابن ۾ ناڪاميءَ سبب، پورهيت طبقي جو هي روس جو انقلاب علحدگيءَ ۽ ويڳاڻائپ جو شڪار ٿيڻ لڳو، جرمنيءَ ۾ انهيءَ عرصي دوران ٽي انقلاب برپا ٿيا، جن ۾ نومبر 1918، جنوري 1919، مارچ 1921 ۽ آڪٽوبر 1923ع جون

انقلابي ڪاوشون ۽ بغاوتون شامل هيون. 1922ع ۾ لينن ٽين انٽرنيشنل جي مرڪزي ڪائونسل کي خطاب ڪندي چيو هو تہ:

"برلن جرمنيءَ جي دل آهي ۽ جرمني يورپ جي دل آهي. جيڪڏهن جرمن انقلاب ڪامياب نہ ٿيو تہ اهو اٽٽر آهي تہ اسان جو انقلاب تباهہ ٿي ويندو. جرمنيءَ جي انقلاب جي فتح لاءِ جيڪڏهن اسان کي روسي انقلاب جي قرباني ڏيڻي پوي ٿي، تہ اسان هڪ لمحي لاءِ بہ نہ گهبرائينداسين" .

پوءِ جيڪا زوال پذيري پيدا ٿي، ان لينن جو اهو تجزيو مڪمل طور تي سچ ثابت ڪيو. بالشويڪ انقلاب تہ بچي ويو پر روس ۾ گهرو ويڙهہ، سامراجي جارحيت ۽ يورپي انقلاب جي ناڪاميءَ سبب انقلاب جي اڪيلي ٿي پوڻ سبب زوال جي عمل فيصلائتا اثر ڇڏيا.

پنتي پيل روس ۾، انهن آفتن، قلت ۽ ڏڪار جي صورتحال پيدا ڪئي. سوين بالشويڪ پارٽي جا اڳواڻ پورهيتن جي رياست جي حفاظت ڪندي گهرو ويڙهہ ۾ مارجي ويا. ان جي جاءِ تي اقتدار جي لالچ ۾ ڪيترائي مفاد پرست چور دروازي ذريعي بالشويڪ پارٽيءَ ۾ داخل ٿيڻ لڳا. گهرج ۾ واڌ ۽ گهرج جي اضافي سبب پيدا ٿيل سماجي بگاڙ انقلاب جو سبب بڻيو ۽ پوءِ وڌڻ لڳو. ان کي روڪڻ لاءِ، رياستي حڪمت عملين کي تيز ڪرڻ شروع ڪيو ويو. جو تہ طلب ۽ قلت ناگزير طور تي رياستي حڪمت عملين کي مضبوط ڪري ٿي ۽ بيوروڪريسي (آفيسر شاهي) عملن کي جواز بڻائي ٿي. 1920ع تائين، پورهيت طبقو صرف جنگ کان اڳ (1913ع ۾ پهرين عالمي جنگ کان اڳ) پورهيت طبقي جو انگ صرف 43 سيڪڙو وڃي بچيو هو. اهڙيءَ ريت انقلاب ڪانپوءِ جي صورتحال ۾ اوائلي ڪيترن ئي سالن تائين وڌڻ بدران گهٽبي پئي وئي. صنعتي پيداوار صرف 18 سيڪڙو وڃي بچي هئي. ساڳيءَ طرح انقلاب برپا ڪندڙ پورهيت طبقي جي هر پهرئين يونٽ (دستي) جو وڏو حصو انقلاب جي دفاع لاءِ وقف ٿي ويو. گهرو



ويڙهہ ۽ انقلاب جي خطري کي منهن ڏيڻ لاءِ بالشويڪن کي ڪڏهن ڪڏهن انتهائي قدم کڻڻا پوندا هئا. 1920ع واري ڏهاڪي ۾، لينن ۽ ٽراٽسڪيءَ کي جنگي ڪميونزم جي پاليسيءَ کي لاڳو ڪرڻو پيو جيڪا اندروني افراتفري ۽ خارجي جارحيت جي خلاف هئي. انهن مشڪل حالتن ۾ اهڙن عملن جي وڏي قيمت ادا ڪرڻي هئي.

بيوروڪريسي جي ظاهر ٿيڻ جو هڪ عام مثال ڏيندي ٽراٽسڪي لکي ٿو: "جڏهن بہ ڪا ڪوٺ پيدا ٿئي ٿي تہ ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ قطارون لڳي وڃن ٿيون. حالتون جيتريون خراب ٿينديون، اوترو وڌيڪ خلفشار انهن قطارن ۾ هوندو، تنهنڪري انهن کي قابو ڪرڻ لاءِ سپاهيءَ جي ضرورت پيدا ٿيندي. گوشت حاصل ڪرڻ لاءِ اهڙيون قطارون لڳنديون تہ سپاهي سڀ کان پهريون پنهنجي لاءِ چڱو گوشت ڪٽرائي رکندو. اهو عمل بيوروڪريسيءَ جي جنم جو بنياد بڻجي ٿو".

پر روس جي ثقافتي ۽ سماجي پسماندگيءَ بہ بيوروڪريسيءَ جي پيدائش ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو هو. ترقي يافتہ ملڪن ۾ انقلابن نہ ٿيڻ سبب روس کي نہ رڳو صنعتي ۽ معاشي اڪيلائيءَ بلڪ قومي ۽ ثقافتي اجنبيت کي بہ منهن ڏيڻو پيو.

انهيءَ عمل سان بيوروڪريسيءَ جي پيدائش جي شروعات ٿي هئي. عظيم مارڪسي استاد فريڊرڪ اينگلز 19هين صديءَ ۾ لکيو هو تہ: "ڪنهن بہ سماج ۾ جتي فن، سائنس ۽ حڪومت اقليت جي ملڪيت هوندي آهي، اتي اقليت پنهنجي مفادن لاءِ انهن جو غلط استعمال ڪندي ۽ پنهنجي حيثيت جو غلط استعمال ڪندي جيڪا ڪنهن بہ حوالي سان ان کي ملي هجي. روس جي ان وڌندڙ بيوروڪريسي عمل لاءِ پنهنجي ڪتاب Better Fewer But Better ۾ لينن لکيو تہ:

"اسان جو رياستي ڍانچو تباهيءَ جي انتها تي پهتل آهي. اسان کي ان ۾ پيدا ٿيندڙ خامين کي دور ڪرڻ لاءِ سنجيده قدم کڻڻا پوندا.

انهن بيمارين جون پاڙون ماضيءَ مان اسري رهيون آهن. ماضي جنهن کي اسان اُڇلائي ته ڇڏيو آهي پر اُن کي قابو نه ٿا ڪري سگهون.

ان سلسلي ۾ بيوروڪريسيءَ جي زوال جو عمل معروضي طور تي هلندو رهيو، پر 1923ع کان پوءِ ان کي اندروني ۽ نامياتي شڪل ملڻ شروع ٿي وئي. 1922ع ۾ اسٽالن جنرل سيڪريٽري ٿيو ان کان اڳ جنرل سيڪريٽري جي عهدي جو مطلب هو پارٽيءَ جي سرگرمين کي ترتيب ڏيڻ وارو. (جڏهن بالشويڪ پارٽيءَ انقلاب ڪيو هو ته ان جو جنرل سيڪريٽري سويردوو Sverdiov هو) اهڙيءَ ريت هن عهدي تي بيوروڪريسي ۽ جبر وارو رويو اجتماعي قيادت جي اصول جي بنياد تي نه هو، ۽ رياستي طاقت ۾ وڌندڙ بدعنوان قيادت، اڪثر ڪري پوئين دروازن ذريعي داخل ٿي رهي هئي، اسٽالن جي اڳواٽيءَ ۾ هن بيوروڪريسي جي زوال کي شعوري شڪل ڏيڻ شروع ڪيو. ڪجهه شخصيتون جيڪي انقلاب کان اڳ بالشويڪ پارٽي دشمن هيون اقتدار ملندي ئي چور دروازن مان اچي اسٽالن جي ان عمل کي جاري ڪندي سندس مشير بڻجي ويون. جن ۾ مارٽي نوف (Marty Nov) ياروسلايسڪي (Yaro Slavasky) ۽ وائي شنڪي (Vyshinsky) شامل هئا. انهن دانشورن جيڪي جنگ ۽ شورش دوران قدم کنيا ويا هئا کي هڪ مستقل شڪل ڏني. جيئن جيئن انهن اقتدار تي قبضي کي مضبوط ڪيو انهن افسرشاهاڻي زوال پذيريءَ کي نظرياتي بنياد مهيا ڪرڻ شروع ڪيا. انهن ۾ 1924-26ع جي ڏهاڪي ۾ نظرياتي بنياد فراهم ڪرڻ شروع ڪيا. جيڪي نظريا مارڪسزم جي روح ۽ جوهر جي خلاف هئا. سڀ کان پهرين، اهو ان ڪري پيدا ٿيو جو انقلاب روس جي سرحدن ۾ محدود ٿي پيو ۽ ٻين ملڪن تائين پکڙجي نه سگهيو. اهو نظريو، جنوري 1924ع ۾ لينن جي موت کان پوءِ، هڪ ملڪ ۾ سوشلزم جو نظريو هو. قومي تنگ نظري ۽ پورهيت طبقي جي بين الاقوامي تنظيم (ٽين انٽرنيشنل) تي روسي تنظيم جي رياستي اقتدار جي ٽيڪ تي ٻيڻل هئڻ ۽ بين الاقوامي مزدورن جي نظم و ضبط ۽ ڊسيپلين مان نڪرڻ لاءِ



جوڙيو ويو هو. چاڪاڻ ته ان نظريي جي مڪمل لاڳو ٿيڻ کان سواءِ بيوروڪريسي مڪمل آزاديءَ سان پنهنجي ڪرپشن ۽ جبر کي جاري رکي نه سگهي ها.

انهيءَ نظريي تحت هڪ ملڪ ۾ مارڪسزم جي طبقاتي بين الاقواميت جي مقابلي ۾ سوشلزم جي نظريي جي ڪري قومي تنگ نظري ۽ قومپرستيءَ جا جذبا ۽ خيال غالب ٿيڻ لڳا. جڏهن لينن ۽ بالشويڪن انقلاب آندو هو ته اهو ملڪي انقلاب کان وڌيڪ طبقاتي انقلاب هو، جنهن کي عالمي سوشلسٽ انقلاب جي تسلسل ۽ عمل جو حصو سمجهيو ويندو هو. قومپرستي کي رد ڪندي مارڪسزم انسانيت جي نجات کي طبقاتي ايڪتا ۽ جدوجهد سان تعبير ڪيو. ان بنياد تي بالشويڪ انقلاب ذريعي جيڪا رياست ٺاهي ان کي يونين آف سوويت سوشلسٽ ريپبلڪ (USSR) جو نالو ڏنو ويو. جنهن جو مقصد اهو هو ته انقلابي عمل جي پکيڙ ذريعي سڄي دنيا کي (يو ايس ايس آر) جو نالو ڏنو ويندو. انقلابي قيادت اهو تصور به نه ڪيو هو ته اسٽالن ۽ ان کان پوءِ ايندڙ بيوروڪريٽس هڪ ملڪ ۾ سوشلزم جي پاليسيءَ تحت هن عبوري سوشلسٽ سماج کي هڪ الڳ ۽ مستقل شڪل ڏيندا. ٻين لفظن ۾، مارڪسزم کان اسٽالنزم جي سڀ کان وڏي نظرياتي غداري هڪ ملڪ ۾ سوشلزم جي پاليسي هئي. بالشويڪن سوويت يونين جي دفاع ۾ بيشمار قربانيون ڏنيون ۽ ان کي سامراجي حملي کان بچائڻ واري پاليسي (دنيا جي طبقاتي جدوجهد) ذريعي ان کي بچايو، جنهن جو مقصد روسي انقلاب کي روڪڻ نه پر روسي انقلاب کي بچائڻ هو ۽ ان جي نجات ان ۾ ئي ممڪن هئي. مارچ 1918ع ۾ لينن لکيو ته، "عالمي سامراج هڪ فتح مند ۽ وڌندڙ سماجي انقلاب سان هٿ ملائي نه ٿو هلي سگهي. اها اسان جي پنيرائي ئي آهي جنهن اسان کي اڳتي وڌايو آهي، ۽ جيڪڏهن ٻين ملڪن جي انقلابي بغاوت ڪندڙ ڪارڪنن جي وڏي مدد نه ملي ته اسان ضرور تباهه ٿي ويندا سين".

لينن جو گڏيل ڪم (40 جلدن تي ٻڌل ڪتاب جلد 7 صفحو نمبر 187

مارچ 1919ع ۾ لينن ان خيال کي ٻيهر ورجايو: "اسان هڪ رياست بدران رياستن جي هڪ جامع سرشتي ۾ رهون ٿا، سوويت جمهوري رياستن جو گهڻو وقت سامراجي رياستن سان گڏ ويهڻ جو تصور به نٿو ڪري سگهجي، آخر ۾ ڪنهن هڪ کي ٻئي مٿان فتح حاصل ڪرڻي پوندي. ٻيو (لينن، گڏيل لکڻيون جلد 16، صفحو 149) ، 5 جولاءِ 1921ع تي ڪانگريس جي اجلاس ۾ لينن اها ڳالهه بلڪل واضح ڪئي ته "عالمي انقلاب جي مدد کان سواءِ انقلاب جي فتح ناممڪن آهي ٻين پنتي پيل ملڪن ۾ ۽ ڪجهه وڌيڪ ترقي يافته ملڪن ۾ جلد يا دير سان لازمي برپا ٿيندو، نه ته اسان مٿجي ويندا سين، ان نظرئي ۽ ان سوچ کي آڏو رکندي اسان سوويت نظام کي هر حالت ۽ هر قيمت تي برقرار رکڻ جي ڪوشش ڪئي، ڇاڪاڻ ته اسان ڄاڻون ٿا ته اسان صرف پنهنجي لاءِ نه پر هڪ بين الاقوامي انقلاب لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون".

لينن، گڏيل لکڻيون جلد 18 صفحو نمبر 321

جيڪڏهن لينن جي انهن خيالن جي اسٽالنسٽ آفيسرشاهيءَ جي پروگرام، خيالن ۽ عمل جي رٿابنديءَ سان ڀيٽ ڪئي وڃي ته اسان کي معلوم ٿيندو ته لينن جي سيني ٻت ناهيندڙن ۽ آدرشين جي باوجود سندس خيال ۽ سوچ انهن جي بلڪل ابتڙ هئي. هڪ ملڪ ۾ سوشلزم جي پاليسيءَ تحت، انهن کي مارڪسزم جي اڪثر پاليسين کان انحراف ڪرڻو پيو، مثال طور، هن پاليسيءَ تحت، هڪ ملڪ سان گڏ رهڻ جي عمل کي هڪ مستقل شڪل ڏني، جنهن ۾ سامراجيت ۽ سوشلسٽ معيشت جي بنياد تي ملڪ سان گڏ گڏ رهڻ جو طريقو اختيار ڪيو ويو. قومي بنيادن تي بيوروڪريسي واري سوچ قومي بنيادن تي امن ۽ گڏيل بقاءَ واري پاليسي کي مستقل شڪل ڏئي سامراج سان ڳالهيون ۽ سمجهوتا ڪرڻ شروع ڪيا. ان بنيادن تي جن تي سامراج روس ۾ معاشي تبديليءَ کي رد ڪرڻ ۾ ناڪام ويو، ان تي ننڍيون رعايتون



ڏنيون ويون ته جيئن ترقي ڪندڙ بيوروڪريسي ۽ انقلاب جي عمل کي مغربي ملڪن ۾ نه ٿيڻ ڏي. ان سلسلي ۾، مرحليوار انقلاب جو تصور "هڪ ملڪ ۾ سوشلزم" جي خيال جو تسلسل هو. اسٽالنسٽ بيوروڪريسيءَ طرفان سامراجي ملڪن سان ڳالهين ۽ سمجهوتن ۾ جيڪي رعايتون ڏنيون ويون، تن ۾ انقلابن جو تعين جنهن ۾ نيو ڊيموگرافڪ ملڪن کي قومي جمهوري انقلابن يا عوام جي جمهوري انقلابن جي طور ڪرڻ به شامل هو." جنهن ۾ انقلاب کي محدود ڪرڻ جو مقصد انهن ملڪن ۾ سامراج جي استحصال کي برقرار رکڻ هو. انهيءَ پاليسيءَ جي نتيجي ۾ چين (27-1925ع)، چلي، هندستان ۽ ٻين ڪيترن ئي ملڪن ۾ انقلابن کي شڪست جي منهن ڏيڻو پيو.

ملڪي محاذ تي، لينن هڪ عبوري سوشلسٽ سماج (جيڪو صرف بين الاقوامي انقلاب ذريعي ئي سوشلزم طرف ترقي ڪري سگهي پيو) لاءِ هيٺيان مفروضا مرتب ڪيا:

- عبوري رياست جا سمورا آفيسر عوام جي بنيادي پنچائتن (ڪائونسلن) ذريعي چونڊيا وڃن. انهن پنچائتن جو احتساب ڪيو ۽ ڪنهن به آفيسر کي واپس گهرائڻ جو سوويت يونين جو حق حاصل هجي.
- افرادي قوت جي وڏن حصن جي بنياد تي هر ڪم ڪندڙ جي ڏاڪي به ڏاڪي متبادل اقتدار ۾ حصو وٺڻ لاءِ (لينن جي لفظن ۾، هر بورچي وزيراعظم آهي ۽ هر وزيراعظم هڪ بورچي آهي يا ٿي سگهي ٿو).
- ڪا الڳ فوج يا رياست نه هوندي، پر انقلاب جي دفاع لاءِ هٿياربند پورهيت عوام هوندي، گهڻو ڪري دفاعي ڪم سپاهين جي سوويت جي ذميداري هوندي.

- کنهن بہ سرڪاري ملازم جي اجرت ۽ پگهار هڪ عام ماهر مزدور کان وڌيڪ نہ هوندي.

اهي بنياد انقلاب کان پوءِ ڪجهہ سالن تائين خونريزي، گهرو ويڙهہ ۽ بدترين حالتن جي باوجود قائم رهيا. انساني سماج جي تاريخ ۾، ان کان وڌيڪ حقيقي جمهوري ڍانچو ۽ طريقا نہ ڏٺا ويا آهن. اڄ جو سامراجي پروپيگنڊا لينن ۽ بالشويڪن کي جنهن آمريت جي بدترين شڪل قرار ڏئي ٿو. تاريخي حقيقتون نہ رڳو ان ڳالهہ کي رد ڪن ٿيون، پر اڄ جي مالياتي سرمائي جي ظالماڻي جمهوريت جي جعلي جمهوريت کي بہ بي نقاب ڪن ٿيون.

پر اسٽالنزم جي نظرئي هيٺ انقلاب جي زوال جي عمل بہ مزدورن جي جمهوريت جي هن نظام کي تباهہ ڪرڻ شروع ڪيو. هن جمهوري بنياد جي تباهيءَ سوويت يونين جي ٽٽڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. ٽراٽسڪيءَ مطابق، منصوبہ بند (سوشلسٽ معيشت) جي مسلسل تيز ترقي ۽ ارتقاء لاءِ مزدورن جي مڪمل جمهوري ڪنٽرول ۽ انتظام جي ضرورت آهي، جيئن انساني جسم لاءِ آڪسيجن ضروري هوندي آهي. "روس جي انقلاب جو زوال هڪ ڏينهن، هڪ سال ۾ آيو هو، پر اهو 1923ع کان وٺي 1938ع تائين جي عرصي تائين پکڙيل آهي. ان زوال پذيريءَ خلاف لينن سڀ کان پهريون آواز اٿاريو هو. لينن جي موت کان پوءِ هن جدوجهد کي ٽراٽسڪيءَ جاري رکيو.

پر انساني تاريخ بہ وڏن ظلمن ۽ سانحن جي آکاڻي آهي. هتي بہ سوال پيدا ٿين ٿا. پهريون، لينن ۽ ٽراٽسڪيءَ ۽ بالشويڪ جيڪي انقلاب جي زوال جي خلاف وڙهي رهيا هئا، انهن کي عوامي حمايت ڇو نہ ملي؟ ٻيو، جيڪڏهن اسٽالن جي جاءِ تي ٽراٽسڪي سوويت يونين ۾ اقتدار تي قبضو ڪري ها، تہ ڇا پوءِ بہ زوال لازم هو؟

1917ع واري انقلاب ذريعي جنم وٺندڙ تبديلين جا ثمر روسي معاشري کي 1923ع کانپوءِ ملڻ شروع ٿيا. مثال طور 1913ع جي معيار



تي سماجي ۽ صنعتي ترقي 1923ع ۾ ظاهر ٿي. جڏهن تہ 1917ع کان پوءِ افراتفري وارين حالتن سبب انقلاب کان تمام جلد ئي زندگيءَ جو معيار زوال پذير ٿي چڪو هو. پر معيشت تڏهن ئي سنڀلڻ شروع ٿي جڏهن سياسي زوال پذيري شروع ٿي چڪي هئي ۽ بيوروڪريسي قائم ٿي چڪي هئي ۽ بيوروڪريسي جمهوريت کي ختم ڪري پنهنجي راڄ کي مضبوط ڪري رهي هئي. پر اهو ان وقت ٿيو جڏهن روس جي ماڻهن جي زندگيءَ جو معيار سياسي انقلاب ذريعي تيزيءَ سان ترقي ڪرڻ لڳو. جنگين، انقلابن ۽ انقلابن جي طوفانن ۽ افراتفريءَ مان نڪرندڙ پورهيت طبقي جي اڪثريت ٿڪجي پئي هئي. گهٽي عرصي کان پوءِ ڪين اعليٰ معيار جي زندگي نصيب ٿي، هنن ۾ نئين جنگ وڙهڻ جي همت نہ رهي. ان ڪري هنن ٽراٽسڪيءَ ۽ ڪاٻي ڌر جي مخالفن جو ساٿ نہ ڏنو، جن کي انقلاب جي زوال کان بچائڻ لاءِ اسٽالنسٽ بيوروڪريسي خلاف نئين سياسي ۽ سماجي جنگ وڙهڻي پئي هئي. الميو اهو هو تہ جنهن آڪٽوبر انقلاب، روسي عوام جي زندگيءَ جي معيار کي تيزيءَ سان بلند ڪرڻ شروع ڪيو هو، لينن سان گڏ اڳواٽي ڪندڙ ٽراٽسڪيءَ جي عوامي حمايت کي ڪمزور ڪرڻ ۾ بہ انهيءَ ئي زندگي جي وڌندڙ معيار هڪ اهم ڪردار ادا ڪيو.

ٻئي پاسي اهو بہ ضروري ناهي تہ جيڪڏهن اسٽالن جي بدران ٽراٽسڪي اقتدار ۾ هجي ها تہ انقلاب ۾ زوال نہ اچي ها، پر تاريخ ۾ فرد جي ڪردار کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. اهو سچ آهي تہ جيڪڏهن لينن ۽ ٽراٽسڪي نہ هجن ها تہ انقلاب نہ اچي ها. پر اسٽالِن ان انحطاط جي مقصدي عمل کي شعوري ۽ اندروني شڪل ڏني. گهٽ ۾ گهٽ ٽراٽسڪيءَ جي اڳواٽيءَ ۾ ائين نہ ٿيڻو هو. پر پوءِ حتمي تجزيي ۾ مقصدي حالتن جو فيصلو ڪندڙ اثر هوندو آهي. تنهن ڪري، تاريخ جي انهن عملن ۾ ڪو بہ حتمي فيصلو يا راءِ نٿي ڏئي سگهجي، ڇاڪاڻ تہ هڪ کان وڌيڪ عنصر اهڙا هئا، جن جي ڪري انقلاب زوال پذير ٿيو.

ان زوال پذيريءَ کي مڪمل ڪرڻ لاءِ جتي اسٽالن جي بيوقوف بيوروڪريسيءَ شعوري يا غير شعوري طور تي سياسي غلطيون ۽ ڏوهه ڪيا. (جرمني، فرانس، چين، برطانيہ وغيره) اتي انهن بالشويڪ، لينن اسٽ مخالف ڌر کي چيپاٽڻ جي بہ ڪوشش ڪئي. هن جنگ ۾ اٽڪل 1.3 ملين ماڻهو جيڪي بالشويڪ ۽ انقلاب جي سياسي زوال جي خلاف وڙهندڙن ۽ سندن خاندانن جو قتل عام ڪيو ويو. 1938ع تائين، پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ (بالشويڪ پارٽي) جي 24 ميمبرن مان 23 ميمبر، جن آڪٽوبر انقلاب جي اڳواٽي ڪئي هئي، يا تہ گهرو ويڙهه ۾ مارجي ويا يا شهيد ٿي ويا يا وري سائبيريا جي جيلن ۽ ڪئمپن ۾ قيد ڪيا ويا يا جلاوطن ڪيا ويا هئا روس ۾ صرف هڪ ميمبر باقي رهيو. جيڪو اسٽالن پاڻ هو.

پر اسٽالنزم ۽ بيوروڪريسي جو راڄ جيڪو 5 کان 7 سالن تائين قائم رهيو ان جو بنيادي سبب آڪٽوبر انقلاب جي معاشي تبديلي هئي. اسٽالنزم بنيادي طور آڪٽوبر انقلاب جي خلاف هو اهو هڪ سياسي ردِ انقلاب هو. جڏهن تہ معاشي بنياد اهي ئي رهيا، جيڪي جاگيرداري ۽ سامراجيت جو خاتمو ڪري سوشلسٽ رٿابنديءَ تي ٺاهيا ويا هئا. انهن 65 سالن ۾ هن معاشي نظام سرمائيدارانہ معيشت جي نظام تي پنهنجي برتري ثابت ڪئي، تيل، سيمنٽ، عمارتون، ٽريڪٽر، خلائي ٽيڪنالاجي ۽ زبردست سماجي ترقيءَ جي صورت ۾. اسٽالنسٽ بيوروڪريسي نسلن تائين ان ترقيءَ جي ڏڍ ۽ ٺيڪ تي حڪومت ڪئي. پر مارڪسزم-ليننزم سان ڪيل غداري ۽ خيانت سبب، بيوروڪريسي طرفان سوشلزم کي نظرياتي ۽ عملي طور تي جنهن طريقي سان مسخ ڪيو ويو، ان جي بنياد تي اهو گهڻو وقت قائم نہ رهي سگهيو. انهن بنيادن تي اسٽالنزم جو گهڻو وقت زنده رهڻ ناممڪن هو.

جيئن جيئن منصوبابندي ڪيل معيشت صنعتي ۽ ٽيڪنالاجي ترقي کي تيز ڪيو، معيشت پڻ ترقي ڪندي وئي. پر هن معيشت جي ترقيءَ سان، بيوروڪريسيءَ جو حجم پڻ تمام گهڻو وڌي ويو. مزدور



جمهوريت ۽ ڪنٽرول ۽ انتظام جي کوٽ سبب، هن بيوروڪريسي آمريت معيشت تي بار ٿيڻ شروع ڪيو. 1970ع جي ڏهاڪي ۾، روس جي صنعت ۽ معيشت 1 ملين کان وڌيڪ شين جي پيداوار ڪري رهي هئي. پر هن جو منصوبو 280 ملين ماڻهن جي ملڪ لاءِ هو جيڪو دنيا جي خشڪ زمين جو 6/1 حصو ڍڪي پيو. صرف ماسڪو ۾ 50 وزارتون ڪم ڪري رهيون هيون. جنهن سبب بدانتظامي جي ڪري پيدا ٿيندڙ سامان جي معيار ۾ تيزي سان گهٽتائي اچي رهي هئي. ٻئي طرف بازار کان آزاد ۽ نفعي جي شروعات واري سماج ۾ پيداوار پنهنجي عروج تي هئي، پر بدانتظامي جي ڪري ان پيداوار جو وڏو حصو ضايع ٿي رهيو هو. ان سان گڏ بيوروڪريٽس پنهنجي فضول خرچي ۽ ڪرپشن ۾ وڌاءُ آندو. تاريخ گواهہ آهي تہ ظلم ۽ آمريت جي هر دور ۾ ڪرپشن لازمي طور تي وڌي ٿي. اهڙيءَ ريت بيوروڪريسي جي ڪرپشن، بدانتظامي ۽ پنهنجي وجود جي بار جي ڪري، مهانگائي جي معيشت جو دم ٻوساٽجڻ لڳو. 1970ع تائين، بيوروڪريسي 25 ملين کان وڌيڪ ماڻهن تي مشتمل هئي. پورهيت جمهوريت جي کوٽ آخرڪار سوشلسٽ معيشت جي ترقيءَ جي عمل کي روڪڻ شروع ڪيو. پر انهن اندروني پاليسين جو تسلسل بيوروڪريسيءَ جون پرڏيهي پاليسيون بہ هيون. آمريڪي سامراج ۽ بيوروڪريسيءَ جي رويي جي وچ ۾ تضاد ۽ سرد جنگ جو اصل سبب ٻن حڪمران گروهن جا متضاد معاشي بنياد هئا. پر هڪ ملڪ ۾ سوشلزم جي اسٽالنسٽ نظريي سبب سامراجي ملڪن ۾ انقلابي عمل کي تيز ڪرڻ بدران هڪ طرف سامراج سان سمجهوتو ڪيو ويو تہ ٻئي طرف ٻاهرين خطرن خلاف هٿيارن ۽ دفاع تي تمام گهڻا وسيلا خرچ ٿيڻ لڳا. مجموعي قومي آمدني ۽ پيداوار جو 60 سيڪڙو سڌي يا اڻ سڌي طرح انهن شعبن تي خرچ ٿيندو رهيو. ٻئي پاسي ساڳي امن ۽ گڏيل بقاءَ واري پاليسيءَ جي ڪري 1930ع واري ڏهاڪي ۽ جنگ کان پوءِ جي سامراجي ملڪن ۾ اُڀرندڙ مزدور انقلاب روايتي ۽ سماجي جمهوري قيادتن جي غلط پاليسين جي ڪري ناڪام ٿيا ۽ سرمائيداراڻي نظام کي پاڻ ٻيهر بحال ڪرڻ ۾ هٿي ملي. ٻي

عالمي جنگ دوران، 1943ع ۾ يالٽا معاهدي ۾، اسٽالن، چرچل ۽ روزويلٽ مغربي ۽ مشرقي يورپ کي ورهائڻ لاءِ هڪ معاهدي هيٺ فرانس، اٽلي ۽ يورپ جي يقيني انقلابن جن جي قيادت ماسڪو نواز (اسٽالنسٽ) جماعتن وٽ هئي کي قربان ڪري ڇڏيو. انهن پاليسين جي نتيجي ۾ سامراج کي دنيا ۾ هڪ نئين (تاريخ ۾ 1948-73ع جو عروج) سرمائيدارانہ عروج جو موقعو مليو، جنهن کي استعمال ڪندي خاص ڪري آمريڪي سامراج عالمي معاشي ۽ سياسي دنيا ۾ پنهنجي پوزيشن مضبوط ڪئي. ان معاشي اپار جي اثرن سبب سوويت يونين تي بہ معاشي ۽ اقتصادي دٻاءُ وڌڻ لڳو. پهرين 3 ڏهاڪن ۾ هڪ ملڪ ۾ سوشلزم جي فرسوده پاليسي تحت، اسٽالنزم سوويت معيشت کي محدود ڪري ڇڏيو ۽ عالمي مارڪيٽ ۾ حصو نہ ورتو. رڳو 1953ع ۾ اسٽالِن جي موت کان پوءِ ئي عالمي منڊيءَ ۾ معيشت جي اندروني دٻاءَ جي آڌار تي مداخلت ڪئي وئي ۽ ان تي بہ سخت پابنديون لڳايون ويون. ٻئي طرف سوويت يونين تي سامراج جو معاشي دٻاءُ وڌي رهيو هو ۽ سامراجي ملڪن ۾ انقلابي تحريڪن جي ٽٽڻ سبب حالتون بگڙي رهيون هيون، جنهن کي اسٽالنسٽ اڳواڻ سمجهڻ کان قاصر هئا. ٽراٽسڪيءَ 1929ع ۾ اسٽالنسٽ نظرين جي ان سوچ بابت لکيو هو ته:

انهن (اڳواڻن) اهو سمجهڻ نہ ٿي چاهيو تہ هڪ فورڊ ٽريڪٽر هڪ ڪريوسوٽ توپ جيترو خطرناڪ آهي. انهن جي وچ ۾ فرق صرف اهو آهي تہ ڪڏهن توپون استعمال ڪيون وينديون آهن جڏهن تہ لڳاتار ٽريڪٽر دٻاء وڌائيندو رهندو آهي، ٽريڪٽر اهو پڻ ڄاڻي ٿو تہ آخري حربي طور توپ ان جي پويان رهندي آهي. (ٽراٽسڪي 1929).

لينن پڻ واضح طور تي هن خطري جي نشاندهي ڪئي هئي "جيستائين اسان جي سوويت جمهوريہ پوري سرمائيدار دنيا جي چوڌاري الڳ الڳ سرحدن ۾ محدود رهي ٿي ان وقت تائين، اهو هڪ بيوقوفاڻو خواب ۽ هڪ بيوقوف خيال هوندو. جڏهن اسان اهو سوچڻ شروع ڪيو تہ اسان مڪمل معاشي آزادي حاصل ڪري ورتي آهي ۽ اسان جا خطرا



ختم ٿي ويا آهن. سرمائيداري، پنهنجي عالمي سطح تي، اجا بہ سوويت يونين کان وڌيڪ طاقتور آهي، نہ رڳو فوجي، پر اقتصادي طور تي بہ. اسان کي ان بنيادي صورتحال کي ذهن ۾ رکڻو پوندو ۽ هتان کان اڳتي وڌڻو پوندو ۽ ان کي ڪڏهن بہ نہ وسارڻو پوندو.

لينن، گڏيل لکڻيون جلد نمبر 17 صفحا 102 ۽ 409

روس، جيڪو غريب ملڪ آهي، اهو دولتمند ۽ خوشحال تڏهن ئي بڻجي سگهي ٿو، جڏهن اسان بزدليءَ ۽ مصنوعي نعرن کي هٽائي، پنهنجيون سموريون قوتون گڏ ڪري، هر شيءِ کي ساڙي ڇڏيون ۽ هر رڳ کي دٻائي ڇڏيون ۽ اهو سمجهي ڇڏيون تہ آزادي صرف هن بين الاقوامي سوشلسٽ انقلاب جي ان شاهراهہ مان ئي حاصل ڪري سگهون ٿا جنهن تي اسان قدم رکيو آهي.

لينن، گڏيل لکڻيون - جلد 15 صفحو نمبر 165

پر لينن جي برعڪس، روس ۾ اسٽالنسٽ سوچ رکندڙ بيوروڪريسيءَ رڳو سامراج نہ پر ٻين ملڪن ۾ سوشلسٽ انقلابن جي حوالي سان بہ هلندڙ مزدور تحريڪ کي تمام گهڻو ڇيهو رسايو. چين، ڪيوبا، ويٽنام، ڪمبوڊيا، لائوس، موزمبيق، انگولا ۽ ٻيا ملڪ جتي بغاوتن ۽ گوريلا جنگين ذريعي انقلاب آيا ۽ سرمائيداري ۽ جاگيرداري جو تختو اونڌو ڪيو ويو، انهن آڏو ماسڪو جي سوشلزم جو ماڊل عالمي سياست تي غالب هو. پر ان دور ۾ لينن جي ماسڪو بدران اسٽالن، خرو چيف، برزنيف ۽ نيدروپوف جي ماسڪو جو نمونو هو. جنهن جو مطلب اهو ٿيو تہ هنن بہ اهي ئي خيال ۽ منصوبا اختيار ڪيا جيڪو ماسڪو ۾ اسٽالنسٽ بيوروڪريسيءَ جو نظريو هو. اهڙيءَ ريت چين، سوويت يونين، ڪيوبا، ويٽنام ۽ ٻين سوشلسٽ ملڪن جي الحاق سان جيڪا هڪ عظيم سوشلسٽ فيڊريشن بڻجي سگهي پئي، هڪ ملڪ ۾ سوشلزم جي پاليسيءَ تحت قومي سوشلسٽ رياستن ۾ ورهائجي وئي. ڪامريڊ پاڙ ۾ گولن. بارودن ۽ ميزائلن جي زبان ۾

ڳالھائي رهيا هئا. چيني، روسي ۽ ٻيون بيوروڪريٽ قيادتون سموريون پاليسيون قومي مفادن تحت ناهي رهيون هيون. ان ڪري سوشلسٽ ملڪن جي وچ ۾ تضاد ۽ ڪڏهن ڪڏهن جنگيون به ٿيون. اهو اسٽالنزم جي قومي سوشلزم جي پاليسيءَ جو منفي نتيجو هو.

پر ساڳئي ئي وقت ۾ مغرب جي پيٽ ۾ اندروني طور تي بيوروڪريسيءَ جي ڪرپشن جي بار، مغرب جي مقابلي ۾ ٽئڪنڪ، مزدور جمهوريت جي کوٽ ۽ بيوروڪريسي جبر جي ڪري سوشلسٽ معيشت جي رفتار گهٽجڻ شروع ٿي وئي. 1950ع جي ڏهاڪي ۾، جڏهن معيشت 12 ڪان 15 سيڪڙو جي سالياني شرح سان وڌي رهي هئي، اها 1960 جي ڏهاڪي ۾ 10 ڪان 12 سيڪڙو ۽ 1970 واري ڏهاڪي ۾ 6 ڪان 8 سيڪڙو تائين گهٽجي وئي، 1980وع ۾ گورباچوف جي اقتصادي صلاحڪار انيل ابيگيان جي مطابق 0% سيڪڙو ڪان ته گهٽ ٿي وئي. ان معاشي بحران بيوروڪريٽس جي سياسي بي اعتمادي کي به متاثر ڪيو ۽ اُهي چڪتاڻ ۾ غرق ٿيڻ لڳا. گورباچوف جيڪو بيوروڪريسي جو نسبتاً ذهين ۽ هوشيار نمائندو هو. هن اسٽالنزم کي سڌارڻ جي ڪوشش ڪئي. پر معاشي، سماجي ۽ قومي تضادن جو لاوو آمرانه بيوروڪريسي جي جبر هيٺ پئرسترائيڪا، گلاانا است جي پاليسين سبب ڦاٽي پيو. اسٽالنزم جو بحران ايترو ته سڙي چڪو هو جو اصلاح جي ڪا به گنجائش نه رهي هئي. گورباچوف جڏهن پنهنجين پاليسين جي شڪست ڏٺي ته هن سامراج جي ڇيڙي ۾ پناهه وٺڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. ان جي خلاف، پراڻن سخت گير اسٽالنسٽن جي هڪ ڪمزور ۽ ٽڪل گروهه جينا ڊيزنيف جي اڳواڻيءَ ۾ بغاوت جي ڪوشش ڪئي، جنهن کي سامراج جي حمايت سان بورس يلسن ناڪام بڻائي ڇڏيو. پر سامراجي حمايت هيٺ روس ۾ سرمائيداريءَ جي بحالي اڃا مڪمل نه ٿي آهي. 15 سالن جي وڏي ڪوشش جي باوجود بيوروڪريسي جو سرمائيدار مفاد وارو طبقو معيشت کي مڪمل طور پرائيويٽ مالڪي ۾ منتقل نه ڪري سگهيو آهي. تنهن هوندي به، روس جي غالب معيشت ۽ ڳري



صنعت جو گهڻو حصو اڃا تائين رياست جي ملڪيت آهي. جنهن جي نجڪاري ڪري سرمائيدارن جا منافعو حاصل ڪرڻ جا خواب چٽ ٿي ويا آهن. جنهن سبب هڪ پاسي اسٽالنزم ٽٽي چڪو آهي، ته ٻئي طرف سرمائيداراڻي نظام سخت انتشار جو شڪار آهي ۽ پنهنجا پير ڪوڙي نه سگهيو آهي. پر اڳوڻي سوويت يونين جي رياستن ۽ روس ۾ انساني زندگيءَ جو رخ وحشت ۽ بربريت ڏانهن وڃي رهيو آهي. ڪنهن سڌاري بدران تباهي ۽ بربادي جو دور هلي رهيو آهي. 1997ع تائين روس ۾ بيروزگار ماڻهن جو انگ 50 ملين تائين پهچي چڪو هو. قيمتون 700 کان 3600 سيڪڙو تائين وڌي ويون آهن. گهرن ۽ ڪرائين ۾ واڌ جي به اها ئي صورتحال آهي. ماسڪو ۾ ڏوهن جي رفتار ۽ تعداد 2000 سيڪڙو وڌي وئي آهي. 1992 ۾ ڊالر جي پيٽ ۾ روبل جي قيمت اٽڪل 2 روبل هئي. 1997 ۾، هڪ ڊالر بدلي هزارين روبل جي قيمت هئي. هن معاشي ۽ سماجي بحران روس جي مزدورن کي سخت صدمي ۽ پريشانيءَ ۾ مبتلا ڪري ڇڏيو آهي. هڪ طرف هنن 60 سالن تائين سوشلزم ۽ ڪميونزم جي نالي تي اسٽالنزم کي ڪيترن ئي نسلن تائين برداشت ڪيو. جنهن سبب انهن ۾ سخت نفرت پيدا ٿي پئي آهي. پر سرمائيداريءَ جي ترقيءَ جي عمل ڪين تباهي جي ڪناري ڏانهن ڌڪي ڇڏيو آهي. انهيءَ سبب روس ۾ سماجي بيچيني ۽ انتشار پنهنجي انتها تي پهچي چڪو آهي. اهو انتشار نه رڳو سماج جي هيٺين سطح تي بحرانن کي وڌائي رهيو آهي، پر رياست ۽ بيوروڪريسي جي مختلف حصن ۾ تضاد ۽ ٽڪراءُ وڌي رهيو آهي. اها صورتحال فوج جي پڻ آهي.

سوويت يونين جو ٽٽڻ مارڪسسٽن لاءِ ڪو حيران ڪندڙ واقعو نه هو، پر ان جي ٽٽڻ جي اڳڪٿي سندس بانين پاران ڪئي وئي هئي.

ٽراٽسڪيءَ 1920ع ۾ لکيو هو ته "صحيح قيادت کان سواءِ پرولتاريه (مزدورن جي جمهوريت) جي آمريت ڪمزور ٿي ويندي ۽ ان جو ٽٽڻ بين الاقوامي انقلاب کي سخت ڌڪ رسائيندو، جنهن مان نڪرڻ

۾ ڪيترائي سال لڳندا”. مارڪس پاڻ پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب “سرمايو” ۾ وضاحت ڪئي آهي ته پيداوار جا وسيلا جڏهن معاشي ۽ قومي ڍانچي ۾ جنم وٺن ٿا، تڏهن انهن جي ارتقا جي عمل ۾، جڏهن اهي قومي سرحدون يا تنگ نظر نظام جي ديوار رڪاوٽ بڻجڻ شروع ڪن ٿا ته پيداوار جي انهن ذريعن ۾ جمود ۽ پوءِ ان سماج ۾ ٻوسٽ ۽ خلفشار پيدا ٿئي ٿو، جيڪو سماج کي تاريخي جبر جو شڪار بڻائي ٿو ۽ ان جو ٽٽڻ اٽَل ٿي پوي ٿو، اهو ئي سبب آهي جو سوويت يونين جو ٽٽڻ مارڪسزم جي نفي نٿو ڪري پر ان جي سائنسي سچائي کي ناڪاري انداز ۾ ثابت ڪري ٿو. ساڳي بنياد تي اهو سائنسي يقين سان چئي سگهجي ٿو ته اڄ به آڪٽوبر جي زمين کي بچائڻ جو واحد رستو هڪ ئي آهي جيڪو هڪ نئون ۽ جديد سوشلسٽ انقلاب ئي ٿي سگهي ٿو.

سنڌيڪار: ايڊووڪيٽ مزمل عمر
ڪمپوزنگ، پروف ريڊنگ: ايڊووڪيٽ مزمل عمر، محب علي لغاري
پنهنجا تجويزون ۽ راءِ هن تي اي ميل ڪريو:
muzammilmarxist@gmail.com